جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL_
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 16 | آچر 11 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 28 ربيع الثاني 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 360

خيبرپختونخوا ۾ گورنرراڄ آئيني طور غلط ناهي: مراد علي شاهه

سنڌ جوڏو وزير سيد مراد علي شاهه سکر ايئرپورٽ پهچي ويو، جتي هن صحافين سان ڳالهيون پڻ ڪيون ان موقعي تي وڏي وزير سان گڏ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه سميت ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا

سنڌ ۾ ڪڻڪ جي پيداوار وڌائڻ لاءِ آبادگارن کي سبسڊي ڏني پئي وڃي. هن دعويٰ ڪئي ته سنڌ ۾ ڪڻڪ وڏي مقدار ۾ موجود آهي، قيمتن کي مستحڪم رکڻ لاءِ سرڪاري ڪڻڪ جاري ڪئي پئي وڃي

مان سومر کان چين جي دوري تي روانو ٿيندس، جتي 15 مفاهمتي يادداشتن (ايم او يوز) تي صحيحون ڪيون وينديون. دوري دوران ٿر ڪول منصوبي جي بهتري ۽ سيڙپڪاريءَ بابت اهم معاهدا ڪيا ويندا

اليڪٽرڪ گاڏين ۽ اي وي اسڪوٽرن جي تياريءَ جا پلانٽ لڳائڻ بابت پڻ اڳڀرائي ٿيندي پاڪستان ۽ چين وچ ۾ 70 سالن کان وڌيڪ عرصي تي ٻڌل دوستي آهي

جنهن جي شروعات شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪئي هئي. ٿر ڪول مان بجليءَ جي پيداوار ۾ واڌ ٿي آهي، جنهن جو افتتاح پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪيو

چين جي دوري دوران اهم شخصيتن سان ملاقاتون ڪيون وينديون، دنيا جي سڀ کان وڏي گارجس ڊيم ۽ مصنوعي ذهانت جي ليبارٽري جو پڻ دورو ڪيو ويندو شنگهائي وڃڻ جو به پروگرام آهي

سکر (رپورٽر) سنڌ جوڏو وزير سيد مراد علي شاهه سکر ايئرپورٽ پهچي ويو جتي هن صحافين سان ڳالهيون پڻ ڪيون ان موقعي تي وڏي وزير سان گڏ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه سميت ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا. سکر ايئرپورٽ تي صحافين سان سان ڳالهائيندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جي پيداوار وڌائڻ لاءِ آبادگارن کي سبسڊي ڏني پئي وڃي. هن دعويٰ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

سکر: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه ميڊيا سان اڳلهائيندي

وزيراعظم شهباز شريف جو آذربائيجان جي صدر سان ٽيليفون تي رابطو، گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي ڳالهيون

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف آذربائيجان جي صدر الهام عليوف سان اڄ ٽيليفون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

خيبرپختونخوا کانپوءِ سنڌ ۾ به ايمرجنسي لڳي سگهي ٿي، مشال يوسفزئي جي بلاول ڀٽو کي تنبيهه

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪِ انصاف (پي ٽي آءِ) جي اڳواڻ مشال يوسفزئي چيو آهي ته /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو، منظوري لاءِ اڄ ڪابينا اجلاس طلب

آئين جي آرٽيڪل 232 موجب، جنگ يا اندروني بدامنيءَ جي صورتحال ۾ صدر ڪنهن صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪري سگهي ٿو

10 ڏينهن اندر پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن جي منظوري لاءِ پيش ڪرڻ لازمي آهي، ايمرجنسي دوران پارليامينٽ کي ڪنهن صوبي يا ان جي ڪنهن حصي بابت قانون سازي ڪرڻ جو اختيار هوندو

آرٽيڪل 232 تحت وفاقي حڪومت جا انتظامي اختيار وڌي ويندا، جنهن تحت اها صوبائي حڪومت کي انتظامي اختيارن جي استعمال بابت هدايتون ڏئي سگهندي

وفاقي حڪومت حڪم ذريعي صوبائي حڪومت جا سمورا يا ڪجهه اختيار پاڻ سنڀالي سگهي ٿي يا اهي اختيار گورنر حوالي ڪرڻ جي هدايت ڏئي سگهي ٿي

وفاق کي صوبي جي ڪجهه ادارن يا اختيارين بابت آئيني شقن کي معطل ڪرڻ جو اختيار به حاصل هوندو آرٽيڪل 232 تحت وفاقي حڪومت هاءِ ڪورٽ جا اختيار پاڻ سنڀالي نٿي سگهي

صوبائي اسيمبليءَ جا قانون سازيءَ وارا اختيار به مڪمل طور ختم نٿا ٿين، پر جيڪڏهن صوبائي قانون ۽ پارليامينٽ جي قانون ۾ ٽڪراءُ ٿئي ته پارليامينٽ جو قانون لاڳو ٿيندو ۽ ان سان ٽڪراءَ ۾ آيل صوبائي قانون غير اثرائتا ٿي ويندا

اسلام آباد (بيورو) وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي، ان جي منظوري لاءِ سياڻي وفاقي ڪابينا جو اجلاس طلب ڪيو ويو آهي. ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي منظوري لاءِ پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن جا اجلاس به طلب ڪيا ويا آهن. آئين جي آرٽيڪل 232 موجب، جنگ يا اندروني بدامنيءَ جي صورتحال ۾ صدر ڪنهن صوبي ۾ ايمرجن/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ۽ صدر مملڪت آصف علي زرداري جي ملاقات جو ڏيک

وزيراعظم شهباز شريف سان ذيابيطس جي عالمي ۽ قومي طبي ماهرن جي ملاقات

متوازن غذا، باقاعده جسماني سرگرمي ۽ زندگي جو صحتمند معمول اختيار ڪرڻ جي حوالي سان عوامي آگاهي کي قومي سطح تي هٿي ڏني وڃي

وزيراعظم محمد شهباز شريف ذيابيطس جي عالمي ۽ قومي ماهرن جي وفد ملاقات

وفد ۾ عالمي اينڊوڪرائنولاجي سوسائٽي جو صدر ڊاڪٽر سيد عباس رضا جي قيادت ۾ مختلف ملڪن جا طبي ماهر شامل هئا

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف ذيابيطس جي روڪٿام لاءِ جامع ۽ موثر حڪمت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

پي ٽي آءِ انتهاپسندي جي سياست نه ڇڏي ته عمران خان جيل ۾ رهڻ وارو آصف زرداري جو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيندو: بلاول ڀٽو

انتهاپسندي ۽ بائيڪاٽ جي سياست سبب تحريڪ انصاف سيني سان جهيڙي ۾ مشغول آهي

پي ٽي آءِ انتها پسندي جي سياست نه ڇڏي ته خان صاحب جيل ۾ رهڻ جو آصف علي زرداري جو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيندو

اسلام آباد (بيورو) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

صدر آصف علي زرداري پاران ذهني صحت انساني وقار ۽ قومي ترقي جو لازمي جز قرار

اهي ذهني صحت جي حوالي سان رڳو آگاهي تائين محدود رهڻ بدران عملي قدم کڻن، اهڙو پاڪستان جوڙڻ جي لاءِ ڪوششون جاري رکڻ گهرجن

جتي ماڻهو ڪنهن فرق ڪانسواءِ ذهني صحت بابت مدد حاصل ڪري سگهن ۽ هر شخص عزت ۽ وقار سان اميد جوڳي زندگي گذاري سگهي

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري ذهني/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

سنڌ حڪومت جو سرڪاري ملازمن جي جي پي فنڊ بابت اهم اعلان

نئين شرح سنڌ جي سمورن صوبائي سرڪاري ملازمن جي پروويڊنٽ فنڊن تي لاڳو هوندي

سنڌ جي ناڻي کاتي لاڳاپيل آفيسن ۽ اڪائونٽس کاتن کي فيصلي تي عملدرآمد لاءِ خط به موڪلي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت صوبائي سرڪاري ملازمن جي جنرل پروويڊنٽ فنڊ (جي پي فنڊ) تي مالي سال 2025_26ع لاءِ منا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

نينگري جي علاج جا سمورا خرچ پيسڪو کي ڀرڻ جو حڪم

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بجليءَ جو ڪرنٽ لڳڻ سبب ٻئي هٿ وڃائيندڙ 9 ور/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

حڪومت پاڪستان قومي ذهني صحت پاليسي 35 تي ڪم ڪري رهي آهي: وزيراعظم

تعليمي ادارن، خاندانن، سول سوسائٽي، ماهرن، ترقياتي حصيدارن جي گڏيل ڪوشش سان ئي ممڪن آهي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته حڪومت قومي صحت واري وزارت جي ذريعي پاڪستان قومي ذهني صحت پاليسي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

گورنرراڄ جي ڌمڪين کان نه ڊڄنداسين، هاڻي ويڙهه ڪرسيءَ نه پر پختونن جي حقن لاءِ آهي: سهيل آفريدي

سهيل آفريديءَ جي اڳواڻيءَ ۾ پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ جو ڇهون ڏينهن، مارچ جا شرڪت ڪندڙ پشاور کان چارسده پهچي ويا

صوابي پهچي لانگ مارچ جي حتمي حڪمت عمليءَ جو اعلان ڪيو ويندو، جيڪو مخالفن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيندو

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريديءَ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

پشاور: ڪي پي ڪي جو وڏو وزير سهيل آفريدي ميڊيا سان ڳالهائيندي

اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار جي صدارت ۾ اجلاس منعقد آهي

حافظ نعيم طرفان غريب عورتن ۽ ضرورتمند خاندانن جي توهين ڪرڻ شرم جوڳي ڳالهه آهي: شرجيل ميمڻ

غريبن جي امداد کي خيرات چوڻ غريب دشمن، منافقانه سوچ جي نشاني آهي، حافظ نعيم طرفان غريب عورتن ۽ ضرورتمند خاندانن جي توهين ڪرڻ شرم جوڳو عمل آهي

حافظ نعيم طرفان غريب عورتن ۽ ضرورتمند خاندانن جي توهين ڪرڻ شرم جوڳي ڳالهه آهي غريب کي ٻن وقتن جي ماني لاءِ سهارو ڏيڻ تي سياست بي حسي آهي

جماعت اسلامي امير سياسي پوائنٽ اسڪورنگ جي لاءِ غريبن جي امداد واري حق کي تڪراري نه بنائي، حافظ نعيم جي غريبن جي مدد تي طعنا ڏيڻ سان غربت ختم نه ٿيندي آهي، انقلابي قدم کڻڻا پوندا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان جي بيان تي پنهنجي رد عمل جو اظهار ڪندي چيو ته غريبن جي امداد کي خيرات چوڻ غريب دشمن، منافقانه سوچ جي نشاني آهي، حافظ نعيم طرفان غريب عورتن ۽ ضرورتمند خاندانن جي توهين ڪرڻ شرم جوڳو عم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

محسن نقوي ۽ طلال چوڌري جو مارگله روڊ جي موٽروي ٽائين واڙ ۽ سنگجاڻي انٽرچينج پراجيڪٽس جو دورو

منصوبي جي مڪمل ٿيڻ سان اسلام آباد جي شهرين کي موٽروي ٽائين اچ وڃ جو متبادل رستو ملندو، هن منصوبن تي ڊبل شفٽ ۾ ڪم جاري رکڻ ۽ ڪم جي رفتار تيز ڪرڻ جي هدايت

منصوبن تي ڪم هر صورت 31 ڊسمبر تائين مڪمل ڪيو وڃي، محسن نقوي، ڊپٽي ڪمشنر کي هڪ هفتي اندر حد دخليون ختم ڪرائڻ جي به هدايت ڪئي

منصوبن جي مڪمل ٿيڻ ۾ موجود رڪاوٽون فوري ختم ڪيون وڃن. سي ڊي اي عملدارن وفاقي وزير کي منصوبن تي اڳڀرائي جي حوالي سان بريفنگ

اسلام آباد (بيورو) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي ۽ گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري مارگله روڊ جي موٽروي ٽائين واڙ ۽ سنگجاڻي انٽرچينج پراجيڪٽس جو دورو ڪيو. وفاقي وزير پنهنجي منصوبن تي جاري ترقياتي ڪمن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

اسلام آباد: محسن نقوي ۽ طلال چوڌري جو مارگله روڊ جي موٽروي ٽائين واڙ ۽ سنگجاڻي انٽرچينج پراجيڪٽس جو دورو ڪندي

علائقائي سفارتڪاري ڇڪتاڻ ۾ اضافي جي روڪٿام ۽ بحرانن جي حل جو ذريعو هجڻ گهرجي: ايران

پران کي بحرانن کي منهن ڏيڻ، ڳالهيون جاري رکڻ، ڇڪتاڻ ۾ اضافي جي روڪٿام ۽ عملي تعاون کي هٿي ڏيڻ جو اثرائتو ذريعو بڻائڻ گهرجي

ايران ۽ ان تنظيم جي ميمبر ملڪن وچ ۾ تعاون وڌائڻ لاءِ سي آءِ ايس پلس ايران جي نالي سان هڪ نئون فارميٽ جوڙڻ جي تجويز به پيش ڪئي

تهران ۽ واشنگٽن وچ ۾ جنگ جي خاتمي ۽ آبناءِ هرمز کي ٻيهر کولڻ لاءِ تازن هفتن ۾ تجويزن جي ڏي وٺ ٿي آهي

تهران (م ڊ) ايران جي صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته علائقائي سفارتڪاري صرف اجلاس منعقد ڪرڻ تائين محدود نه هئڻ گهرجي، پران کي بحرانن کي منهن ڏيڻ، ڳالهيون جاري رکڻ، ڇڪتاڻ ۾ اضافي جي روڪٿام ۽ عملي تعاون ڪي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

وزيراعظم پيٽروليم ليوي جي خاتمي جو اعلان ڪري، ٻئي صورت ۾ ملاقات نه ڪنداسين: حافظ نعيم الرحمان

روڊن تي ملاقات ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن ملاقات جو ايجنڊا ئي پيٽروليم ليوي جو خاتمو نه آهي ته وزيراعظم سان ملاقات جي ڪهڙي ضرورت آهي

ٻن ڏينهن بعد اجلاس کان پوءِ لانگ مارچ جي ٻيهر شروعات ملتان کان ڪئي ويندي

چئني طرفن کان اسلام آباد طرف اڳڀرائي ڪئي ويندي. پيٽروليم ليوي جي خلاف جماعت اسلامي سياڻي اوڪاڙه ۾ جلسو ڪندي

لاهور (م ڊ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري، ٻئي صورت ۾ وزيراعظم سان ملاقات نه ڪنداسين، روڊن تي ملاقات ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن ملاقات جو ايجنڊا ئي پيٽروليم ليوي جو خاتمو نه آهي ته وزيراعظم سان ملاقات جي ڪهڙي ضرورت آهي. لاهور ۾ پريس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

دهلي ۾ احتجاج، انٽرنيٽ بند، زندگي متاثر، سخت سيڪيورٽي، سوين گرفتار

ان جو اڳواڻ اڀيجيت ڊيپڪي به انهن سوين ماڻهن ۾ شامل آهي

جن کي جمعي جي شام کان وٺي حراست ۾ ورتو ويو آهي

دهلي (م ڊ) ڀارت جي گاديءَ واري شهر دهلي ۾ 'ڪاڪروچ جنتا پارٽي' جي تازي احتجاج کي روڪڻ لاءِ هزارين سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪيا ويا آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ 7 نڪتن تي ڳالهين جو سلسلو جاري آهي: پرڏيهي وزارت

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سڌو سنئون رابطو پاڪستان جي ٿياڪڙي وارين ڪوششن جو نتيجو آهن

اسلام آباد مفاهمتي يادداشت پهريان کان موجود آهي. بحث هيٺ ڪجهه نڪتا انهي ياداشت سان هڪ جهڙائي رکن ٿا

آمريڪا ۽ ايران جي تڪرارن جي حل ۾ پاڪستان سميت ٻيا اهم ملڪ به ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

اسلام آباد (بيورو) پرڏيهي وزارت جي ترجمان سجاد حيدرخان انڪشاف ڪيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ 7 نڪتن تي ٻڌل ڳالهيون جاري آهن آمريڪا به ايران کي پيش ڪيل 7 نڪتن تي ٻڌل پنهنجو موقف شيئر ڪيو آهي. اسلام /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي دوران ٻاڙائي رهي

جنهن سبب 100 انڊيڪس 1066 پوائنٽون گهٽجي 16 لک 67 هزار 89 پوائنٽن تي بند ٿيو

ڪاروباري هفتي دوران 100 انڊيڪس 3834 پوائنٽن جي حد اندر ڪاروبار ڪندو رهيو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ گذريل ڪاروباري هفتي دوران ناڪاري رجحان رهيو، جنهن سبب 100 انڊيڪس /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

سنڌ ۾ نئون صوبو يا انتظامي يونٽ ٺهڻ نه ڏينداسين: ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي

سنڌ جي ورهاڱي بابت بيانن خلاف سنڌ جو عوام سياسي مزاحمت ڪري رهيو آهي، سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي

ڪنهن به صورت ۾ نئون صوبو يا انتظامي يونٽ قبول نه ڪيو ويندو. ڏوڪري پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس

رياستي ادارن ڪراچي جي سرمائيدارن سان ڪچهري دوران سنڌ کي ڇهن حصن ۾ ورهائڻ بابت ڳالهايو هو

محسن نقوي، فاروق ستار، مصطفيٰ ڪمال ۽ مقبول صديقي جا بيان به سنڌ جي ورهاڱي بابت خدشا وڌائي رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) جيئي سنڌ قومي محاذ (شهيد بشير خان قريشي گروپ) جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو آهي ته سنڌ جي ورهاڱي بابت بيانن خلاف سنڌ جو عوام سياسي مزاحمت ڪري رهيو آهي، سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي،/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

مريم نواز عوام کي هر صورت ۾ سستو اٽو ۽ ڪڻڪ ڏيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز جي صدارت هيٺ وڊيو لنڪ اجلاس ٿيو

جنهن ۾ فلورملن کي 3800 روپيه في مڻ ملندڙ سبسڊائز سرڪاري ڪڻڪ جو ڪوٽا وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اجلاس ۾ سستي اٽي جي فراهمي يقيني بنائڻ لاءِ 10 ارب روپين جي سبسڊي ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو

وزيراعليٰ پنجاب سستي اٽي لاءِ 10 ارب روپيه سبسڊي ڏيڻ جي منظوري ڏني

لاهور (م ڊ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز عوام کي هر صورت ۾ سستو اٽو ۽ ڪڻڪ مهيا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز جي صدارت هيٺ وڊيو لنڪ اجلاس ٿيو جنهن ۾ فلورملن کي 3800 روپيه في مڻ ملندڙ سبسڊ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

گرين آئلينڊ يوٿ فورم، 17هون انٽرا ڪميونٽي اسپورٽس فيسٽيول

سنڌن خوداعتمادي وڌائڻ ۽ کين صحتمند ۽ هاڪاري سرگرمين ۾ مصروف رکڻ آهي

مشهور راندين واري هنڌ ڪي ايم سي اسپورٽس ڪمپليڪس، ڪشمير روڊ تي منعقد ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) گرين آئلينڊ يوٿ فورم پاران سال 2009 ع کان هي راندين جو ميلو منعقد ڪيو پيو وڃي، جنهن جو مقصد سماج جي نوجوان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڪرنٽ لڳڻ سبب ٻئي هٿ وڃائيندڙ 9 ورهين جي ٻارڙي جي حق ۾ وڏو فيصلو

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب ٻئي هٿ وڃايُ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

ڪراچي: انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي اسلام آباد جو وفد ڪراچي واٽر ڪارپوريشن جي نارٿ ويسٽ ڪراچي جي فلٽر پلانٽ جو دورو ڪندي

اي آءِ آمريڪا ۾ نقل جو بحران سنگين ڪري ڇڏيو، 95 سيڪڙو شاگرد اسائنمنٽ چيٽ بوٽ کان لکرائڻ لڳا

واشنگٽن (م ڊ) آرٽيفيشل انٽيليجنس آمريڪا ۾ نقل جو بحران سنگين ڪري ڇڏيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

DOKRI PRESS CLUB
ڏوڪري پريس ڪلب تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو
ڏوڪري: جيئي سنڌ قومي محاذ (شهيد بشير خان قريشي گروپ) جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪراچي ۾ امارات جي ڪلبن ۽ هوٽلن ۾ جنسي سرگرمين ۾ ملوث ڇوڪري، والده ۽ ڀيڻ سميت گرفتار

ڪارروائي جي لاءِ لاڳاپيل اختيارين جي حوالي ڪرڻ جي لاءِ ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي

والده ڀينه کان سفري مقصد، انتظامن ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن تي تفصيلي پڇاڳاڇا ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ايف آءِ اي اميگريشن ڪراچي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي متحده عرب امارات ويندڙ ٻن ڀينرن ۽ انهن جي والده جا سفري دستاويز/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

آمريڪي صدر ٽرمپ نوبل انعام نه ملڻ تي ڪاوڙجي ويو، فيصلي کي شرمناڪ قرار ڏئي ڇڏيائين

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ هن سال به نوبل انعام نه ملڻ تي سخت ڪاوڙ جو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

انور مقصود پاران آخري اسٽيج ڊرامي پيش ڪرڻ جو اعلان

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان جي نالي واري اديب، ڊراما نگار ۽ اداڪار انور مقصود پنهنجي آخري اسٽيج ڊرامي 'ٿانهه نه ڏيم ٿانه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

نيدرلينڊ جي حڪومت پاران عالمي فوجداري عدالت جي حمايت جو اعلان

نيدرلينڊ جي پرڏيهي وزير ڊچ ٽام بيريندسن آمريڪي پابندين تي افسوس جو اظهار

پابنديون فوري طور تي لاڳو نه ٿينديون ۽ خدمتون فراهم ڪندڙ ادارا عدالت سان سهڪار جاري رکي سگهن ٿا

دي هيگ (م ڊ) نيدرلينڊ جي حڪومت عالمي فوجداري عدالت جي حمايت جو اعلان ڪندي آمريڪي پابندين کي انتهائي افسوس جوڳو قدم قر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

موريتانيه جي صدر ڪابينه جي استعيفيٰ جي ڪجهه ڪلاڪن کانپوءِ المختار ولداجي کي ٻيهر وزيراعظم مقرر ڪري ڇڏيو

نواڪشوط (م ڊ) موريتانيه جي صدر محمد ولد شيخ الغزواني ڪابينه جي استعيفيٰ جي ڪج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ايس يو پي پاران وحدت سنڌ مارچ ۾ شرڪت جي اپيل

پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه عوام کي سياڻي ٿيندڙ وحدت سنڌ مارچ ۾ ڀرپور شرڪت جي اپيل

پاڻيءَ جي حق ۽ سنڌ جي جاگرافيائي وجود جي تحفظ لاءِ پنهنجي قومي ذميواري ادا ڪن: زين شاهه

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) پاران 11 آڪٽوبر کان لاڙڪاڻي ۾ عوامي رابطا مهم شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. جڏهن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

يوڪرين بحران ۽ توانائي جي فراهمي تي آمريڪي ۽ روسي صدر جو ٽيليفونڪ رابطو

صدر پيوٽن عالمي مارڪيٽن کي تيل ۽ پيٽروليم مصنوعات فراهم ڪرڻ لاءِ روس جي راضپي جو ورجاءُ

روس، آمريڪا ۽ عالمي مارڪيٽن کي لکين ٽن ڊيزل فراهم ڪندو

واشنگٽن (م ڊ) روس جي صدر ولاديمير پيوٽن ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وچ ۾ ٽيليفونڪ رابطي ۾ يوڪرين بحران جي حل، عالمي توانائي ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

آمريڪي پابنديون انصاف جي رستي ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي ڪوشش آهن: عالمي فوجداري عدالت

دي هيگ (م ڊ) عالمي فوجداري عدالت، آمريڪي پابندين کي انصاف جي رستي ۾ رڪاوٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ايران جي سپريم ليڊر سيد علي خامنائي کي قتل ڪرڻ سنگين غلطي هئي: اسرائيلي اڳواڻ جو اعتراف

جنگ جي شروعات تي ايران جي سپريم اڳواڻ آيت الله سيد علي خامنائي کي قتل ڪرڻ اسرائيل جي سنگين غلطي هئي

جنهن کان پوءِ ايران خلاف جنگ اسرائيل جي پوزيشن بدتر ڪري ڇڏي سينئر خامنائي کي مارڻ سان اسرائيل جي مفادن کي فائدو نه پهتو

وڏي عمر ۽ ڏکي وقت کان اقتدار ۾ رهندڙ اڳواڻ جو هجڻ هميشه ڪافي فائدي جو سبب هوندو آهي خامنائي جي عمر 86 سال هئي

تل ابيب (م ڊ) اسرائيلي فوج جي اڳوڻي ڊپٽي چيف آف اسٽاف ۽ ڊيمو ڪريٽس پارٽي جي اڳواڻ يائر گولان چيو آهي ته جنگ جي شروعات تي ايران جي سپريم اڳواڻ آيت الله سيد علي خامنائي کي قتل ڪرڻ اسرائيل جي سنگين غلطي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

پشاور: ڪي پي ڪي جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي سان امير مقام ملاقات ڪندي

خيبرپختونخواهه جي صورتحال: گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ۽ وفاقي وزير امير مقام وچ ۾ اهم ملاقات

انهي اهم ملاقات ۾ صوبي جي گڏيل امن امان جي صورتحال، لانگ مارچ ۽ ٻين سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

انهي اهم ملاقات ۾ صوبي جي گڏيل امن امان جي صورتحال، لانگ مارچ ۽ ٻين سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

خيبرپختونخواهه جي عوام دهشتگردي ۽ انهي جي سرپرستي ڪندڙ انتشاري سياسي ٽولي کان بيزار ٿي چڪي آهي

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ۽ وفاقي وزير ڪشمير معاملا، گلگت بلتستان امير مقام جي وچ ۾ اهم ملاقات ٿئي آهي. ذريعن موجب انهي اهم ملاقات ۾ صوبي جي گڏيل امن امان جي صو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
آچر 11 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 28 ربيع الثاني 1448هه

حرمين شريفين جو تحفظ، امن ۽ پاڪستان جي سفارتي ذميواري

اسلامي دنيا ۾ مڪي پاڪ ۽ مديني پاڪ جي حيثيت رڳو ٻن مقدس شهرن تائين محدود ناهي، پر اهي دنيا جي ڪروڙين مسلمانن جي عقيدي، روحاني وابستگي ۽ گڏيل ايمان جا مرڪز آهن. حرمين شريفين جو تقدس، سلامتي ۽ تحفظ هر مسلمان جي دل سان جڙيل آهي، تنهن ڪري انهن مقدس ماڳن جي سلامتي کي خطري ۾ وجهندڙ ڪا به ڪارروائي نه رڳو سعودي عرب جي خودمختياري ۽ امن خلاف قدم آهي، پر سموري اسلامي دنيا جي مذهبي جذبن کي ڇيهو رسائيندڙ عمل پڻ آهي. پاڪستان جي پرڏيهي آفيس پاران حرمين شريفين جي تقدس جو هر قيمت تي تحفظ يقيني بڻائڻ ۽ مڪي جي گڏيل دفاعي معاهدي تحت سعودي عرب سان گڏ بيهڻ جو اعلان اهڙي ئي حساس صورتحال ۾ پاڪستان جي اصولي موقف جي عڪاسي ڪري ٿو. سعودي عرب تي حملن جي مذمت ڪرڻ ۽ ان جي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ سلامتي جي حمايت ڪرڻ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو اهم پاسو آهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۽ سعودي عرب جا لاڳاپا رڳو سفارتي يا معاشي نوعيت جا ناهن، پر انهن جي پويان ڏهاڪن تي ٻڌل پائراڻا لاڳاپا، مذهبي احترام ۽ گڏيل مفاد پڻ موجود آهن. پر اهڙي صورتحال ۾ اهو سمجهڻ به ضروري آهي ته مقدس ماڳن جو تحفظ يقيني بڻائڻ لاءِ جذباتي بيانن سان گڏ سنجيده سفارتڪاري، دفاعي سهڪار، علائقائي استحڪام ۽ تڪرارن کي وڌڻ کان روڪڻ واري حڪمت عملي جي ضرورت آهي. ڪنهن به ڌر پاران اهڙا قدم نه کنيا وڃن، جيڪي ڇڪتاڻ کي وڌيڪ وڌائين يا خطي کي وڏي جنگ ڏانهن ڌڪي ڇڏين. حرمين شريفين جي تحفظ جي نالي تي امن، انصاف ۽ ذميواريءَ جي اصولن کي به نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي، ڇو ته مقدس ماڳن جي حفاظت جو بنيادي مقصد مسلمانن جي عبادت، سلامتي ۽ مذهبي آزاديءَ کي يقيني بڻائڻ آهي. پاڪستان جي موجوده علائقائي ۽ عالمي صورتحال ۾ اهم ذميواري اها به آهي ته هو پنهنجي سفارتي صلاحيتن کي استعمال ڪندي جنگين ۽ تڪرارن جي شدت گهٽائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکي. آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين لاءِ پاڪستان پاران ثالثي جي اڄ ان حوالي سان اهم آهي. عالمي سياست ۾ جڏهن طاقتور ملڪن جا مفاد هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿا، تڏهن ننڍين ۽ وچولي طاقت رکندڙ رياستن لاءِ امن جي ڳالهه ڪرڻ آسان ناهي هوندو، پر پاڪستان جهڙي ملڪ لاءِ ڳالهين ۽ مفاهمت جي حمايت ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ رڳو انهن ٻن ملڪن تائين محدود نٿي رهي، پر ان جا اثر پوري وچ اوڀر، خليجي ملڪن، عالمي واپار، تيل جي فراهمي ۽ مسلمان ملڪن جي معاشي صورتحال تي پڻ پون ٿا. جيڪڏهن ٻنهي ڌرين وچ ۾ اختلاف سفارتي ذريعن سان حل ٿين ٿا ته ان جا مثبت اثر خطي جي امن ۽ عالمي معيشت تي پئجي سگهن ٿا. ان جي ابتڙ، جيڪڏهن ڳالهين جا دروازا بند ٿين ٿا ۽ فوجي ڪارروايون وڌن ٿيون ته ان جو نقصان عام ماڻهن، خاص ڪري غريب ۽ معاشي طور ڪمزور ملڪن کي برداشت ڪرڻو پوندو. پاڪستان کي گهرجي ته هو ڪنهن به درجي غيرضروري مخالفت يا غيرمشروط حمايت بدران پنهنجي قومي مفادن، علائقائي امن ۽ عالمي قانون جي اصولن کي سامهون رکي، ثالثيءَ جي عمل ۾ ڪاميابي لاءِ غيرجانبداري، رازداري، اعتماد ۽ ٻنهي ڌرين جي خدشن کي سمجهڻ لازمي آهي. پاڪستان جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ رابطن ۽ ڳالهين کي اڳتي وڌائڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو ته اهو نه رڳو خطي جي ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي، پر عالمي سطح تي پاڪستان جي سفارتي حيثيت پڻ مضبوط ٿي سگهي ٿي. ٻئي پاسي افغانستان مان پيدا ٿيندڙ دهشتگردي بابت پاڪستان جا خدشا به انتهائي سنجيده آهن. پاڪستان ڪيترن ئي سالن کان دهشتگرديءَ جي نتيجي ۾ جاني ۽ مالي نقصان برداشت ڪندو رهيو آهي. بيگناهه شهرين، سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ عوامي هنڌن تي ٿيندڙ حملن سبب ملڪ جي امن، معيشت ۽ سماجي زندگيءَ کي سخت ڌڪ رسيو آهي. اهڙي پسمنظر ۾ پاڪستان جو اهو موقف ته افغانستان مان پکڙجندڙ دهشتگردي قومي سلامتيءَ جو مسئلو آهي، ان کي رڳو سفارتي بيان سمجهي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. افغان اختيارين تي ذميواري عائد ٿئي ٿي ته هو پنهنجي سرزمين ڪنهن به ملڪ خلاف دهشتگرديءَ لاءِ استعمال ٿيڻ نه ڏين ۽ انهن گروهن خلاف اثرائتا قدم کڻن، جيڪي پاڙيسري ملڪن جي سلامتيءَ لاءِ خطرو بڻيل آهن. ساڳئي وقت پاڪستان کي به پنهنجي سرحدي انتظام، انٽيليجنس نظام، دهشتگرديءَ جي مالي مدد روڪڻ ۽ اندروني سلامتيءَ جي قدمن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ گهرجي. رڳو سخت بيانن سان دهشتگردي ختم نٿي ٿي سگهي: ان لاءِ عملي سهڪار، قابل اعتماد معلومات جي ڏي وٺ، سرحدي نگراني ۽ واضح ذميوارين تي ٻڌل گڏيل حڪمت عملي ضروري آهي. افغانستان سان لاڳاپن ۾ رابطا برقرار رکڻ پڻ اهم آهي، ڇاڪاڻ ته پاڙيسري ملڪن وچ ۾ مستقل ڇڪتاڻ ٻنهي طرفن جي عوام لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندي. پاڪستان کي پنهنجي سلامتيءَ تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪرڻ گهرجي، پر ساڳئي وقت مسئلن جي حل لاءِ ڳالهين جا دروازا کليل رکڻ گهرجن. دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ علائقائي ملڪن جو گڏيل عزم ئي پائيدار امن جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو.

جمون ۽ ڪشمير بابت پاڪستان جو موقف پڻ علائقائي امن ۽ عالمي قانون سان لاڳاپيل آهي. ڪشمير هڪ ڊگهي عرصي کان حل طلب تڪرار آهي، جنهن سبب خطي ۾ ڇڪتاڻ برقرار رهي آهي. پاڪستان جي پرڏيهي آفيس پاران ڀارت جي هڪ طرفي نقشي سازيءَ کي رد ڪرڻ ۽ ڪشمير جي تڪراري حيثيت تبديل نه ٿيڻ بابت موقف جو بنيادي نڪتو اهو آهي ته ڪنهن به تڪراري علائقي جي حيثيت کي هڪ طرفي اعلان يا نقشي ۾ تبديليءَ ذريعي حتمي شڪل نٿي ڏئي سگهجي. ڪشميري عوام جي حقن ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن بابت بحث کي سنجيدگيءَ سان اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي. ان سان گڏ سرحدن تي بيگناهه شهرين جي جانين جو تحفظ پڻ ٻنهي ملڪن جي بنيادي ذميواري آهي. پاڪستاني شهرين جي مارجي وڃڻ واري واقعي تي شفاف جاچ، ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ۽ حقيقتن کي سامهون آڻڻ جو مطالبو هڪ جائز سفارتي قدم آهي. اهڙن واقعن کي سياسي بيان بازيءَ تائين محدود رکڻ بدران، انهن جي روڪٿام لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن. پاڪستان ۽ ڀارت ٻئي ايٽمي طاقت رکندڙ ملڪ آهن، تنهن ڪري ڪنهن به سرحدي واقعي کي وڌائي وڏي تڪرار ۾ تبديل ٿيڻ کان روڪڻ ٻنهي لاءِ لازمي آهي. ڳالهين، تحمل ۽ عالمي قانون جي احترام کان سواءِ ڏکڻ ايشيا ۾ مستقل امن قائم نٿو ٿي سگهي.

موجوده عالمي صورتحال مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته مسلمان ملڪن کي پنهنجي گڏيل مفادن، سلامتي ۽ اقتصادي استحڪام بابت وڌيڪ سنجيده ۽ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسلامي دنيا اندر اختلافن، علائقائي رقابتن ۽ وڏين طاقتن جي مفادن سبب گڏيل موقف ڪمزور ٿئي ٿو، جنهن جو نقصان عام مسلمانن کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو حرمين شريفين جي سلامتي، فلسطين جي مسئلي، ڪشمير جي تڪرار، دهشتگرديءَ جي خاتمي ۽ مسلمان ملڪن جي خودمختياريءَ بابت گڏيل مشاورت وقت جي اهم ضرورت آهي. ان جو مطلب اهو ناهي ته سڀني هر معاملي تي هڪجهڙو موقف اختيار ڪن، پر گهٽ ۾ گهٽ انهن بنيادي اصولن تي اتفاق ضروري آهي، جن جو تعلق انساني جانين جي تحفظ، مذهبي ماڳن جي حرمت، رياستن جي خودمختياري، عالمي قانون ۽ جنگ جي روڪٿام سان آهي. پاڪستان پنهنجي جاگرافيائي حيثيت، سعودي عرب سان ويجهن لاڳاپن ۽ مختلف عالمي ڌرين سان سفارتي رابطن سبب هن سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو پر ان لاءِ ضروري آهي ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ تسلسل، واضح ترجيحن ۽ قومي مفادن جي حفاظت کي اوليت ڏني وڃي. ملڪ اندر سياسي استحڪام، معاشي مضبوطي ۽ ادارن وچ ۾ هم آهنگي به مؤثر پرڏيهي پاليسيءَ لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. معاشي طور ڪمزور ۽ اندروني اختلافن جو شڪار ملڪ عالمي سفارتڪاريءَ ۾ پنهنجي گهربل اثرائتي حيثيت برقرار رکڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏئي سگهي ٿو.

حاصل مطلب ته حرمين شريفين جي تقدس ۽ سلامتيءَ جو تحفظ، سعودي عرب سان ڀائراڻن لاڳاپن جي مضبوطي، آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ ثالثي، افغانستان مان دهشتگرديءَ جي خطري جو خاتمو ۽ ڪشمير مسئلي جو منصفاڻو حل، اهي سڀ معاملا پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جا اهم امتحان آهن. پاڪستان کي انهن معاملن ۾ جذباتي نعريبازيءَ بدران اصولن، عملي قدمن ۽ ذميوار سفارتڪاريءَ جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. سعودي عرب سان گڏ بيهڻ جو مطلب امن ۽ سلامتيءَ جي تحفظ لاءِ ڀرپور سهڪار ڪرڻ آهي، جڏهن ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ثالثيءَ جي ڪوشش ان ڳالهه جو ثبوت بڻجي سگهي ٿي ته پاڪستان تڪرارن کي وڌائڻ بدران انهن کي حل ڪرڻ ۾ يقين رکي ٿو اهڙيءَ طرح افغانستان بابت خدشن کي عملي سفارتي ۽ سلامتيءَ جي قدمن سان اڳتي وڌائڻ ۽ ڀارت سان اختلافن کي عالمي قانون ۽ ڳالهين جي دائري ۾ رکڻ ضروري آهي. دنيا کي اڄ جنگين، مذهبي نفرت ۽ طاقت جي سياست بدران امن، انصاف ۽ گڏيل ذميواريءَ جي ضرورت آهي. پاڪستان جيڪڏهن پنهنجي سفارتي طاقت کي درست رخ ۾ استعمال ڪري، قومي مفادن جي حفاظت سان گڏ عالمي امن لاءِ سنجيده ڪوششون جاري رکي، ته هو نه رڳو پنهنجي سلامتيءَ کي مضبوط ڪري سگهي ٿو پر اسلامي دنيا ۽ عالمي برادريءَ ۾ هڪ ذميوار ۽ امن پسند ملڪ طور پنهنجو ڪردار پڻ وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهي ٿو.

زندگيءَ جي ماليڪيولي رازن کي سمجهڻ ۾ اڳڀرائي ڪندڙن لاءِ ڪيمسٽريءَ جو نوبيل انعام

ڪلاونتي راجا

ڪيمسٽريءَ جو 2026ع وارو نوبيل انعام ماڻيندڙ فرانس جي هينري بي. ڪاڳان ۽ جاپان جي ڪينسو سوآئي هڪ حيرت انگيز سوال تي روشني وڌي آهي: ڪيميائي عمل، ماليڪيول جي ٻن آئيني صورتن مان ڪنهن هڪ کي ڪيئن ترجيح ڏئي سگهي ٿو؟ سندن دريافتون سائنسدانن کي جاندار نظامن جي هڪ بنيادي خاصيت سمجهڻ ۽ ڪارائتا مادا ٺاهيندڙ ڪيميائي عملن تي وڌيڪ ضابطو حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون.

اسٽاڪ هوم ۾ اعلان ڪيل هي انعام "نامتقارن نامياتي ترڪيب ۾ غيرخطي اثرن ۽ خود تحريڪي عمل" جي دريافتن جي مڃتا آهي. 95 ورهين جي ڪاڳان فرانس جي پئرس-سُد يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪيو، جڏهن ته 76 ورهين جي سوآئي ٽوڪيو يونيورسٽي آف سائنس سان وابسته رهيو. ٻنهي مختلف ملڪن ۾ ڪم ڪيو، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هڪ گڏيل سائنسي اڳڀرائيءَ ۾ حصو وٺندڙ دريافتن جو هڪ ئي ليبارٽريءَ مان جنم وٺڻ ضروري ناهي.

اها ڳالهه پنهنجي هٿن کي ڏسڻ سان وڌيڪ واضح ٿئي ٿي. کاٻو ۽ ساڄو هٿ هڪ ٻئي جا آئيني عڪس آهن، پر هڪ کي ٻئي جي مٿان رکڻ سان اهي مڪمل طور هڪجهڙا نٿا بيهن. ڪيترن ماليڪيولن ۾ به اها خاصيت هوندي آهي، جنهن کي ڪائرالٽي چيو وڃي ٿو. انهن جا ايٽم هڪجهڙي نموني ڳنڍيل هوندا آهن، پر خلا ۾ سندن ترتيب مختلف هوندي آهي. انهن آئيني صورتن کي اينانٽيومر چيو وڃي ٿو. اهو فرق اهم آهي، ڇاڪاڻ ته جاندار ٻنهي صورتن ۾ فرق ڪن ٿا. پروٽين، اينزائم ۽ ٻيون حياتياتي بناوتون هر صورت سان مختلف نموني عمل ڪري سگهن ٿيون. زندگي پنهنجن ماليڪيولي بنيادي جزن ۾ مخصوص رخن کي وڏي ترجيح ڏئي ٿي: ان نموني کي هوموڪائرالٽي چيو وڃي ٿو. اها ترجيح ڪيئن پيدا ٿي سگهي ٿي، اهو سوال ڪيترن نسلن کان سائنسدانن لاءِ چئلينج رهيو آهي.

ڪاڳان جي 1986ع واري اهم تحقيق ڏيکاريو ته ڪيميائي عمل کي تيز ڪندڙ مادّي، يعني ڪيٽالسٽ، ۾ ٻن آئيني صورتن جي تناسب ۽ ٺهندڙ پيداوار ۾ انهن جي تناسب جو لاڳاپو لازمي طور سڌو ۽ متناسب نه هوندو آهي. مناسب حالتن ۾ ڪيٽالسٽ جي ڪنهن هڪ صورت جي ٿوري گهڻائي، پيداوار ۾ ان صورت جي تمام وڏي گهڻائي پيدا ڪري سگهي ٿي. اهي غيرخطي اثر ڪيمسٽن کي ڪيميائي عملن جو طريقو سمجهڻ ۽ پيداوار جي خالص هجڻ جي درجي کي بهتر ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا.

سوآئي جي ڪاميابي نامتقارن خود تحريڪي عمل بابت هئي: اهڙو ڪيميائي عمل، جنهن ۾ پيداوار پاڻ پنهنجي وڌيڪ پيداوار جي عمل کي تيز ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. سندس 1995ع واري اهم تحقيق اهڙو نظام ڏيکاريو، جيڪو ٻن آئيني صورتن جي تناسب ۾ موجود فرق کي وڌائي سگهي ٿو. ان مان هڪ ڪيميائي طريقو سامهون آيو، جنهن وسيلي شروعاتي تمام ننڍڙي ترجيح وڏي فرق ۾ بدلجي سگهي ٿي. اهو زندگيءَ جي ماليڪيولي نامتقارنيت کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، پر ان مان اهو ثابت نٿو ٿئي ته زندگي اصل ۾ ڪيئن شروع ٿي.

هن ڪم جي عملي اهميت وڏي آهي. جڏهن ڪنهن دوا جون آئيني صورتون جسم ۾ مختلف اثر ڏيکارين ٿيون، تڏهن گهربل صورت کي ڀروسي جوڳي نموني ٺاهڻ اهم ٿي پوي ٿو. ڪيميائي عملن تي بهتر ضابطو دوائن لاءِ وڌيڪ خالص جزا تيار ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. ساڳيا اصول زرعي ڪيميائي مادن، ذائقي ڏيندڙ مادن، خوشبوئن ۽ ڪجهه نون مواد لاءِ به اهم آهن. اهي دريافتون وڌيڪ درست ڪيمسٽريءَ جا اوزار ڏين ٿيون: البت هر تيار ٿيندڙ شيءِ جي وڌيڪ محفوظ، سستي يا اثرائتي هجڻ جي ضمانت نٿيون ڏين.

بنيادي تحقيق جي اهميت اڪثر تڏهن وڌيڪ آساني سان سمجهه ۾ اچي ٿي، جڏهن ان جا عملي استعمال سامهون اچن ٿا. اهي دريافتون ياد ڏيارين ٿيون ته فطرت ائين چو عمل ڪري ٿي، اهو سوال ضروري شين جي تياريءَ جا طريقا به بهتر ڪري سگهي ٿو. علمي تجسس ۽ عملي فائدو گڏ وڌن ٿا. جڏهن سماج سائنسدانن کان فوري نتيجن جي گهر ڪرڻ بدران سوالن جي تحقيق لاءِ وقت ڏئي ٿو.

سندن مڃتا الفريڊ نوبيل جي وصيت وسيلي قائم ٿيل روايت جو تسلسل آهي. هن سويڊش موجد چاهيو ٿي ته سندس دولت انسانذات کي فائدو پهچائيندڙ ڪم جي عزت افزائيءَ لاءِ استعمال ٿئي. پهريان انعام 1901ع ۾ فزڪس، ڪيمسٽري، جسماني فعليات يا طب، ادب ۽ امن ۾ ڏنا ويا. معاشيات جو انعام 1969ع ۾ سندس ياد ۾ الڳ انعام طور شامل ٿيو. انهن ڇهن شعبن ۾ انعام هر سال ڏنا وڃن ٿا، جيتوڻيڪ ڪڏهن انعام روڪيا به ويا آهن. 2025ع تائين انهن شعبن ۾ 633 انعام ڏنا ويا، جيڪي 990 مختلف فردن ۽ 28 ادارن حاصل ڪيا. ڪيمسٽريءَ جو انعام 117 ڀيرا ڏنو ويو هو: 2026ع وارو انعام ان جو 118هون آهي. ڪاڳان ۽ سوآئي هڪ ڪروڙ ويهه لک سويڊش ڪرونا برابر ورهائيندا، يعني هر هڪ کي سٺ لک ڪرونا ملندا. ۽ ان سان گڏ هر هڪ کي سون جو تمغو ۽ سندس نالي سان تيار ڪيل ڊپلوما ڏنو ويندو.

رائل سويڊش اڪيڊمي آف سائنسز ڪيمسٽري، فزڪس ۽ معاشيات جا فاتح چونڊي ٿي: طب، ادب ۽ امن جا فاتح ٻيا مقرر ادارا چونڊين ٿا. پنجن شعبن جا انعام سويڊن جو بادشاهه 10 ڊسمبر، نوبيل جي وفات واري ڏينهن، اسٽاڪ هوم ڪنسرٽ هال ۾ پيش ڪري ٿو. امن جو انعام ناروي جي نوبيل ڪميٽيءَ جو سربراهه الڳ تقريب ۾ اوسلو ۾ ڏئي ٿو.

فزڪس جو انعام فرانسس هالزن کي آئس ڪيوب ۽ ڪائناتي نيوٽرينن بابت ڪم تي مليو هو، جڏهن ته طب ۾ ڪارل ڊائيسروٿ، پيٽر هيگيمان ۽ گيورگ ناگل کي روشنيءَ سان ڪلنڊڙ آئن گذرگاهن ۽ آپٽوجينيٽڪس بابت دريافتن تي مڃتا ملي. ادب، امن ۽ معاشيات جا اعلان ترتيبوار 8، 9 ۽ 12 آڪٽوبر تي ٿيندا.

ڪيمسٽريءَ جي مشهور نوبيل فاتحن ۾ ميري ڪيوري شامل آهي، جنهن کي 1911ع ۾ ريڊيم ۽ پولونيم بابت ڪم تي انعام مليو: لينس پالنگ، جنهن کي 1954ع ۾ ڪيميائي بندن جي تحقيق تي انعام مليو: ۽ فريڊرڪ سينگر، جنهن کي 1958ع ۾ پروٽين جي بناوت ۽ 1980ع ۾ نيوڪليئڪ تيزابن جي بنيادي جزن جي ترتيب معلوم ڪرڻ تي مڃتا ملي. ڀارت ۾ ڄاول وينڪٽرامن رامڪرشنن 2009ع ۾ رائيبوسوم جي بناوت ۽ ڪم بابت تحقيق تي گڏيل انعام ماڻيو. پاڪستان مان اڃا ڪنهن به ڪيمسٽريءَ جو نوبيل انعام ناهي ماڻيو. مان خود ڪيمسٽري ۾ ماسٽرس آهيان ۽ تجربن جي موقعن جي تلاش ڪئي پر ناڪام رهيس. 25 سال اڳ لطيف يونورسٽي ۾ اسان جي هڪ استاد ڪجين جي پچڻ جي موسم کي مينهن جي موسم کان ٿورو اڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ايگريڪلچر وارن سپورٽ نه ڪئي. پاڪستان ۾ ڊاڪٽر سليم الزمان صديقي، پروفيسر عطاءُ الرحمان، ڊاڪٽر محمد اقبال چوڌري، ڊاڪٽر بينا شاهين صديقي ۽ ڊاڪٽر وقارالدين احمد جهڙن محققن ڪيمسٽريءَ ۾ اهم علمي ڪم ڪيو آهي. ضرورت ان روايت کي اڳتي وڌائڻ ۽ نوجوانن کي معياري ليبارٽريون، تحقيق جا وسيلا ۽ فڪري آزادي فراهم ڪرڻ جي آهي. پاڪستان لاءِ هن انعام جو سبق رڳو خوشي ملهائڻ تائين محدود ناهي. ڪيمسٽري اسان جي دوائن، پيئڻ جي پاڻي، پاڻ، خوراڪ جي معيار ۽ صنعتي عملن تي اثرانداز ٿئي ٿي. تنهن هوندي به شاگرد اڪثر ان کي رڳو ياد ڪرڻ وارين مساواتن جي صورت ۾ پڙهن ٿا. جتي ليبارٽريون ناهن، پراڻيون آهن يا گهٽ استعمال ٿين ٿيون، اتي شاگرد مشاهدي، ماپ ۽ ٻيهر ساڳيا نتيجا حاصل ڪندڙ تجربن جو طريقو نٿا سکي سگهن. اسان کي فعال ليبارٽريون، تربيت يافته استاد، محفوظ عملي ڪم ۽ تحقيق لاءِ مستقل مدد گهرجي. سياسي ساراهه آزاد تصديق جو متبادل نٿي ٿي سگهي، نه ئي قومي اعزاز فڪري آزاديءَ جي جاءِ وٺي سگهن ٿا. ڪاڳان ۽ سوآئي جا سفر ڏيکارين ٿا ته ڏهاڪن تائين صبر سان ڪيل تحقيق وڏن ۽ بنيادي سوالن جا جواب ڏئي سگهي ٿي. اسان جي ڪلاس رومن کي نوجوانن کي اهڙا سفر پاڻ شروع ڪرڻ لاءِ وسيلا ۽ اعتماد ڏيڻ گهرجي. (ڪلاونتي راجا سياسي ۽ سماجي ڪارڪن آهي، جيڪا گذريل ٻن ڏهاڪن کان پاٽي، اقليتن، عورتن ۽ ٻين عوامي مسئلن لاءِ جدوجهد ۽ آگاهي جي ڪم سان وابسته آهي. لکڻ ۽ تقرير ذريعي عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ سندس دلچسپي آهي

دادو روڊس کاتي ۾ ڪرپشن، ڪاڇي جون روڊ اسڪيمون اڻپوريون ڇو؟

غلام حسين لغاري

سنڌ اندر چادر ۽ چوديواري جو هاڻ ڪو به تقدس ناهي رهيو. پوليس هجي يا ڪو ٻيو، بنا ڪنهن جواز ۽ وارنٽ جي گهرن ۾ گهڙيو پوي، ڀڃ ڊاهه ڪري، گهر ڀاتين ۾ خوف ۽ هراس ڦهلائي پنهنجا مقصد حاصل ڪري ٿو. جيڪا ڪيڏي نه بي حسي چئجي. عدالتون به هاڻ خاموش آهن. اهڙن واقعن جا نوٽيس نٿا ورتا وڃن. جڏهن ته اهي سلسلا ۽ تماشا بند ٿيڻ گهرجن. اعليٰ عدالتون نوٽيس وٺن.

ڪالهه صبح سوير ٽين وڳي هڪ انتهائي ڏکوئيندڙ واقعو ۽ خبر سامهون آئي، جڏهن هٿياربند پوليس جي جٿن حيدرآباد جي انتهائي سينيئر صحافي، مختلف اخبارن جو ايڊيٽر، نيوز چينلن جو اينڪر ۽ سي اي او رهندڙ محترم عبدالغفور سروهي جي گهر ۾ گهڙي، خوف ۽ هراس پيدا ڪري، کيس هڪ ڀيرو ٻيهر کڻي ورتو. جڏهن ته کيس ڪجهه مهينا اڳ به کنيو ويو هو. پر ان وقت کيس فوري طور آزاد ڪيو ويو هو.

عبدالغفور سروهي جي ننڍي ڀاءُ، صحافي عبدالقيوم سروهي، سندس شاگرد فرزند عدنان ۽ عبدالستار سروهي موجب، پوليس جا ڪجهه هٿياربند اهلڪار، جيڪي گاڏين ۽ موٽرسائيڪلن تي سوار هئا، رات جو مين قاسم آباد روڊ تي واقع فليٽ تي آيا، جتي ڀڃ ڊاهه ڪري ڏهڪاءُ پيدا ڪرڻ کان پوءِ کيس کڻي هليا ويا. سندس ڏوهه اهو ٻڌايو پيو وڃي ته هن منشيات جو ڪاروبار ڪندڙن ۽ پوليس ڪامورن خلاف عوامي مهم تيز ڪئي هئي، جنهن تي منشيات فروشن جي حامين پاران پهريان مٿس مختلف قسمن جا غليظ الزام مڙهيا ويا. بعد ۾ کيس گهران اچي، گهر وارن کي هراسان ڪري گرفتار ڪيو ويو. جنهن بابت هو اڳ ۾ ئي اعليٰ اختيارين، بشمول آءِ جي سنڌ پوليس، کي پنهنجي خدشن کان آگاهه ڪري چڪو هو. کنيجي ويل صحافي جي گهر ڀاتين جو چوڻ آهي ته سندس ڪنهن به ٿاڻي تي موجودگي نظر نه آئي آهي. لڳي ٿو ته کيس گم ڪري ڪنهن نامعلوم هنڌ تي رکيو ويو آهي، جنهنڪري سندس جان کي خطرا لاحق آهن.

عبدالغفور سروهي جي بنا ڪنهن جواز گرفتاري ۽ انساني حقن جي لتاڙ تي صحافتي، سياسي ۽ سماجي حلقن ۾ ڳڻتي آهي، جيڪي سخت تشويش جو اظهار ڪندي سندس باعزت ۽ فوري آزاديءَ جو مطالبو ڪري رهيا آهن. عبدالغفور سروهي هڪ خانداني پيشيور صحافي آهي، جنهن جا ڀائر، سئوٽ، چاچا ۽ ماما، عبدالرزاق، عبدالله، ستار ۽ قيوم سروهي، سنڌ جي بي داغ ۽ برک صحافين ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا، جڏهن ته عتاب هيٺ آيل صحافي عبدالغفور سروهي جو والد مرحوم پڻ خيرپور ۽ گهوٽڪي ضلعن ۾ پوليس آفيسر رهي چڪو آهي.

ڏٺو وڃي ته ماضيءَ ۾ پوليس ۽ صحافين جا پاڻ ۾ دوستاڻا لاڳاپا رهندا آيا آهن، جن سان پوليس کي ڏوهارين خلاف مهم هلائڻ ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ حوصلو ملندو رهيو آهي. هي پهريون ڀيرو آهي جو موجوده حڪومت جي دور ۾، جڏهن کان پوليس کاتي مان ميرٽ ۽ سهپ ختم ٿي آهي، تڏهن کان سنڌ اندر ڏوهن جي خاتمي لاءِ آواز اٿاريندڙ ۽ ڏوهاري ماڻهن توڙي پوليس آفيسرن جي نشاندهي ڪندڙ صحافين کي پڪڙ هيٺ آندو پيو وڃي. ڪافي صحافي ته سنڌ جي مختلف شهرن ۾ بااثرن هٿان شهيد به ڪيا ويا آهن، جن جا ڪفن اڃا پراڻا به ناهن ٿيا. نه وري کين عدالتن مان انصاف مليو آهي. عبدالغفور سروهي جي کنيجي وڃڻ تي صحافي اتحاد، سنڌ جرنلسٽ ڪائونسل، جاڳو صحافي پاڪستان، سنڌ پورهيت فائونڊيشن ۽ ٻين تنظيمن سميت سنڌ جي مختلف ضلعن جي صحافين پاران سخت تشويش جو اظهار ڪيو ويو آهي ۽ واقعي کي انساني حقن جي خلاف ورزي قرار ڏنو ويو آهي. انساني حقن ۽ صحافتي تنظيمن کي پوليس جي هن قدم جو نوٽيس وٺي، عبدالغفور سروهي جي فوري آزادي ۽ کيس انصاف ڏيارڻ لاءِ آواز اٿارڻ ۽ اڳڀرو ٿيڻ گهرجي. سندس گرفتاريءَ جو ڪو به جواز نه هو.

صحافين سان ٿيندڙ ناانصافين ۽ زيادتين جو هڪ وڏو سبب صحافي پاڻ به آهن، جيڪي گروپ بنديءَ طرف ڌڪيل آهن. پريس ڪلبن مٿان پريس ڪلبون ۽ تنظيمن مٿان تنظيمون ٺاهي چڪا آهن. منجهن اتحاد ناهي رهيو. جڏهن به صحافي ماريا وڃن ٿا يا گرفتار ٿين ٿا ته فوري طور ڪو به ردعمل نٿو اچي. سڀ هڪٻئي جا پير ڪڍڻ پويان آهن. ڀلي الڳ پريس ڪلبون يا تنظيمون قائم ٿين، پر سندن مقصد هڪ هجڻ گهرجي. پوليس جي عتاب هيٺ آيل صحافي عبدالغفور سروهي انهن جاکوڙي صحافين مان آهي، جيڪو بنا ڪنهن تفريق، پسند يا ناپسند جي بنياد تي سنڌ جي صحافين جو پرجهلو رهيو آهي.

ڏٺو وڃي ته وفاقي حڪومت صحافين جي تحفظ لاءِ قانون پاس ڪيو هو، جنهن تحت تحفظ ڪاميٽيون قائم ڪيون ويون هيون، جن ۾ صحافتي تنظيمن جا اڳواڻ ۽ پوليس آفيسر ميمبر آهن. انهن ڪاميٽين جي موجودگيءَ ۾ صحافين جو انتقامي ڪارروائين جو نشانو بڻجڻ بي حسي چئجي. خبر ناهي ته اهي ڪاميٽيون ڪهڙي سبب غيرفعال آهن. جن کي فعال بڻائڻ گهرجي، جنهن سان صحافين ۽ پوليس وچ ۾ هم آهنگي پيدا ٿيندي.

آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد، جيڪي عبدالغفور سروهي خلاف ٿيندڙ انتقامي ڪارروائين کان اڳ ۾ ئي واقف آهن، تن کي هن اهم گرفتاريءَ ۽ ان جي سببن جو نوٽيس وٺڻ گهرجي. کين فراخدليءَ جو مظاهرو ڪري پيشيور ۽ پراڻي صحافيءَ کي آزاد ڪرڻ سان گڏ سازش ۾ شريڪ منشيات فروشن کي به پڪڙ ۾ آڻڻ گهرجي. عبدالغفور سروهي جي گرفتاري يا کيس گم ڪرڻ سان ڏوهارين ۽ منشيات فروشن جا حوصلا وڌي ويندا، جن کي قابو ڪرڻ ڪنهن جي وس ۾ نه رهندو، ۽ چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ٿيڻ وارن واقعن ۾ واڌ ايندي.

بقايا *** 01

سي لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪري سگهي ٿو اهڙي اعلان کي 10 ڏينهن اندر پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن جي منظوري لاءِ پيش ڪرڻ لازمي آهي. ايمرجنسي دوران پارليامينٽ کي ڪنهن صوبي يا ان جي ڪنهن حصي بابت قانون سازي ڪرڻ جو اختيار هوندو آرٽيڪل 232 تحت وفاقي حڪومت جا انتظامي اختيار وڌي ويندا، جنهن تحت اها صوبائي حڪومت کي انتظامي اختيارن جي استعمال بابت هدايتون ڏئي سگهندي. وفاقي حڪومت حڪم ذريعي صوبائي حڪومت جا سمورا يا ڪجهه اختيار پاڻ سنڀالي سگهي ٿي يا اهي اختيار گورنر حوالي ڪرڻ جي هدايت ڏئي سگهي ٿي. وفاق کي صوبي جي ڪجهه ادارن يا اختيارين بابت آئيني شقن کي معطل ڪرڻ جو اختيار به حاصل هوندو آرٽيڪل 232 تحت وفاقي حڪومت هاءِ ڪورٽ جا اختيار پاڻ سنڀالي نٿي سگهي. صوبائي اسيمبليءَ جا قانون سازيءَ وارا اختيار به مڪمل طور ختم نٿا ٿين، پر جيڪڏهن صوبائي قانون ۽ پارليامينٽ جي قانون ۾ ٽڪراءُ ٿئي ته پارليامينٽ جو قانون لاڳو ٿيندو ۽ ان سان ٽڪراءُ ۾ آيل صوبائي قانون غير اثرائتا ٿي ويندا. ٻئي پاسي، آئين جو آرٽيڪل 234 صوبي ۾ آئيني نظام جي ناڪاميءَ جي صورت ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ سان لاڳاپيل آهي. ان تحت گورنر صدر کي رپورٽ موڪليندو ۽ جيڪڏهن پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن مان الڳ الڳ ٺهراءُ منظور ٿين ته صدر گورنر راڄ لاڳو ڪري سگهي ٿو آرٽيڪل 234 تحت صدر صوبائي حڪومت جا سمورا يا ڪجهه اختيار پاڻ سنڀالي سگهي ٿو يا گورنر کي ڏئي سگهي ٿو پر هاءِ ڪورٽ جا اختيار پاڻ سنڀالڻ يا گورنر حوالي ڪرڻ جو اختيار حاصل نه هوندو. هن آرٽيڪل تحت هر ٻن مهينن ڪانپوءِ پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس مان منظوري وٺڻ لازمي آهي. جڏهن ته گورنر راڄ مجموعي طور ڇهن مهينن کان وڌيڪ لاڳو نٿو رهي سگهي.

بقايا *** 02

عملي جوڙڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته ذيابيطس جهڙي وڌندڙ صحت جي چيلنج کي منهن ڏيڻ لاءِ علاج سان گڏوگڏ بيماري جي روڪٿام تي خاص ڌيان ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. متوازن غذا، باقاعده جسماني سرگرمي ۽ زندگي جو صحتمند معمول اختيار ڪرڻ جي حوالي سان عوامي آگاهي کي قومي سطح تي هٿي ڏني وڃي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان مطابق وزيراعظم محمد شهباز شريف ذيابيطس جي عالمي ۽ قومي ماهرن جي وفد ملاقات ڪئي. وفد ۾ عالمي اينڊوڪرائنولاجي سوسائٽي جو صدر ڊاڪٽر سيد عباس رضا جي قيادت ۾ مختلف ملڪن جا طبي ماهر شامل هئا. ملاقات ۾ وفاقي وزير احد خان چيمو، سيد مصطفيٰ ڪمال، صحت بابت مملڪتي وزير ڊاڪٽر مختار برٿ ۽ لاڳاپيل ادارن جا اعليٰ آفيسر به موجود هئا. وزيراعظم چيو ته نوجوانن خاص طور تي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن ۾ صحتمند طرز زندگي کي هٿي ڏيڻ لاءِ موثر قدم کنيا وڃن. ٽيلي وزن، ريڊيو، ڊيجيٽل پليٽ فارمز ۽ ٻي ميڊيا ذريعي ذيابيطس کان بچاءُ، وقت سر سڃاڻپ ۽ صحتمند طرز زندگي بابت معلومات عام ڪئي وڃي. وزيراعظم چيو ته ذيابيطس جي روڪٿام لاءِ قومي ترجيحن مطابق واضح پاليسي ۽ عمل جوڳي منصوبه بندي اڻٽر آهي. ان سلسلي ۾ لاڳاپيل ادارا تحقيق، آگاهي ۽ احتياطي تدبيرن جي حوالي سان مربوط حڪمت عملي جوڙن. هن چيو ته ذيابيطس جي وڌندڙ چيلنج کي موثر انداز ۾ منهن ڏيڻ لاءِ علائقائي ۽ عالمي سهڪار کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي. بين الاقوامي تجربن، تحقيق ۽ بهترين عملي طريقن مان فائدو حاصل ڪندي ملڪ ۾ بيماري جي روڪٿام جي قدمن کي موثر بڻايو وڃي. طبي ماهرن جو وفد پاڪستان ۾ اينڊوڪرائنولاجي سيمينار ۾ شرڪت لاءِ موجود آهي. وفد ذيابيطس ۽ ٻين بيمارين جي روڪٿام جي حوالي سان تازن قدمن ۽ پاليسي لاڳو ڪرڻ کي ساراهيو. وفد ۾ شرڪت ڪندڙن پاڪستان ۾ شوگر جي بيماري جي روڪٿام ۽ عوام لاءِ آگاهي مهم ۾ سهڪار جي عزم جو اظهار ڪيو وفد چيو ته پاڪستان جا طبي ماهر سڄي دنيا ۾ شوگر ۽ ٻين بيمارين جي علاج ۽ روڪٿام لاءِ انتهائي اهم خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن.

بقايا *** 03

دي جي سياست نه ڇڏي ته عمران خان جيل ۾ رهڻ وارو آصف علي زرداري جو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيندو پنهنجي هڪ بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري پي ٽي آءِ جي حوالي سان ڳالهيون ڪندي چيو ته انتهاپسندي ۽ بائيڪاٽ جي سياست سبب تحريڪ انصاف سيني سان جهيڙي ۾ مشغول آهي. هن خبردار ڪندي چيو ته پي ٽي آءِ انتها پسندي جي سياست نه ڇڏي ته خان صاحب جيل ۾ رهڻ جو آصف علي زرداري جو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيندو بلاول جو چوڻ هو ته پاڪستان جي سياسي روايت رهي آهي ته جيڪو اڄ جيل ۾ رهندو آهي اهو سڀاڻي اقتدار ۾ ٿي سگهي ٿو پر انهي جي لاءِ پي ٽي آءِ کي انتهاپسندي جي سياست ڇڏڻي پوندي. وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه منفي سياست جي رستي تي هلي رهيو آهي، ڪجهه ڏينهن اڳ وفاقي حڪومت خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي لڳائڻ جي لاءِ تيار هئي پر خيبرپختونخواهه ۾ گورنر راڄ آخري آپشن هوندو ايم ڪيو ايم تي تنقيد ڪندي هن چيو ته جيڪي يوسين جي سيٽ نٿا کڻي سگهن اهي صوبي جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. مصطفيٰ ڪمال ۽ محسن نقوي سنڌ جي هر شهر ۾ وڃن ۽ ماڻهن کان پڇن ته ڇا انهن کي صوبو گهرجي.

بقايا *** 04

"جاري ڪئي وئي آهي، رپورٽ ۾ نومبر 2024ع کان سيپٽمبر 2026ع تائين جي عدالتي ۽ ادارہ جاتي سڌارن بابت ٻڌايو ويو آهي، رپورٽ ۾ عدالتي سڌارن، ڪيسن جي موثر انتظام ۽ التوا هيٺ ڪيسن ۾ گهٽتائي بابت اڳڀرائي کي به اجاگر ڪيو ويو سپريم ڪورٽ جي پبلڪ رليشنز واري شعبي پاران جاري پڌرائي مطابق رپورٽ ۾ ڊيجيٽل تبديلي، ادارہ جاتي احتساب ۽ انصاف تائين عوامي پهچ بهتر بڻائڻ جي قدمن جي تفصيل شامل آهي. جنهن مطابق 86 نڪاتي عدالتي سڌارن واري ايڪشن پلان تي عمل جي اڳڀرائي پيش ڪئي وئي آهي. عدالتي سڌارن تي عمل لاءِ منظم نگراني، خصوصي ورڪنگ گروپس ۽ باقاعده جائزي جي نظام بابت آگاهه ڪيو ويو. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ ۾ ڪيسن جي فيصلن جي انگ ۾ نمايان اضافو ٿيو. پراڻن ۽ ڊگهي عرصي کان التوا هيٺ ڪيسن جي فيصلن تي خاص ڌيان ڏنو ويو جڏهن ته عدالتي ڪارڪردگي جي نگراني لاءِ ڊيٽا تي ٻڌل نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويو اهڙي طرح سپريم ڪورٽ جي ڊيجيٽل خدمتن ۾ توسيع ۽ عدالتي طريقيڪار کي جديد بڻائڻ ۾ نمايان اڳڀرائي ٿي آهي. قومي عدالتي پاليسي ساز ڪميٽي تحت ملڪ گير عدالتي سڌارن تي اڳڀرائي کي به رپورٽ جو حصو بڻايو ويو آهي. ترجيحي ڪيسن جي مقرر مدي ۾ فيصلا ۽ ماڊل ٽرائل ڪورٽس جو قيام اهم سڌارن وارن قدمن ۾ شامل آهن جڏهن ته انصاف جي نظام ۾ مصنوعي ذهانت جي ذميوارانه استعمال ۽ عدالتي تجزياتي نظام جي ترقي کي به رپورٽ ۾ اجاگر ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي رپورٽ ۾ سپريم ڪورٽ جي بين الاقوامي سهڪار ۾ توسيع ۽ اداره جاتي رابطن کي به اجاگر ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته جرنل آف ٽرو ريفارم اينڊ انوئشن 2026ع عدالتي سڌارن جي اڳڀرائي ۽ ڪامياسن جو جامع اداره جاتي رڪارڊ آهي.

بقايا *** 05

جو تفصيلي جائزو ورتو گهرو وزارت مطابق ان موقعي تي ڳالهائيندي محسن نقوي چيو ته منصوبي جي مڪمل ٿيڻ سان اسلام آباد جي شهرين کي موٽروي تائين اچ وڃ جو متبادل رستو ملندو هن منصوبن تي ڊبل شفٽ ۾ ڪم جاري رکڻ ۽ ڪم جي رفتار تيز ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته منصوبن تي ڪم هر صورت 31 ڊسمبر تائين مڪمل ڪيو وڃي. محسن نقوي، ڊپٽي ڪمشنر کي هڪ هفتي اندر حد دخليون ختم ڪرائڻ جي به هدايت ڪئي ۽ چيو ته منصوبن جي مڪمل ٿيڻ ۾ موجود رڪاوٽون فوري ختم ڪيون وڃن. سي ڊي اي عملدارن وفاقي وزير کي منصوبن تي اڳڀرائي جي حوالي سان بريفنگ ۾ ٻڌايو ته مارگلا روڊ کان سنگجاني انٽرچينج منصوبي جي مجموعي ڊيگهه 2.7 ڪلوميٽر آهي، منصوبي ۾ هڪ انڊر پاس ۽ هڪ انٽرچينج شامل آهي. ان موقعي تي سي ڊي اي چيئرمين، ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار به موجود هئا.

بقايا *** 06

ڪانفرنس کي خطاب ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته ٻن ڏينهن بعد اجلاس ڪان پوءِ لانگ مارچ جي ٻيهر شروعات ملتان کان ڪئي ويندي، چئني طرفن کان اسلام آباد طرف اڳڀرائي ڪئي ويندي. پيٽروليم ليوي جي خلاف جماعت اسلامي سياڻي اوڪاڙه ۾ جلسو ڪندي. هن چيو ته پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته معاملي کي آءِ ايم ايف جي اجازت سان جوڙيو ويندو آهي. حالانڪ ليوي جو آءِ ايم ايف سان ڪو به تعلق نه آهي. هن جو چوڻ هو ته حڪومت کي احتجاج ۽ فساد گهرجي پر جماعت اسلامي اهڙو ڪو به ڪم نه ڪندي. هن چيو ته ليوي پئه جي خاتمي جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته پوءِ آءِ ايم ايف جي اجازت سان مشروط ڪيو ويندو آهي پر بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جاري رهڻو آهي، حيرت جي ڳالهه اها آهي ته آءِ ايم ايف هنن کي بينظير انڪم سپورٽ جهڙي پروگرام هلائڻ جي اجازت ڏئي ٿو انهي پروگرام جا پئسا ڪرپشن ۾ هليا وڃن ٿا. هن وٽ غربت جي خاتمي لاءِ ڪو به پلان نه آهي. ورلڊ بينڪ جي رپورٽ موجب پاڪستان ۾ غربت ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. جماعت اسلامي جي امير چيو ته ملڪ ۾ افراتفري آهي، گورنر راڄ يا ايمرجنسي جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن جيڪي قبول ڪرڻ جوڳيون نه آهن. عمران خان سميت ڪنهن کي به سياسي قيدي نه هجڻ گهرجي، اسان چاهيون ٿا ته باني پي ٽي آءِ کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي. جن الزامن تي پي ٽي آءِ باني قيد ۾ آهي ته پوءِ سيني سياستدانن کي به جيل جي اندر وڃڻ گهرجي، پي ٽي آءِ جي گرفتار عورتن کي به فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي.

بقايا *** 07

ڪنهن به صورت ۾ نئون صوبو يا انتظامي يونٽ قبول نه ڪيو ويندو ڏوڪري پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو ته رياستي ادارن ڪراچي جي سرمائيدارن سان ڪچهري دوران سنڌ کي ڇهن حصن ۾ ورهائڻ بابت ڳالهايو هو جڏهن ته محسن نقوي، فاروق ستار، مصطفيٰ ڪمال ۽ مقبول صديقي جا بيان به سنڌ جي ورهاڱي بابت خدشا وڌائي رهيا آهن هن چيو ته سنڌ جي سياسي جماعتن ۽ عوام اهڙن بيانن خلاف پنهنجو موقف واضح ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته ڪنهن به سياسي جماعت يا شخصيت کليل نموني سنڌ جي ورهاڱي جي حمايت نه ڪئي آهي، جيڪا سنڌ جي سياسي شعور جي عڪاسي ڪري ٿي، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو ته سنڌ اسيمبلي گڏيل قرارداد ذريعي واضح ڪري چڪي آهي ته سنڌ ۾ ڪو به نئون صوبو يا انتظامي يونٽ قائم ڪرڻ نه ڏنو ويندو هن وڌيڪ چيو ته جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي سان لاڳاپيل ۽ سائين جي ايم سيد جي فڪر تي هلندڙ پارٽين ۾ اتحاد موجود آهي. ان اتحاد تحت 20 سيپٽمبر تي نوابشاهه ۾ پرامن ريلي ڪئي وئي هئي، جڏهن ته 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ به وڏي پرامن سياسي ريلي ڪئي ويندي.

بقايا *** 08

رپورٽن موجب آمريڪا ۾ 95 سيڪڙو شاگرد اسائنمنٽ اي آءِ چيٽ بوٽ کان لکرائڻ لڳا، جنهن جي ڪري استاد پريشان ٿي ويا ته شاگرد سکڻ جي بجاءِ سکڻ جي خوش فهمي ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن. نئين هيومنائزنگ اي آءِ پروگرامز لکت کي مستند ۽ وڌيڪ فطري بڻائي رهيا آهن. استادن جي لاءِ اي آءِ لکت پڪڙڻ به هاڻ وڌيڪ مشڪل ٿي ويو آهي. ريسرچز موجب استاد انساني ۽ چيٽ بوٽ جي لکت پڪڙڻ يعني (ڊيٽيڪٽرز بمقابله ايويڊرز) جي جنگ ۾ شڪست کائي چڪا آهن. گذريل ڏينهن ڪوپن هيگن يونيورسٽي جي ڊپارٽمينٽ آف ڪمپيوٽر سائنس جي تحقيق ۾ ٻڌايو ويو ته مسلسل اي آءِ تي جوابن جي لاءِ ڀاڙڻ سان انساني علم گهٽ ٿي ويندو آهي جنهن جو نتيجو حماقت يا گهٽ عقلي جي شڪل ۾ نڪري سگهي ٿو انهي تحقيق ۾ 27 مختلف لارج لينگوئج ماڊلز يا اي آءِ چيٽ بوٽس جي جانچ پڙتال ڪئي وئي.

بقايا *** 09

اظهار ڪندي فيصلي کي شرمناڪ قرار ڏئي ڇڏيو آهي. گذريل ڏينهن سوئيڊن جي رائل سوئيڊش اڪيڊمي امن جي نوبيل انعام 2026 جو اعلان ڪيو جنهن ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي خواهش هن ڀيري به پوري نه ٿي سگهي، هن سال جو نوبيل انعام ڏکڻ آفريڪا سان تعلق رکندڙ هيومين رائٽس وڪيل ناوانيٿهم ناوي پلي کي ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو خبرون ڏيندڙ ايجنسي موجب ٽرمپ نوبيل انعام نه ڏيڻ جي فيصلي کي شرمناڪ قرار ڏيندي چيو ته نوبيل امن انعام جي فيصلي ناروي جي ساک تي داغ لڳائي ڇڏيو خبرون ڏيندڙ ايجنسي موجب ٽرمپ نيويارڪ ۾ ريلي کي خطاب ۾ چيو ته اسان ناروي کي نه وساريندا سين، اوهان آمريڪا کي نوبيل امن انعام نه ڏنو ياد رهي ته ڏکڻ آفريڪا سان تعلق رکندڙ هيومن رائٽس وڪيل ناوانيٿهم ناوي پلي کي امن ۽ عالمي قانون کي هٿي ڏيڻ تي نوبيل انعام ڏنو ويو آهي.

بقايا *** 10

هه ڪلاڪن ڪانپوءِ المختار ولداجي کي ٻيهر نئون وزيراعظم مقرر ڪندي نئين حڪومت جوڙڻ جي ذميواري سونپي ڇڏي آهي. ميڊيا رپورٽن موجب صدارتي حڪمنامي ذريعي وزيراعظم جي ٻيهر مقرري ڪئي وئي، بعد ۾ هن صدارتي محل ۾ ساڻس ملاقات دوران نئين ڪابينه جي جوڙجڪ لاءِ تجويزون پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ملاقات دوران المختار ولداجي چيو ته هن نئين حڪومت جي جوڙجڪ لاءِ تجويزون تيار ڪرڻ جو ڪم فوري طور تي شروع ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته نئين حڪومت ۾ ضرور سياسي ۽ فني مهارت رکندڙ ماڻهن کي شامل هجڻ گهرجي ته جيئن صدر جي پروگرام تي عملدرآمد جاري رکي سگهجي ۽ موجوده عالمي بحران جي چيلنجز کي منهن ڏئي سگهجي. واضح رهي ته موريتانيه جي وزيراعظم المختار ولداجي جمعي تي صبح جو پنهنجي حڪومت جي استعيفيٰ صدر کي پيش ڪئي هئي. کيس پهريون ڀيرو 2 آگسٽ 2024ع تي وزيراعظم مقرر ڪيو ويو هو.

بقايا *** 11

ته پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه عوام کي سڀاڻي ٿيندڙ وحدت سنڌ مارچ ۾ ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪئي آهي. سيد زين شاهه چيو ته سنڌ جا ماڻهو سنڌ جي وحدت، وسيلن جي مالڪي، پاڻي جي حق ۽ سنڌ جي جاگرافيائي وجود جي تحفظ لاءِ پنهنجي قومي ذميواري ادا ڪن. هن چيو ته سنڌ جي عوام کي اهو حق حاصل آهي ته هو پنهنجي وسيلن، زمين، درياهه ۽ مستقبل بابت ٿيندڙ فيصلن ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري. سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته سنڌو درياهه سنڌ جي زندگيءَ جو بنيادي ذريعو آهي، جيڪو سنڌ جي تهذيب ۽ تاريخ جو امين پڻ آهي.

بقايا *** 12

رتحال، لانگ مارچ ۽ ٻين سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ٻنهي اڳواڻن خيبرپختونخواهه جي موجوده صورتحال صوبي ۾ امن قائم ڪرڻ بابت ڳالهيون ڪيون ويون. ملاقات جي دوران گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ۽ وفاقي وزير امير مقام خيبرپختونخواهه جي عوام جو ٿورو ادا ڪندي چيو ته صوبي جي عوام انتشار جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو آهي. ٻنهي اڳواڻن پنهنجي موقف ۾ چيو ته خيبرپختونخواهه جي عوام دهشتگردي ۽ انهي جي سرپرستي ڪندڙ انتشاري سياسي ٽولي کان بيزار ٿي چڪي آهي، ملاقات جي گڏيل پڌرائي ۾ چيو ويو ته وفاقي حڪومت خيبرپختونخواهه ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ عوامي ترقي جي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي. ٻنهي اڳواڻن صوبي ۾ امن امان جي صورتحال ۽ اهم سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندي وفاقي حڪومت طرفان عوامي ترقي ۽ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ قدم جاري رکڻ واري ارادي جو اظهار ڪيو.

بقايا *** 13

ار ڏنو آهي. نيدرلينڊ جي پرڏيهي وزير ڊچ ٽام بيرينڊسن آمريڪي پابندين تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته نيدرلينڊ عدالت جي دفاع لاءِ ثابت قدم رهندو هن واضع ڪيو ته پابنديون فوري طور تي لاڳو نه ٿينديون ۽ خدمتون فراهم ڪندڙ ادارا عدالت سان سهڪار جاري رکي سگهن ٿا. يورپي يونين پڻ آمريڪي پابندين تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته اها عالمي فوجداري عدالت جي ڪم جي حمايت لاءِ ضروري قدم کڻڻ لاءِ تيار آهي.

بقايا *** 14

ات ۽ سفري مقصد جي تفصيلي جانچ پڙتال جي دوران ننڍي عمر جي ڇوڪري جي مبينه جنسي استحصال ۽ انساني اسمگلنگ بابت سنگين خدشا سامهون اچڻ تي ٽنهي مسافرن کي وڌيڪ جاچ ۽ قانوني ڪارروائي جي لاءِ لاڳاپيل اختيارين جي حوالي ڪرڻ جي لاءِ ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي. اميگريشن ڪليئرنس جي دوران مسافرن مائره، عليشه ۽ انهي جي والده بينه کان سفري مقصد، انتظامن ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن تي تفصيلي پڇاڳاڇا ڪئي وئي، مائره انٽرويو دوران پنهنجي عمر تقريبن 16 کان 17 سال ٻڌائي ۽ الزام لڳايو ته انهي جي والدين پاسپورٽ ۽ سڃاڻپ جي دستاويزن ۾ انهي جي عمر اصل عمر کان وڌيڪ ظاهر ڪئي. هن وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته کيس متحده عرب امارات ۾ ڪلبن ۽ هوٽلن ۾ جنسي سرگرمين ۾ ملوث ڪيو ويو شروعاتي جاچ جي دوران مسافر جي والده جي موبائل فون مان مبينه ايجنٽ حارث سان واٽس ايپ ڳالهه ٻولهه به سامهون آئي جنهن ۾ ويزائن، ايئرٽڪيٽس ۽ سفري خرچن جي انتظامن بابت خيالن جي ڏي وٺ موجود هئي، اهڙن پيغامن ۾ ڇوڪرين جي آمدني وڌائي ماهوار 6 لک روپيه ڪرڻ ۽ ٻين ڇوڪرين بابت ڳالهين جو به ذڪر ڪيو ويو جنهن جي وڌيڪ تصديق ۽ فارنزڪ جاچ ضروري آهي. موجود جاچ موجب مذڪوره ايجنٽ مبينه طور تي مسافرن جي سفري انتظامن ۽ مالي مدد ڪئي، مسافرن جي والده جي موبائل فون ۾ 4 لک روپين جي بينڪ ٽرانزيڪشن ڪئي رسيد به سامهون آئي جيڪا مبينه طور تي انهي جي والد مقصود علي جي اڪائونٽ ۾ منتقل ڪئي وئي هئي. اهڙي مالي ڏيتي ليتي جي نوعيت، مقصد ۽ مبينه سرگرمين سان تعلق جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. جانچ پڙتال جي دوران ايجنٽ حارث، لاڳاپيل ٽريول ايجنسي، سفري دستاويزات، بينڪ اڪائونٽس ۽ موبائل فونز ۾ موجود ڊيجيٽل شاهدين بابت جاچ به سامهون آئي. اختيارين طرفان ٻين امڪاني متاثر ڇوڪرين جي سڃاڻپ، مالي رابطا، اڳوڻا سفري انتظام ۽ والدين سميت سمورن لاڳاپيل ماڻهن جي ڪردار جي تصديق ضروري قرار ڏني وئي آهي، معاملي جي سنگيني کي نظر ۾ رکندي ٽنهي مسافرن کي وڌيڪ تصديق، ڊيجيٽل شاهدين جي فارنزڪ تجربي ۽ ضروري قانوني ڪارروائي جي لاءِ ايف آءِ اي، ايچ ٽي سي اختيارين جي حوالي ڪرڻ جي ڪارروائي ڪئي وئي آهي. مبينه انساني اسمگلنگ، ننڍي عمر جي ڇوڪري جي امڪاني جنسي استحصال ۽ سهولتڪارن جي ڪردار بابت وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 15

۾ لڪل صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ، سندن خوداعتمادي وڌائڻ ۽ کين صحتمند ۽ هاڪاري سرگرمين ۾ مصروف رکڻ آهي. هي دلچسپ رانديون جو ميلو جمعي، 18 سيپٽمبر کان ڇنڇر، 10 آڪٽوبر 2026ع تائين ڪراچيءَ جي مشهور رانديون واري هنڌ ڪي ايم سي اسپورٽس ڪمپليڪس، ڪشمير روڊ تي منعقد ڪيو ويو هن ميلي ۾ ڪرڪيٽ جي فائنل ۽ پڄاڻيءَ واري تقريب ڇنڇر 10 آڪٽوبر تي ڪي ايم سي اسپورٽس ڪمپليڪس، ڪشمير روڊ، ڪراچيءَ ۾ منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ ڪراچيءَ جو ميئر مرتضيٰ وهاب خاص مهمان هوندو ان موقعي تي ملڪ جي مشهور ٽي وي چئنل اي آر واءِ جي سينيئر اينڪر پرسن ۽ صحافت جي دنيا جي نامور شخصيت وسيم بادامي پڻ شرڪت ڪندو. ان کان علاوه تقريب ۾ ڪراچيءَ جون مشهور سماجي ۽ ڪاروباري شخصيتون پڻ مهمان طور شرڪت ڪنديون، جن ۾ ايڊووڪيٽ جنرل حسن اڪبر محمد منير خاناڻي، عباس بادامي، محمد راجپر، اقبال جيواڻي، حاجي لياقت ۽ سلمان نقوي شامل آهن. هن رانديون جي ميلي ۾ ڪرڪيٽ ۽ فٽبال ڪانسواءِ ترڻ، نائن بال، ٽيبل ٽينس، بيڊمنٽن ۽ مختلف بورڊ گيمز جا مقابلا پڻ منعقد ڪيا پيا وڃن. ان سال ٻن نئين رانديون، پيڊل ۽ 15 سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن جي انڊور ڪرڪيٽ کي به ميلي ۾ شامل ڪيو ويو آهي. گذريل ٻن سالن کان نوجوان ڇوڪرن سان گڏ ڇوڪرين ۽ عورتن لاءِ به مختلف رانديون جا مقابلا منعقد ڪيا پيا وڃن. هن ڀيري لڳ ڀڳ هڪ هزار کان وڌيڪ ٻار، ڇوڪرا، ڇوڪريون، مرد ۽ عورتون انهن رانديون جي مقابلن ۾ حصو وٺندا. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اهڙيون هاڪاري سرگرميون منعقد ڪري سڄي ملڪ جي نوجوانن کي تعليمي سرگرمين سان گڏ غير نصابي سرگرمين، خاص طور رانديون جي مقابلن ۾ حصو وٺڻ ۽ پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪيا وڃن. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ ۽ نوجوانن کي صحتمند سماج جا ڪارائتا فرد بڻائڻ لاءِ خانگي توڙي سرڪاري ادارن کي پنهنجو بنيادي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

بقايا *** 16

پوائنٽن گهٽجي 16 لک 67 هزار 89 پوائنٽن تي بند ٿيو ڪاروباري هفتي دوران 100 انڊيڪس 3834 پوائنٽن جي حد اندر ڪاروبار ڪندو رهيو انڊيڪس جي هفتي دوران بلند ترين سطح هڪ لک 69 هزار 486 پوائنٽن، جڏهن ته گهٽ ترين سطح هڪ لک 65 هزار 651 پوائنٽون رڪارڊ ڪئي وئي، اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ سڄي هفتي دوران 2 ڏهائي 13 ارب شيئرز جا سودا 90 ارب روپين ۾ طئي ٿيا، ٻئي طرف اسٽاڪ ايڪسچينج جي مارڪيٽ ڪيپيٽلائيزيشن ۾ 156 ارب روپين جي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي، جنهن ڪانپوءِ اها گهٽجي 18 هزار 569 ارب روپيا ٿي وئي.

بقايا *** 17

ن ۽ ڪيترن ئي رستن کي رڪاوٽون لڳائي بند ڪيو ويو آهي. احتجاجي تحريڪ جي دعويٰ آهي ته ان جو اڳواڻ اڀيجيت ديبڪي به انهن سوين ماڻهن ۾ شامل آهي، جن کي جمعي جي شام کان وٺي حراست ۾ ورتو ويو آهي. بي بي سي جي نمائندي موجب، احتجاج ڪندڙن جي تحريڪ حڪومتي حلقن کي سخت پريشان ڪري ڇڏيو آهي. هڪ وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته پوليس جهاز ۾ اڀيجيت ديبڪي ڏانهن وڌي رهي آهي، جڏهن ته هو ۽ ٻيا ماڻهو "انقلاب زنده باد" جا نعرا هڻي رهيا آهن. ديبڪي اڳ ئي چئي چڪو آهي ته هو جيل وڃڻ لاءِ تيار آهي. هن مئي ۾ اها تحريڪ لڳ ڀڳ مذاق طور شروع ڪئي هئي، جڏهن ڀارت جي چيف جسٽس سوريا ڪانت بيروزگار نوجوانن کي "ڪاڪروچ" سان تشبيهه ڏني هئي.

بقايا *** 18

ل آهي. شرجيل ميمڻ چيو ته حافظ نعيم طرفان غريب عورتن ۽ ضرورتمند خاندانن جي توهين ڪرڻ شرم جوڳي ڳالهه آهي غريب کي ٻن وقتن جي ماني لاءِ سهارو ڏيڻ تي سياست بي حسي آهي، ڪراچي جي عوام جيڪڏهن پيپلز پارٽي سان نفرت ڪري ها ته اڄ ميئر هڪ جيالو نه هجي ها. هن چيو ته جماعت اسلامي امير سياسي پوائنٽ اسڪورنگ جي لاءِ غريبن جي امداد واري حق کي تڪراري نه بنائي، حافظ نعيم جي غريبن جي مدد تي طعنا ڏيڻ سان غربت ختم نه ٿيندي آهي، انقلابي قدم کڻڻا پوندا آهن. جماعت اسلامي غريبن جي زخمن جي لوڻ ٻرڪڻ بجاءِ عوام جي خدمت تي پنهنجو ڪو ڪارنامو ٻڌائي. سنڌ جي سينئر وزير چيو ته غريب جي مدد ڪرڻ انهي جي تذليل نه هوندي آهي پر رياست، حڪومت جي اها ذميواري آهي، بي آءِ ايس پي دنيا جو بهترين پروگرام آهي جنهن جو اعتراف عالمي ادارن به ڪيو آهي. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تي تنقيد اصل ۾ غريب عورتن ۽ مستحق خاندانن جي توهين آهي. پيپلز پارٽي هميشه غريبن کي سهارو ڏنو آهي. جماعت اسلامي صرف پريس ڪانفرنسن جي سياست ڪندي رهي آهي.

بقايا *** 19

35-2026ع تي ڪم ڪري رهي آهي. ذهني مرض جي شڪار ماڻهن جو علاج، نگهداشت ۽ بحالي سمورين اڪائين بشمول حڪومت، تعليمي ادارن، خاندانن، سول سوسائٽي، ماهرن، ترقياتي حصيدارن جي گڏيل ڪوشش سان ئي ممڪن آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ذهني صحت جي عالمي ڏهاڙي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته ذهني صحت جي عالمي ڏينهن تي پاڪستان عالمي برادري سان گڏجي ذهني مرض ۽ نفسياتي مسئلن جي علاج جي اهميت تي ڀرپور انداز ۾ آواز اٿاري ٿو هن چيو ته ان ڳالهه جو احساس لازمي آهي ته ذهني صحت ڪانسواءِ جسماني صحت جو تصور اڻ مڪمل آهي، هن سال اهو ڏينهن عالمي سطح تي "زندگي جي تجربن کي ٻڌو وڃي: حقيقي آواز، حقيقي تبديلي" جي عنوان هيٺ ملهايو پيو وڃي. وزيراعظم چيو ته ذهني مرض جي شڪار ماڻهن جو موقف ٻڌڻ ۽ ان کي لاڳاپيل پاليسين، خدمتن ۽ فيصلن ۾ شامل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. ذهني مرض جي علاج ۽ صحت جي نظام کي موثر ۽ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ متاثر ماڻهن جي مسئلن ۽ ماهرن جي راءِ جي بامعنيٰ شموليت ئي ڪامياب حڪمت عملي جي ضمانت آهي. ذهني صحت جو تعلق رڳو ذهني مرض سان ئي نه پر نوجوان نسل جي ذهني واڌويجهه ۽ صلاحيتن کي مڪمل استعمال ۾ آڻڻ جي نظام تي به آهي. نوجوانن جي شخصيت سازي، صلاحيتن جي نکار ۽ ذهني ارتقاءُ ۾ درپيش مسئلن جو ادراڪ انفرادي ۽ گڏيل سطح تي ضروري آهي. انهن مسئلن تي ڌيان ڏيڻ سان ئي بهترين افرادي صلاحيت ۽ قابليت کي قومي ترقي ۽ خوشحالي جي ڌارا ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو وزيراعظم چيو ته ذهني مرض جي نشاندهي ۽ علاج کي جسماني مرض وانگر انفرادي، خانداني ۽ معاشرتي قبوليت جو ماحول گهرجي ته جيئن متاثر ماڻهو غيرضروري معاشرتي دٻاءُ کان آزاد ٿي سمورو ڌيان مرض جي علاج ۽ صحت جي بحالي تي مرڪوز ڪري سگهن. اڄ به ڪيترائي ماڻهو ذهني صحت بابت سماجي بدنامي، وقت سر علاج ۾ دير ۽ ضروري مدد حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته حڪومت ذهني مرض بابت امتيازي روين ۽ علاج ۾ شرمندگي جي صورتحال تبديل ڪرڻ جي لاءِ پُرعزم آهي. حڪومت، قومي صحت واري وزارت جي ذريعي پاڪستان قومي ذهني صحت پاليسي 35 - 2026ع تي ڪم ڪري رهي آهي. اها پاليسي ذهني صحت بابت قومي حڪمت عملي کي واضح ڪري ٿي جيڪا وڌيڪ قابل پهچ، منصفاڻي، حقن تي ٻڌل هجڻي. ان پاليسي تي موثر ۽ نتيجن تي ٻڌل عملدرآمد حڪومت جي ترجيح آهي. وزيراعظم چيو ته حڪومت متاثر ماڻهن جي لاءِ وقت سر تشخيص ۽ مداخلت جي قدمن کي مضبوط بڻائڻ ۽ معياري نگهداشت جي لاءِ موثر ذريعن تائين پهچ کي بهتر ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي. حڪومت ان ڏس ۾ صوبائي حڪومتن ۽ مقامي سطح تي سمورن لاڳاپيل حصيدارن سان گڏجي ذهني صحت جي خدمتن کي بنيادي صحت مرڪزن، تعليمي ادارن ۽ ڪميونٽي پليٽ فارمز تائين توسيع ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي، هن چيو ته ذهني صحت جي ڏس ۾ ٻار، نوجوان، عورتون ۽ ڪمزور ۽ محروم طبقا ۽ غربت، لڏپلاڻ، هنگامي حالتن ۽ موسمياتي تبديلي سان پيدا ٿيندڙ چئلينجز کان متاثر آبادي اسان جي خصوصي ڌيان جا طلبگار آهن. ذهني مرض جي شڪار ماڻهن جو علاج، نگهداشت ۽ بحالي سمورين اڪائين بشمول حڪومت، تعليمي ادارن، خاندانن، سول سوسائٽي، ماهرن، ترقياتي حصيدارن جي گڏيل ڪوشش سان ئي ممڪن آهي. وزيراعظم چيو ته اڄ ذهني صحت جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي هر پاڪستاني کي اپيل ڪريان ٿو ته هو اهڙي معاشري جي جوڙجڪ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري جتي ماڻهو بنا ڪنهن ڊپ ۽ بنا ڪنهن شرمندگي جي ذهني صحت تي ڳالهه ڪري سگهن ۽ صحتمند، فعال ۽ ڀرپور زندگي گذارڻ جي لاءِ قدم کڻي سگهن.

بقايا *** 20

ڪئي ته سنڌ ۾ ڪڻڪ وڏي مقدار ۾ موجود آهي، قيمتن کي مستحڪم رکڻ لاءِ سرڪاري ڪڻڪ جاري ڪئي پئي وڃي وڏي وزيرچيو ته مان سومر کان چين جي دوري تي روانو ٿيندس، جتي 15 مفاهمتي يادداشتن (ايم او يوز) تي صحيحون ڪيون وينديون. دوري دوران ٿر ڪول منصوبي جي بهتري ۽ سيڙپڪاريءَ بابت اهم معاهدا ڪيا ويندا، جڏهن ته اليڪٽرڪ گاڏين ۽ اي وي اسڪوٽرن جي تياريءَ جا پلانٽ لڳائڻ بابت پڻ اڳڀرائي ٿيندي. هن چيو ته پاڪستان ۽ چين وچ ۾ 70 سالن کان وڌيڪ عرصي تي ٻڌل دوستي آهي، جنهن جي شروعات شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪئي هئي. ٿر ڪول مان بجليءَ جي پيداوار ۾ واڌ ٿي آهي، جنهن جو افتتاح پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪيو. سنڌ جي وڏي وزير خيرپور فيض محل پهچي خيرپور رياست جي آخري فرد هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر جي وڇوڙي تي سندس جي پوٽيئرن پٽ مير مهدي رضا ٽالپر سان تعزيت ڪئي ۽ سندس جي مغفرت لاءِ دعا گهري. ان موقعي تي صوبائي وزير سيد ناصرحسين شاهه، ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ، ايم اين اي نعمان اسلام شيخ، پي پي پي ضلع خيرپور جو صدر پي پي پي جو اڳواڻ ايم اين اي نواب خان وسان، درگاهه سچل سرمست جو گادي نشين خواجه عبدالحق فاروقي سميت ٻيا پارٽي اڳواڻ پڻ موجود هئا. وڏي وزير چيو ته چين جي دوري دوران اهم شخصيتن سان ملاقاتون ڪيون وينديون، دنيا جي سڀ کان وڏي گارجس ڊيم ۽ مصنوعي ذهانت جي ليبارٽري جو پڻ دورو ڪيو ويندو جڏهن ته شنگهائي وڃڻ جو به پروگرام آهي. سيد مراد علي شاهه چيو ته چين جي دوري دوران 15 مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ڪيون وينديون، جن ۾ ٿر ڪول، برقي گاڏين لاءِ چارجنگ اسٽيشنن ۽ برقي موٽرسائيڪلن جي تياري سميت مختلف منصوبن بابت اڳڀرائي ڪئي ويندي. هن چيو ته انهن منصوبن تي خانگي شعبي ۾ پڻ ڪم ڪيو ويندو وڏي وزيرچيو ته چين سان دوستي کي نظر ۾ رکندي هي دورو ڪيو پيو وڃي، سي پيڪ جي حوالي سان هن چيو ته آصف علي زرداري ان منصوبي جي شروعات ڪئي، جڏهن ته چين سان دوستي ۽ لاڳاپن جو بنياد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وڌو هو بجلي جي پيداوار بابت ڳالهائيندي سيد مراد علي شاهه چيو ته هن وقت سڀ کان سستي بجلي ٿر ڪول مان پيدا ٿي رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ايندڙ مهيني موٽروي جو ڪم شروع ٿيڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته ريلوي ۽ قومي شاهراهن جي تعمير وفاقي حڪومت جي ذميواري آهي. وفاق سان لاڳاپن بابت وڏي وزير چيو ته هاڻي اڳ جي ڀيٽ ۾ صورتحال بهتر آهي. مقامي ادارن جي بجيٽ ۽ حساب ڪتاب بابت هن چيو ته سنڌ حڪومت مقامي ادارن کي بجيٽ ڏني آهي ۽ هاڻي حساب ڪتاب جي جاچ لاءِ ڪم شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. حساب ڪتاب مڪمل ٿيڻ کان پوءِ تفصيل پڌرا ڪيا ويندا. ڪڻڪ جي ذخيرن ۽ قيمتن بابت سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ وٽ ڪڻڪ جو ايترو ذخيرو موجود آهي، جو قيمتن کي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو هاري ڪارڊ ذريعي سبسڊي پڻ ڏني وئي آهي. خيبرپختونخواهه ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ بابت سوال تي وڏي وزيرچيو ته ان معاملي تي بلاول ڀٽو زرداري تفصيلي ڳالهه ڪندو. جڏهن ته غير آئيني گورنر راڄ جي مخالفت ڪئي ويندي. سياسي صورتحال بابت ڳالهائيندي سيد مراد علي شاهه چيو ته مسئلن جو حل نڪرڻ گهرجي، ڀلي ان لاءِ مولانا يا ڪو ٻيو ڪردار ادا ڪري. هن تحريڪ انصاف کي به سوچڻ جي صلاح ڏني ۽ چيو ته دهشتگردي سبب ملڪ کي نقصان پهچي رهيو وزيراعليٰ سنڌ وڌيڪ چيو ته صوبائي اين ايف سي ايوارڊ ڏنو ويندو جيئن صوبا پنهنجا وسيلا پيدا ڪري سگهن. ان موقعي تي ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي، ڊي آءِ جي ناصر آفتاب، ڊپٽي ڪمشنر نادر شهزاد خان ۽ ايس ايس پي احمد فيصل چوڌري پڻ ايئرپورٽ تي موجود هئا.

بقايا *** 21

تي ڳالهيون ڪيون. ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ آذربائيجان جي وچ ۾ ڀائرن لاڳاپن ۽ ڀرپور دوستي جي ارادي جو اظهار ڪيو وزيراعظم آذربائيجان سان پاڪستان جي گهري، ڀائراڻي ۽ اسٽريٽجڪ ڀائيواري جو ارادو ڪندي چيو ته ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا گڏيل اعتماد ۽ اهم قومي مفادن جي معاملن تي هڪ ٻئي جي ڀرپور حمايت تي ٻڌل آهن. ٻنهي لاڳاپن جو جائزو وٺندي ٻنهي اڳواڻن اتفاق ڪيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ مثالي سياسي هم آهنگي کي هاڻ وڌيڪ مضبوط ۽ اقتصادي سرمائيڪاري ۽ واپاري ڀائيواري ۾ تبديل ڪرڻ ضروري آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي عوام صدر الهام عليوف ۽ آذربائيجان جي ڀائراڻي عوام کي انتهائي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي. ٻنهي اڳواڻن مختلف شعبن ۾ ٻطرفي تعاون ۾ وڌندڙ اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ انهي ارادي جو اظهار ڪيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ غير معمولي سياسي خيرسگالي ۽ هم آهنگي کي گڏيل فائدي تي ٻڌل اقتصادي، سرمائيڪاري ۽ واپاري ڀائيواري ۾ تبديل ڪيو ويندو.

بقايا *** 22

جيڪڏهن خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لڳي سگهي ٿي ته اهو وقت پري ناهي، جڏهن ڪراچي کي وفاق جي ڪنٽرول ۾ آڻڻ لاءِ سنڌ ۾ به ايمرجنسي لاڳو ٿي سگهي ٿي، سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ مشال يوسفزئي، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي مخاطب ٿيندي چيو ته ڪنهن به ايمرجنسي سمري تي صحيح ڪرڻ کان اڳ هو پنهنجي والد آصف علي زرداري کي اها ڳالهه ضرور ٻڌائي، هن بلاول ڀٽو زرداري جي ان موقف جو حوالو پڻ ڏنو جنهن ۾ هن چيو هو ته جڏهن ڪنهن هڪ سياسي جماعت لاءِ سياسي گنجائش گهٽائي يا ختم ڪئي وڃي ٿي ته وقت گذرڻ سان ٻين جماعتن لاءِ به سياسي گنجائش گهٽجڻ لڳي ٿي. مشال يوسفزئي چيو ته پاڪستان جا ماڻهو ڄاڻن ٿا ته اهڙي عمل جو آخري نتيجو ڪهڙو نڪري سگهي ٿو هن زور ڏنو ته جمهوريت کي بچائڻ لاءِ اڃا به وقت آهي ۽ ان سلسلي ۾ قدم کڻڻ گهرجن. هن خبردار ڪيو ته ڪنهن به جماعتن لاءِ سياسي گنجائش محدود ڪرڻ وارو عمل جمهوريت لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿو.

بقايا *** 23

صحت کي صحت، انساني وقار ۽ قومي ترقي جو لازمي جز قرار ڏيندي سمورن لاڳاپيل ڌرين تي زور ڀريو آهي ته اهي ذهني صحت جي حوالي سان رڳو آگاهي تائين محدود رهڻ بدران عملي قدم کڻن، اهڙو پاڪستان جوڙڻ جي لاءِ ڪوششون جاري رکڻ گهرجن جتي ماڻهو ڪنهن فرق ڪانسواءِ ذهني صحت بابت مدد حاصل ڪري سگهن ۽ هر شخص عزت ۽ وقار سان اميد جوڳي زندگي گذاري سگهي. هن اها ڳالهه ذهني صحت جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو 10 آڪٽوبر تي ملهايو پيو وڃي. ان موقعي تي صدر سڄي پاڪستان جي عوام خاص طور تي ذهني صحت جي مسئلن ۾ ورتل ماڻهن، انهن جي گهرڀاتين، نگهداشت ڪندڙن، ذهني صحت جي ماهرن ۽ ان شعبي ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ سمورن ماڻهن جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو صدر چيو ته هلندڙ سال ذهني صحت جي عالمي ڏهاڙي جو موضوع "ذاتي تجربن کي ٻڌو وڃي: حقيقي آواز، حقيقي تبديلي" ذهني صحت جي مسئلن مان گذرندڙ ماڻهن جا تجربا ٻڌڻ ۽ انهن جي موقف کي لاڳاپيل پاليسين، خدمتن ۽ فيصلن ۾ شامل ڪرڻ جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو. صدر چيو ته ذهني صحت، انساني وقار ۽ قومي ترقي جو هڪ لازمي جز آهي، اسان کي اهڙو پاڪستان جوڙڻ جي لاءِ ڪوششون جاري رکڻ گهرجن جتي ماڻهو ڪنهن بدنامي يا فرق جي خوف ڪانسواءِ ذهني صحت بابت مدد حاصل ڪري سگهي، معياري سهولتون پهچ جوڳيون ۽ گهٽ خرچ هجن ۽ هر شخص عزت ۽ وقار سان اميد جوڳي زندگي گذاري سگهي. صدر ذهني صحت جي خدمتن کي بهتر بڻائڻ ۽ بنيادي صحت جي سهولتن سميت وسيع تر صحت ۽ سماجي ترقي جي قدمن ۾ ذهني صحت کي شامل ڪرڻ جي لاءِ طبي ماهرن، سول سوسائٽي تنظيمن، ترقياتي حصيدارن، مقامي آبادين ۽ خاندانن جي ڪوشش کي ساراهيو هن چيو ته دماغي صحت جي حوالي سان اسان جي وابستگي ۽ ڪوششون معاشري جي سمورن طبقن، خاص طور تي ٻارن ۽ نوجوانن، عورتن، معذور ماڻهن، ڪمزور آبادين ۽ هنگامي حالتن ۽ مشڪلاتن کان متاثر ماڻهن تائين پهچڻ گهرجن. صدر آصف علي زرداري ان اهم ڏينهن جي موقعي تي سمورن لاڳاپيل ڌرين تي زور ڀريو ته اهي رڳو آگاهي تائين محدود رهڻ بدران بامعنيٰ قدم کڻن. ذهني صحت جي مسئلن مان گذرندڙ ماڻهن جي تجربن کي ڌيان سان ٻڌڻ، عيب جي نظر سان ڏسڻ ۽ فرق جو خاتمو ڪن. ڪميونٽي جي سطح تي ذهني صحت جي خدمتن کي مضبوط بڻائين ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته ذهني صحت يونيورسل هيلٿ ڪوريج ۽ قومي ترقي جو لازمي حصو بڻيل رهي. صدر ان ڳالهه تي زور ڀريو ته اچو هڪ اهڙي پاڪستان جي لاءِ ڪم ڪريون جتي هر شخص جي ڳالهه ٻڌي وڃي، ان جو قدر ڪيو وڃي ۽ عزت ۽ وقار سان سلوڪ ڪيو وڃي ۽ جتي ذهني صحت کي عوام جي مجموعي صحت ۽ ڀلائي جو بنيادي جز تسليم ڪيو وڃي.

بقايا *** 24

هين جي نينگري لبابہ جي علاج، جديد مصنوعي هٿن ۽ بحاليءَ جا سمورا خرچ ڀرڻ بابت صدرِ پاڪستان جو فيصلو برقرار رکندي پشاور اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (پيسڪو) جي درخواست رد ڪري ڇڏي. جسٽس اعظم خان جي عدالت ڪيس جو 11 صفحن تي ٻڌل لکت وارو فيصلو جاري ڪندي پيسڪو جي درخواست خارج ڪري ڇڏي ۽ متاثر نينگريءَ جي علاج توڙي بحاليءَ جي انتظامن بابت حڪم برقرار رکيو عدالت پيسڪو کي هدايت ڪئي ته نينگري لبابہ جي آرمڊ فورسز انسٽيٽيوٽ آف ريهيبليٽيشن ميڊيسن، راولپنڊيءَ مان مڪمل طبي جاچ ڪرائي وڃي. عدالت قرار ڏنو ته پيسڪو نينگريءَ جي جديد مصنوعي هٿن، علاج ۽ بحاليءَ جا سمورا خرچ ڀرڻ جي پابند هوندي. عدالتي فيصلي موجب، جيڪڏهن گهربل علاج يا مصنوعي عضوا فراهم ڪرڻ جي سهولت پاڪستان ۾ موجود نه هجي ته پيسڪو کي پرڏيهه ۾ علاج جا خرچ به برداشت ڪرڻا پوندا. لکت واري فيصلي ۾ عدالت چيو ته بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين جي ذميواري رڳو بنا رنڊڪ بجلي فراهم ڪرڻ تائين محدود ناهي، پر انساني جانين جو تحفظ ۽ حفاظتي گهرجن تي عمل يقيني بڻائڻ به سندن ذميواري آهي. وفاق پاران ڊپٽي اٽارني جنرل راجا ضميرالدين ڪيس جي پيروي ڪئي. واضح رهي ته جولاءِ 2021ع ۾ خيبرپختونخوا جي ضلعي چارسده جي علائقي پيرقلعي ۾ 11 هزار وولٽ بجليءَ جي تار ڪرڻ سبب نينگري لبابہ سخت سڙي زخمي ٿي پئي هئي. حادثي ۾ سندس ٻئي هٿ ڪٽڻا پيا، جنهن سبب هوءَ مستقل معذوريءَ جو شڪار ٿي وئي. نينگريءَ جي وارثن معاوضي ۽ علاج جي سهولت لاءِ وفاقي محتسب سان رابطو ڪيو هو. وفاقي محتسب شروعاتي طور سندن شڪايت منظور ڪئي، پر بعد ۾ نظرثاني واري اپيل تي فيصلو تبديل ڪيو ويو بعد ۾ صدرِ پاڪستان 30 آڪٽوبر 2025ع تي پنهنجي فيصلي ۾ پيسڪو کي نينگريءَ جي علاج ۽ مصنوعي عضون جي فراهميءَ جا انتظام ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي، جنهن کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ برقرار رکيو آهي.

بقايا *** 25

فعي جي شرح 12.05 سيڪڙو مقرر ڪري ڇڏي. سنڌ جي ناڻي کاتي طرفان جاري ڪيل باضابطا خط ۾ جي پي فنڊ تي منافعي جي نئين شرح جو اعلان ڪيو ويو آهي. خط موجب، نئين شرح سنڌ جي سمورن صوبائي سرڪاري ملازمن جي پراويڊنٽ فنڊن تي لاڳو هوندي. سنڌ جي ناڻي کاتي لاڳاپيل آفيسن ۽ اڪائونٽس کاتن کي فيصلي تي عملدرآمد لاءِ خط به موڪلي ڇڏيو آهي. حڪومت جي ان قدم تحت صوبائي سرڪاري ملازمن کي مالي سال 2025-26ع لاءِ سندن جي پي فنڊ ۾ موجود بچت تي مقرر ڪيل شرح موجب منافعو ڏنو ويندو.

بقايا *** 26

جو ڇهون ڏينهن، مارچ جا شرڪت ڪندڙ پشاور کان چارسده پهچي ويا، رستي ۾ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي وڏي وزير سهيل آفريدي چيو ته صوابي پهچي لانگ مارچ جي حتمي حڪمت عمليءَ جو اعلان ڪيو ويندو جيڪو مخالفن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيندو واضح رهي ته گذريل ڏينهن پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ جي شرڪت ڪندڙن پشاور ۾ پڙاءُ ڪيو هو هوڏانهن پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شوڪت يوسفزئيءَ جو چوڻ آهي ته لانگ مارچ جي شيڊيول ۾ تبديلي مولانا فضل الرحمان جي مشاورت سان ڪئي وئي آهي. جيو نيوز سان ڳالهائيندي شوڪت يوسفزئي چيو ته مولانا فضل الرحمان سعودي عرب مان اسد قيصر سان رابطو ڪري کيس چيو هو ته لانگ مارچ جي رفتار ڪجهه سست ڪئي وڃي.

بقايا *** 27

ذهني صحت بابت عوامي آگاهي کي هٿي ڏيڻ ۽ نفسياتي مسئلن سان لاڳاپيل ناڪاري سماجي روين جو خاتمو وقت جي اهم ضرورت آهي. اهڙو اظهار هن ذهني صحت جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو، جيڪو هر سال 10 آڪٽوبر تي ملهايو ويندو آهي. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو ته ذهني صحت جا مسئلا ڪنهن مخصوص عمر يا طبقي تائين محدود نه آهن پر هر عمر ۽ هر طبقي جي ماڻهن کي متاثر ڪري سگهن ٿا. موجوده دور ۾ ذهني دٻاءُ ۽ ٻين نفسياتي مسئلن کان آگاهي، وقت سر ڇڪاس ۽ اثرائتي علاج جي اهميت وڌيڪ وڌي وئي آهي. هن زور ڀريو ته ذهني صحت جي مسئلن کي ڪمزوري سمجهڻ بدران صحت جي هڪ اهم مسئلي طور تسليم ڪيو وڃي. سردار اياز صادق چيو ته ذهني دٻاءُ ۽ نفسياتي مسئلن کي منهن ڏيندڙ ماڻهن سان اڻبرابري واري سلوڪ بدران، همدردي، احترام ۽ مدد جو رويو ضروري آهي. هن اهڙي سازگار ماحول جي فراهمي تي زور ڀريو جتي متاثر ماڻهو بنا ڪنهن هٻڪ جي پنهنجا مسئلا بيان ڪري سگهن ۽ وقت سر طبي ۽ نفسياتي مدد حاصل ڪرڻ ۾ پاڻ کي محفوظ محسوس ڪن. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر ٻارن ۽ نوجوانن جي ذهني صحت تي خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڀريندي چيو ته انهن جي فڪري، جذباتي ۽ سماجي واڌ ويجهه صحتمند معاشرو جوڙڻ سان سڌي ريت واڳيل آهي. هن خاندانن، تعليمي ادارن ۽ معاشرتي حلقن تي زور ڀريو ته اهي ذهني صحت جي مسئلن ۾ ورتل ماڻهن لاءِ مثبت روين کي هٿي ڏين ۽ انهن جي مدد ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪن. اسپيڪر سردار اياز صادق چيو ته ذهني صحت جي مسئلن کي مؤثر طريقي سان منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت، پارليامينٽ، لاڳاپيل ادارن، صحت جي ماهرن ۽ سول سوسائٽي جي وچ ۾ مربوط تعاون ضروري آهي. عوامي آگاهي کي هٿي ڏيڻ، معياري طبي ۽ نفسياتي سهولتن تائين رسائي ۽ هڪ مؤثر مدد واري نظام جي فراهمي لاءِ گڏيل ڪوششون وقت جي اهم گهرج آهي. هن وڌيڪ چيو ته پارليامينٽ عوامي ڀلائي، سماجي شموليت ۽ شهرين جي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجو آئيني ۽ پارلياماني ڪردار ادا ڪندي رهندي.

بقايا *** 28

هٿي ڏيڻ جو اثرائتو ذريعو بڻائڻ گهرجي. پرڏيهي ميڊيا مطابق هن اها ڳالهه ترڪمانستان ۾ آزاد رياستن جي دولت مشترڪه (سي آءِ ايس) جي سربراهي اجلاس جي موقعي تي "ايڪس" تي چئي. ان موقعي تي هن ايران ۽ ان تنظيم جي ميمبر ملڪن وچ ۾ تعاون وڌائڻ لاءِ سي آءِ ايس پلس ايران جي نالي سان هڪ نئون فارميٽ جوڙڻ جي تجويز به پيش ڪئي. پزشڪيان جا بيان اهڙي وقت ۾ سامهون آيا آهن جڏهن ته تهران ۽ واشنگٽن وچ ۾ جنگ جي خاتمي ۽ آبناءِ هرمز کي ٻيهر کولڻ لاءِ تازن هفتن ۾ تجويزن جي ڏي وٺ ٿي آهي. ان دوران علائقائي علمدار نار فارس ۽ احمر سمنڊ ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ ۽ بحري اچ وڃ برقرار رکڻ لاءِ به ڳالهيون ڪري رهيا آهن.

بقايا *** 29

آباد ۾ هفتيوار ميڊيا بريفنگ جي دوران ترجمان چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سڌو سنئون رابطا پاڪستان جي تياڪڙي وارين ڪوشش جو نتيجو آهن، جڏهن ته اسلام آباد مفاهمتي يادداشت پهريان کان موجود آهي. بحث هيٺ ڪجهه نڪتا انهي يادداشت سان هڪ جهڙائي رکن ٿا. سجاد حيدر خان موجب آمريڪا ۽ ايران جي تڪرارن جي حل ۾ پاڪستان سميت ٻيا اهم ملڪ به ڪردار ادا ڪري رهيا آهن پاڪستان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سڌو سنئون رابطن، ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ ڳالهين جي ذريعي تڪرارن جي حل جو خواهشمند آهي. پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو ته ضرورت پوڻ تي پاڪستان آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ٻيهر تياڪڙي جي لاءِ تيار آهي.

بقايا *** 30

اٿر سرڪاري ڪڻڪ جو ڪوٽا وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ سستي اٽي جي فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ 10 ارب روپين جي سبسڊي ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو، وزيراعليٰ پنجاب سستي اٽي لاءِ 10 ارب روپيه سبسڊي ڏيڻ جي منظوري ڏني، ۽ هدايت ڪئي ته عوام کي سستي اٽي جي فراهمي ۽ ورهاست هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي. مريم نواز شريف واضح ڪيو ته انهي مقصد جي لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا وڃن ته جيئن شهرين کي رليف ملي سگهي. مريم نوازشريف چيو ته پنجاب جي عوام تي مهانگائي جو بار انهن جي لاءِ تمام گهڻو تڪليف ڏيندڙ آهي. هن انهي ارادي جو اظهار ڪيو ته شهرين کي سستي اٽي جي فراهمي جو سلسلو جاري رکيو ويندو وزيراعليٰ لاڳاپيل اختيارين کي عوام تائين سستو اٽو پهچائڻ جي لاءِ هر ممڪن قدم کڻڻ جي هدايت به ڪئي.

بقايا *** 31

يندڙ 9 ورهين جي ٻارڙي لبابہ جي علاج، بحالي بابت صدر پاڪستان جو فيصلو برقرار رکي ڇڏيو آهي. عدالت پيسڪو جي درخواست رد ڪندي 11 صفحن تي ٻڌل لکت ۾ فيصلو جاري ڪري ڇڏيو جنهن سبب متاثر ٻارڙي جي علاج ۽ مصنوعي عضون جي فراهمي بابت هدايتون ڏنيون ويون آهن. عدالت حڪم ڏنو ته پيسڪو متاثر ٻارڙي جو طبي معائنو راولپنڊي ۾ قائم آرمڊ فورسز انسٽيٽيوٽ آف ري هيبليٽيشن ميڊيسن کان ڪرائي، فيصلي ۾ واضح ڪيو ويو ته جديد مصنوعي عضون جي فراهمي ضروري علاج ۽ بحالي جا سمورا خرچ بجلي جي ورهاست ڪندڙ ڪمپني برداشت ڪندي. ٻارڙي جون طبي ضرورتون پوريون ڪرڻ جي ذميواري به پيسڪو تي لاڳو هوندي.

بقايا *** 32

ءُ پيش ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ڪراچيءَ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي انور مقصود چيو ته سندس ڊرامو 'هائوس اريسٽ' آخري اسٽيج ڊرامو هجڻ وارو هو، پر حالتن سبب کيس هڪ ٻيو ڊرامو لکڻو پيو ياد رهي ته 15 مارچ 2024ع تي انور مقصود پنهنجي اغوا بابت گردش ڪندڙ خبرن جي ترديد ڪندي بيان جاري ڪيو هو ان موقعي تي هن پنهنجي مداحن ۽ دوستن پاران ڳڻتي ۽ فڪر جو اظهار ڪرڻ تي سندن ٿورا پڻ مڃيا هئا. انور مقصود جو شمار پاڪستان جي نامور ڊراما نگارن، طنز ۽ مزاح جي ليکڪن، ٽي وي ميزبانن، اداڪارن، گيت نگارن ۽ مصورن ۾ ٿئي ٿو. سندس فني سفر پنجن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي تي پکڙيل آهي. انور مقصود هڪ ادبي ۽ فنڪار گهراڻي سان آهي. سندس ڀينرن ۾ نالياري ليکڪا فاطمه ثريا بجيا، شاعر زهره نگاهه ۽ زبيده طارق شامل آهن. سندس سوانح حيات 'الجهي سلجهي انور' جي نالي سان پڻ ڇپجي چڪي آهي، جنهن جي مهورت واري تقريب ڪراچيءَ ۾ منعقد ڪئي وئي هئي.

بقايا *** 33

وجهڻ جي ڪوشش قرار ڏيندي عالمي برادري تي زور ڀريو آهي ته اها عدالت جو ڪم جاري رکڻ لاءِ ضروري وسيلن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ٺوس قدم کڻي. ميڊيا رپورٽن موجب عالمي فوجداري عدالت جمعي تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته آمريڪا پاران عدالت تي پابنديون قانون جي حڪمراني ۽ عالمي قانوني نظام جي بنيادن تي حملو آهن. عدالت جو اهو رد عمل آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو جي ان اعلان ڪانپوءِ سامهون آيو آهي، جنهن ۾ هن عالمي عدالت تي وسيع پابنديون لاڳو ڪرڻ جي فيصلي جو ذڪر ڪيو هو مارڪو روبيو چيو آهي ته، يا ته عالمي فوجداري عدالت پنهنجي قدمن کان پاسو ڪري يا آمريڪا ان کي ختم ڪري ڇڏيندو هن اتحادي ملڪن کان پڻ مطالبو ڪيو ته اهي عدالت کي لغام ڏين. جن مان ڪيترائي ملڪ آءِ سي سي جا ميمبر آهن ۽ پنهنجي دفاع لاءِ آمريڪي فوجي اهلڪارن تي دارومدار رکن ٿا. آءِ سي سي واضع ڪيو آهي ته آمريڪي پابنديون عدالت کي پنهنجو ڪم جاري رکڻ کان روڪي نه ٿيون سگهن.

بقايا *** 34

ي صورتحال، ايران ۽ ٻه طرفن لاڳاپن تي ڳالهيون ڪيون ويون. پرڏيهي ميڊيا مطابق ڪريملن پاران جاري بيان مطابق صدر پيوٽن عالمي مارڪيٽن کي تيل ۽ پيٽروليم مصنوعات فراهم ڪرڻ لاءِ روس جي راضپي جو ورجاءُ ڪيو. ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته روس، آمريڪا ۽ عالمي مارڪيٽن کي لکين ٽن ڊيزل فراهم ڪندو جنهن سان عالمي قيمتن ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي. روسي نائب وزيراعظم اليگزينڊر نوواڪ چيو ته روس ڊيزل جي واپار تي پابنديون مقرر وقت کان اڳ نرم ڪرڻ شروع ڪندو. ڪريملن جي معاون يوري اوشاڪوف مطابق ٻنهي صدرن وچ ۾ اٽڪل ڏيڍ ڪلاڪ تائين ڳالهيون ٿيون، جنهن ۾ يوڪرين تڪرار جي حل جي امڪانن تي خاص ڌيان ڏنو ويو.

بقايا *** 35

هئي، جنهن کان پوءِ ايران خلاف جنگ اسرائيل جي پوزيشن بدتر ڪري ڇڏي، هڪ انٽرويو ۾ يائر گولان چيو ته سينئر خامنائي کي مارڻ سان اسرائيل جي مفادن کي فائدو نه پهتو. هن چيو ته وڏي عمر ۽ ڊگهي وقت کان اقتدار ۾ رهندڙ اڳواڻ جو هجڻ هميشه ڪافي فائدي جو سبب هوندو آهي خامنائي جي عمر 86 سال هئي. اسرائيلي اڳواڻ جو چوڻ هو ته علي خامنائي کي قتل ڪرڻ سان ايران ۾ انقلابي حڪومت جو تختو اونڌو ٿيڻ بجاءِ وڌيڪ مضبوط ٿيو ۽ اسرائيل جي اسٽريٽجڪ مفادن کي نقصان پهتو هن چيو ته اسرائيلي وزيراعظم تاريخي موقعو برباد ڪري ڇڏيو نيتن ياهو ايران جنگ ۾ اهڙي غيرحقيقت پسندانه هدف رکيا جيڪي حاصل ڪرڻ ۾ اسرائيل کي ناڪامي کي منهن ڏيڻو پيو.

بقايا عوامي سوچ 01

عالمن. ثناءَ خوانن ۽ عاشقان رسول ﷺ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. محفل کي خصوصي خطاب حضرت مولانا غلام حسين ميمڻ ڪيو. مقررن پنهنجي خطابن ۾ حمد و نعت جي اهميت، سيرتِ طيبه ۽ سنتِ نبوي ﷺ تي عمل ڪرڻ جي ضرورت تي روشني وڌي. هنن چيو ته اهڙيون روح پرور محفلون نوجوان نسل ۾ ديني شعور ۽ محبتِ رسول ﷺ کي وڌائڻ جو اهم ذريعو آهن. ان موقعي تي بين الاقوامي شهرت يافته ثناءَ خوان حافظ ابوبڪر مدني، اظهار الحق صديقي، زين العابدين جلالي، حافظ سهراب فاروقي ۽ حافظ جميل الرحمان گندرو پنهنجي دلنشين آوازن ۾ بارگاهه رسالت ﷺ ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪيا. جنهن سان محفل ۾ روحاني ڪيفيت ڇانئجي وئي ۽ حاضرين درود و سلام ذريعي پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي حافظ عبدالرزاق عارفي، حافظ فضل الله فياض، مولانا نجيب الله ميمڻ، مولانا عبدالعزيز جتوئي، مولانا اسدالله سنجراڻي، مولانا منظور احمد حقاني ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 02

سروس فار رورل ايرياز ايٽ يونين ڪائونسل ليول، لوئر سنڌ“ تحت فيلڊ عملي ۾ 13 موٽر سائيڪلون ورهائڻ ۽ 2026ع جي مون سون سيزن دوران بهترين خدمتون سرانجام ڏيندڙ آفيسرن ۽ عملي ۾ تعريفي شيلڊون ورهائڻ جي تقريب جيم خانه بدين ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب کي خطاب ڪندي ڊائريڪٽر جنرل لائيو اسٽاڪ سنڌ ڊاڪٽر حزب الله پتو، ڊائريڪٽر اينيمل هسبينڊري سنڌ ڊاڪٽر ارشد خانزاده، ڊزيز انويسٽيگيشن آفيسر سنڌ ڊاڪٽر عبدالمنان ڪوڪر ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ/اينيمل هسبينڊري بدين ڊاڪٽر دودو چانڊيو چيو ته ڀهراڙي وارن علائقن ۾ مالوند ماڻهن کي جانورن جي علاج ۽ صحت بابت سهولتون سندن ويجهو فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، جنهن لاءِ فيلڊ عملي کي جديد سهولتون ۽ ضروري وسيلا فراهم ڪرڻ سان گڏ سندن ڪارڪردگي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ضروري آهي هنن چيو ته موٽر سائيڪلون ملڻ سان فيلڊ عملي جي آمدرفت ۾ آساني پيدا ٿيندي ۽ هو ڏورانهن ڳوٺن توڙي يونين ڪائونسلن تائين گهٽ وقت ۾ پهچي سگهندا. ان سان جانورن جي بيمارين جي بروقت سڃاڻپ، علاج، حفاظتي ويڪسين، بيمارين جي پکيڙجڻ کي روڪڻ ۽ مالوند ماڻهن کي جانورن جي صحت بابت ضروري رهنمائي فراهم ڪرڻ واري عمل ۾ بهتري اچڻ جي اميد آهي هنن وڌيڪ چيو ته لائيو اسٽاڪ کاتو ڀهراڙي جي معيشت ۽ مالوند ماڻهن جي روزگار سان سڌو سنئون لاڳاپيل آهي، ڇاڪاڻ ته جانورن جي صحت جو دارومدار بروقت علاج ۽ بيمارين کان بچاءَ تي آهي. فيلڊ عملي جي پهچ ۾ بهتري اچڻ سان جانورن جي بيمارين سبب ٿيندڙ نقصان گهٽائڻ، کير ۽ گوشت جي پيداوار کي برقرار رکڻ ۽ مالوند ماڻهن کي سندن علائقن ۾ بهتر جانورن جي صحت جون خدمتون فراهم ڪرڻ ۾ مدد ملندي تقريب دوران 2026ع جي مون سون سيزن ۾ پنهنجون ذميواريون بهتر نموني سرانجام ڏيندڙ لائيو اسٽاڪ کاتي جي آفيسرن ۽ عملي جي خدمتن کي ساراهيندي کين تعريفي شيلڊون پڻ پيش ڪيون ويون. ان موقعي تي ڳالهائيندڙن چيو ته قدرتي آفتن ۽ مون سون دوران فيلڊ عملي جو ڪردار انتهائي اهم هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهڙين حالتن ۾ جانورن جي سار سنڀال، بيمارين کان بچاءَ ۽ متاثر علائقن ۾ بروقت سهولتون پهچائڻ لاءِ عملي کي وڌيڪ محنت ۽ ذميواري سان ڪم ڪرڻو پوندو آهي هنن اميد ظاهر ڪئي ته موٽرسائيڪلون ملڻ سان فيلڊ عملي جي ڪارڪردگي ۾ وڌيڪ بهتري ايندي ۽ لائيو اسٽاڪ کاتي جون خدمتون ڀهراڙي جي مالوند ماڻهن تائين وڌيڪ تيزي ۽ اثرائتي انداز ۾ پهچنديون. هنن عملي تي زور ڏنو ته هو پنهنجي ذميوارين کي ايمانداري ۽ لگن سان نڀائيندي جانورن جي صحت جي تحفظ ۽ مالوند ماڻهن جي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن.

بقايا عوامي سوچ 03

طرفان الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب کي خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عبدالقدوس ميمڻ چيو ته مقرريون ۽ بدليون سرڪاري ملازمت جو حصو آهن. جڏهن ته پنهنجي فرضن جي ادائيگي دوران عوام کي انصاف فراهم ڪرڻ ۽ مظلومن جي داد رسي ڪرڻ هر جج جي بنيادي ذميواري آهي. هن چيو ته بدين ۾ پنهنجي 8 مهينن واري مختصر عرصي دوران ڏينهن رات محنت ڪري پنهنجا فرض بهتر نموني ادا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي ۽ پنهنجي ڪارڪردگيءَ تي مطمئن آهيان هن چيو ته جج جي پهرين ترجيح مظلوم فريادي جي فرياد ٻڌڻ ۽ کيس انصاف فراهم ڪرڻ هجڻ گهرجي. هن پنهنجي ساٿي ججن ۽ ڪورٽ جي عملي کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي زندگيءَ جو مقصد مظلومن کي انصاف ڏيارڻ، سندن فرياد ٻڌڻ ۽ کين انصاف جي فراهميءَ لاءِ وقف ڪن. ڇاڪاڻ ته انصاف جي بروقت فراهمي عدالتي نظام جو بنيادي مقصد آهي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عبدالقدوس ميمڻ وڌيڪ چيو ته بدين ۾ 8 مهينن جي عرصي دوران عدالتي سهولتن ۽ ترقياتي ڪمن جي حوالي سان گڏيل ڪوشش سان اهم ڪم ڪرايا ويا آهن. جن جا نتيجا سڀني جي سامهون آهن. هن چيو ته پنهنجي ساٿي ججن ۽ عدالتي عملي جي گڏيل محنت ۽ سهڪار سان بدين جي عدالتن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بڻائڻ ۽ انهن کي سنڌ جي نمايان عدالتن جي صف ۾ آڻڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون ويون هن چيو ته بدين ۾ رهائش ۽ خدمتن دوران کيس جيڪو عزت، احترام، محبت ۽ سهڪار مليو، تنهن کي هو زندگيءَ ڀر وساري نه سگهندو. هن پنهنجي ساٿي ججن ۽ عدالتي عملي جي سهڪار کي ساراهيندي چيو ته گڏيل محنت سان عدالتي ذميوارين جي ادائيگي ۽ عوام کي انصاف فراهم ڪرڻ جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو تقريب جي پڄاڻيءَ تي عدالتي عملي طرفان ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين عبدالقدوس ميمڻ کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ، سنڌي ٽوپي ۽ لونگي جا تحفا پيش ڪيا ويا ۽ سندس خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

بقايا عوامي سوچ 04

رائي سندن مان ۾ گهوڙاباري لڳ پنهنجي ڳوٺ شورا هائوس تي آجياڻو ڏنو ويو. جنهن ۾ مهمان خاص جي حيثيت ۾ ملڪ سليم شورو، سيد محمد بخش شاهه، سيد قاسم شاهه، گروپ ليڊر حاجي لطيف ڪڙمون، ٽائون ڪميٽي گهوڙاباري جي چيئرمين محمد رمضان پنهور، حاجي علي محمد ڪڙمون، وڏيرو حاجي عبدالله ٻرڙو، حجي رمضان بروهي، حاجي عبدالعزيز وڏيرو، حاجي رمضان وڏيرو، صحافي محمد ايوب ملاح، محمد خان ملاح، سائينڏنو عرف نانا گندرو، حاجي عبدالعزيز وڏيرو، حاجي الهبخش وڏيرو، حاجي عبدالغفور وڏيرو، ماسٽر محمد حسن سومرو، عبداللطيف هنگورو، غلام مصطفيٰ شورو، حاجي محمد الرحيم شورو، وڏيرو ڪريم بخش جت، علي نواز گهراڻو، ڊاڪٽر احمد ڪيهر، مولوي محمد عرس سوڍو، مولوي رحيم بخش سوڍو، وڏيرو علي محمد شورو ڪارائي، وڏيرو قربان شورو، وڏيرو غلام مصطفيٰ شورو سميت آسپاس جي مختلف برادرين جي معززين سميت شورا برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري عمري جي سعادت ماڻيندڙن کي مبارڪون ڏيئي سندن شاندار استقبال ڪري سندن عزت افزائي ڪئي ويئي. جڏهن ته شرڪت ڪندڙن پاران عمري جي سعادت ماڻي ايندڙ حاجي عبدالڪريم شورو ۽ ٻين کي نوٽن توڙي گلن جا هار پهرائي سندن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو. ان موقعي تي تازو عمري جي سعادت ماڻي ايندڙ عشر زڪوات ڪميٽي ضلعي ٺٽي جي چيئرمين مولوي حاجي عبدالڪريم شورو چيو ته حج توڙي عمرو اسلام جو اهم رڪن ۽ مسلمانن لاءِ وڏي سعادت آهي. حج ۽ عمري جي ادائيگي سان انسان ۾ صبر، برداشت، ڀائيچاري، محبت ۽ انسانيت جي خدمت جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. هن چيو ته حج ۽ عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ هر مسلمان جي دلي خواهش هوندي آهي. جڏهن ته الله پاڪ جي گهر جي حاضري ۽ حضرت محمد جي روضي مبارڪ جي زيارت وڏي خوش نصيبي آهي. حاجي عبدالڪريم شورو الله پاڪ کان دعا گهرندي چيو ته الله پاڪ اسانجا عمرا، حج، روزا، نمازون، عبادتون قبول فرمائي ۽ کين صحت، سلامتي ۽ خوشحالي واري زندگي عطا ڪري. هن وڌيڪ چيو ته ربيع الاول جو مهينو پڻ برڪتن وارو ڀلارو مهينو آهي، جنهن ۾ اسانجي آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن جي ولادت باسعادت ٿي. جنهن جي اچڻ سان بت پرستي ختم ٿي عالم اسلام جو نالو بلند ٿيو. هن چيو ته پاڪ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم کي هر جهان لاءِ رحمت العالمين بڻائي موڪليو آهي، جيڪو ٻنهي جهانن جو سردار آهي. حضور پاڪ جي سيرت مان امن ۽ ڀائيچاري جو سبق ملي ٿو. حضور پاڪ جي تعليمات تي عمل ڪرڻ سان دنيا مان انتها پسندي ۽ دهشتگردي جو خاتمو ٿي سگهي ٿو هن چيو ته پنهنجي دلين ۾ پاڪ جي محبت پيدا ڪريو. دل جي ڌڙڪنن سان پاڪ جو ذڪر ڪيو ته جيئن توهان جي دلين ۾ نور پيدا ٿئي. آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، خوشحالي، امن امان لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون. آخر ۾ لنگر نياز پڻ تقسيم ڪيو ويو آخر ۾ شرڪت ڪندڙن پاران عمري جي سعادت ماڻي ايندڙن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 05

مائيڪرو پلان ۽ مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن جي ذميوارين جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ چيئرمين ضلعي ڪائونسل چام علي اصغر هاليپوٽو، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي ۽ مختلف کاتن جي لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس کي خطاب ڪندي چيئرمين ضلعي ڪائونسل چام علي اصغر هاليپوٽو چيو ته پوليو مهم دوران ضلعي ڪائونسل طرفان روينيو ۽ صحت کاتي سان مڪمل سهڪار جاري رکيو ويندو. هن چيو ته يونين ڪائونسلن جا چيئرمين پڻ مهم دوران عملي طور ميدان ۾ موجود هوندا. جيئن عوام کي گهر گهر وڃي پوليو جي خطرناڪ اثرن بابت آگاهي ڏئي سگهجي. هن خاص طور تي ريفيوزل ڪيسن کي ختم ڪرڻ لاءِ يونين ڪائونسلن جي چيئرمينن جي ڪردار کي اهم قرار ڏيندي چيو ته پوليو مهم جي ڪاميابي لاءِ ضلعي ڪائونسل طرفان هر ممڪن سهڪار فراهم ڪيو ويندو ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد چيو ته پوليو کان بچاءَ واري قومي مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ تعلقا فوڪل پرسنز جو ڪردار ۽ ذميواريون انتهائي اهم آهن. هن لاڳاپيل تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته اهي تعلقا فوڪل پرسنز سان گڏجاڻيون ڪري مائيڪرو پلان کي بهتر ۽ اثرائتو بڻائين. جڏهن ته مائيڪرو پلان سان لاڳاپيل مسئلن کي تعلقي سطح تي حل ڪيو وڃي ته جيئن مهم دوران ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ کي بروقت ختم ڪري سگهجي. هن چيو ته پوليو مهم جي ڪاميابي لاءِ پي پي ايڇ آءِ جو ڪردار پڻ انتهائي اهم آهي ۽ سمورن لاڳاپيل ادارن کي پنهنجي ذميواريون ڀرپور نموني ادا ڪرڻيون پونديون ڊپٽي ڪمشنر سوشل ويلفيئر آفيسر کي هدايت ڪئي ته شهرن ۽ ڳوٺن ۾ عام ماڻهن کي پوليو وائرس جي خطرن ۽ بچاءَ جي طريقن بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ سماجي ڀلائي وارين تنظيمن ۽ اين جي اوز جي سهڪار سان اثرائتي آگاهي مهم هلائي وڃي، جيئن والدين ۾ شعور پيدا ڪري پوليو جي خاتمي لاءِ اجتماعي ڪوششن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي هن وڌيڪ چيو ته پوليو جهڙي خطرناڪ بيماري جو خاتمو رڳو حڪومتي ڪوششن سان ممڪن ناهي، پر ان لاءِ سموري سماج کي گڏجي اڳتي وڌڻو پوندو. ٻارن جي صحتمند مستقبل لاءِ هر والدين کي پنهنجي ذميواري محسوس ڪندي پوليو مهم ۾ ڀرپور سهڪار ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته پوليو وائرس کان بچاءَ جو سڀ کان اثرائتو طريقو حفاظتي ڦڙا آهن. جيڪي ٻارن ۾ بيماري خلاف مدافعتي قوت پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا. ان ڪري پنجن سالن کان گهٽ عمر جي هر ٻار کي هر مهم دوران پابنديءَ سان پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ يقيني بڻايو وڃي اجلاس دوران ڊاڪٽر ڪريم بخش گاڏاهي تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته 2 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم دوران پيدائش کان پنجن سالن تائين جي عمر وارن 3 لک 91 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا ويندا. هن ٻڌايو ته مهم لاءِ 85 يوسي ايم اوز، 341 ايريا انچارجز، 1,480 موبائل ٽيمون، 70 فڪسڊ سائيٽون، 48 ٽرانزٽ پوائنٽ ٽيمون ۽ 84 اي پي آءِ سينٽر مقرر ڪيا ويا آهن، جيڪي مهم دوران ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ لاءِ پنهنجون ذميواريون ادا ڪندا گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون، اسسٽنٽ ڪمشنر بدين راجيش دلپت، اسسٽنٽ ڪمشنر شهيد فاضل راهو محمد عاطف شفيق، اسسٽنٽ ڪمشنر ماتلي ڊاڪٽر راشد چنا، اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو باگو ثناءُ الله صدر، اسسٽنٽ ڪمشنر تلهار جامڻ داس سونارو، ڊي ايس پي بدين شڪيل سولنگي، اي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر وسيم عباس خواجه، اي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آءِ بدين بي رضيه اڄڻ، اي پي آءِ فوڪل پرسن ڊاڪٽر عباس ملاح، ڊاڪٽر ثناءُ الله، ڊي آءِ بي انچارج انسپيڪٽر محمد خان سومرو، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر چائلڊ پروٽيڪشن دين محمد ڏيرو، چيف ميونسپل آفيسر بدين شيراز احمد، سي سي او دانش خواجه، ڊسٽرڪٽ مينيجر هينڊز حيدر علي پنهور ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 06

رڪ ٿي ويو. جنهن ڪري باهه متاثر الهجڙيو جاکرو کي وڏو نقصان پهتو آهي. جيڪو هن وقت کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل اهي. جنهن جي اڄان تائين ڪنهن به سار ناهي لڌي. باهه متاثر پورهيت الهجڙيو جاکرو وس وارن کان مالي سهائتا جي اپيل ڪئي آهي. جيئن ٻيهر اجهو اڏي گهر ڀاتين کي سردي توڙي گرمي کان بچائي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 07

يو ويو. جنهن ۾ آبي زراعت جي پنجن اهم شعبن، تلپيا مڇي، جهينگا، جائنٽ پران، ڪيڪڙي ۽ اسنيڪ هيڊ مڇيءَ جي فارمنگ کي هٿي وٺرائڻ ۽ تربيتي مواد جي اثرائتي فراهميءَ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ 25 کان وڌيڪ ماڻهن شرڪت ڪئي، جن ۾ انڊونيشيا جا آبي زراعت جا ماهر ڊاڪٽر ايڪو ڪاياهادي، ڊاڪٽر سوڪيندا دارجا ۽ ڊاڪٽر ڪوڪو ڪوڪارڪن، سنڌ جي لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز کاتي ۽ BBHRDB جو ٽيڪنيڪل عملو پڻ شامل هو. اجلاس ۾ ڊائريڪٽر فشريز محمد اسلم انصاري، ڊاڪٽر عبدالمالڪ، ڊاڪٽر فهيم ميمڻ، ڊاڪٽر حنيف چانڊيو، غلام قادر جمالي، نواب سجاد لاڙڪ، ڊاڪٽر عبدالمجيد ڏامرا، اسد جميل سمون، سميع الله گندرو، منير بيجورو، توفيق سومرو، عادل امجد، آصف رشيد ۽ ٻين شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته آبي زراعت جي انهن پنجن شعبن بابت تربيتي پروگرام مارچ کان اپريل 2027ع دوران سنڌ فشريز اينڊ ايڪواڪلچر ريسرچ انسٽيٽيوٽ، چليا فش هيچري، ضلعي ٺٽي ۾ شروع ڪيو ويندو، پروگرام جو مقصد آبي زراعت جي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن جي فني صلاحيتن ۾ واڌارو ڪرڻ ۽ جديد فارمنگ جي طريقن کي هٿي وٺرائڻ آهي

بقايا عوامي سوچ 08

هريلو سطح تي ديسي ڪڪڙين جي پالنا کي هٿي وٺرائڻ آهي. ان موقعي تي وٽرنري آفيسر ٺٽو پولٽري پروڊڪشن سينٽر شاداب قائمخاني، ايڊيشنل ڊائريڪٽر پولٽري پروڊڪشن ڊاڪٽر نعيم راؤ ۽ ڊاڪٽر رضوان حسنين پنهنجي پيغامن ۾ چيو ته بيضا انساني صحت لاءِ اهم ۽ غذائيت سان ڀرپور خوراڪ آهن. جن ۾ پروٽين ۽ ٻيا ضروري غذائي جزا موجود آهن. بيضن جو مناسب استعمال ٻارن جي واڌ ويجهه، جسماني صحت ۽ غذائي ضرورتن جي پورائي ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو هنن چيو ته پاڪستان ۾ ڪيترائي ٻار غذائيت ۽ پروٽين جي کوٽ سبب ڪمزوري ۽ نشوونما جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن. تنهنڪري روزاني خوراڪ ۾ بيضن کي شامل ڪرڻ ضروري آهي. هنن عوام کي صلاح ڏني ته بيضا ڪچا کائڻ کان پاسو ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ سالمونلا (Salmonella) بيڪٽيريا موجود هجڻ سبب بيماري جو خطرو ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته چڱيءَ طرح پچائي استعمال ڪرڻ وڌيڪ محفوظ آهي. پولٽري پروڊڪشن کاتي جي آفيسرن چيو ته هر گهر ۾ چار کان پنج ڪڪڙيون ۽ هڪ ڪڪڙ يا گهٽ ۾ گهٽ ٻه کان چار ديسي ڪڪڙيون پالي سگهجن ٿيون. جن جي خوراڪ لاءِ بورچي خاني مان بچيل شيون پڻ استعمال ڪري سگهجن ٿيون. اهڙي طرح گهرن ۾ بيضن جي پيداوار وڌائي سگهجي ٿي. جنهن سان خاندانن کي روزاني بنياد تي تازا بيضا ملڻ سان گڏ ٻارن ۽ وڏن جي غذائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ملندي

بقايا عوامي سوچ 09

ي شراب، گٽڪا ماوا جون 900 پڙيون، آڪڙا جا 10 دٻا ۽ 2,000 رپيا روڪ رقم هٿ ايس ايڇ او ٿاڻو ٺٽو انسپيڪٽر رياض حسين سومرو پنهنجي عملي سميت هالا نالي ويجهو ڪچي شراب جي ڀٽي ڊاهي پٽ ڪري ڪامياب ڪارروائي ڪئي، جنهن دوران ٽن منشيات فروشن جوابدارن علي محمد ولد دوست علي نوهاڻي، وريام ولد فيض محمد هلايو ۽ غلام نبي ولد مينهن ڏنو ٻجورو کي 10 ليٽر ۽ ڪچي شراب جي 40 ٿيلهن سميت گرفتار ڪيو ويو. ان کان علاوه، پوليس پوسٽ جتوجنڊ جي انچارج سب انسپيڪٽر محمد حسن پتافي پنهنجي عملي سان گڏ جتوجنڊ شهر ۾ دلبر جاکرو جي جوا جي اڏي تي ڪامياب ڪارروائي ڪندي ٻن سٽيباز جوابدارن دلبر ولد غلام رسول جاکرو ۽ رمضان ولد آچار گندرو کي آڪڙا جي 6 دٻن ۽ 800 رپيا روڪ رقم سميت گرفتار ڪيو. ايس ايڇ او ٿاڻو مڪلي انسپيڪٽر محمد جمن ڪوسو پنهنجي عملي سميت مڪلي ۾ عمران خشڪ جي جوا جي اڏي تي ڪامياب ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار عمران ولد علي حسن خشڪ کي آڪڙا جي 6 دٻن ۽ 1,200 رپيا روڪ رقم سميت گرفتار ڪيو. ان کان علاوه، ٿاڻو ٺٽو، مڪلي، ڪينجهر، گهارو ۽ ساڪرو پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪندي گٽڪا وڪرو ڪندڙ 7 جوابدارن ساحل ولد علي اڪبر پتو، جنيد ولد يوسف گندرو، دانش ولد ياسين خاصخيلي، نور اختر ولد گل محمد خشڪ، علي شير غلام حسين شيخ، فياض علي ولد گل محمد خاصخيلي ۽ اظهر علي ولد ٻچل جاکرو کي گٽڪا ماوا جي 900 پڙين سميت گرفتار ڪيو. جڏهن ته ٻين ڪارروايين دوران منشيات فروشي جي الزام هيٺ 4 جوابدارن رضا علي ولد آدم خاصخيلي، ياسين ولد يامين گندرو، نواز علي ولد پنهون ڪيڙو ۽ رمضان عرف مندو ولد سوالي ڪيڙو کي ڪچي شراب جي 96 ٿيلهن سميت گرفتار ڪيو ويو. گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تي گٽڪا ايڪٽ، منشيات آرڊيننس ۽ جوا ايڪٽ تحت ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا عوامي سوچ 10

ي ورتو. آبپاشي کاتي کان فوري مرمت ۽ کاتي ڪرائڻ جو مطالبو اڏيرولال پرسان لونگ ٻالادي وٽ ٻوقاڙ شاخ اوور ٽاپ ٿيڻ سبب گهارو پوڻ جو انديشو پيدا ٿي پيو. جنهن بعد مقامي ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪوششون ڪري شاخ کي گهاري پوڻ کان بچائي ورتو ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته ٻوقاڙ شاخ جي پڇڙيءَ تي ڪافي وقت کان کاتي نه ٿيڻ ۽ ضروري مرمت نه ڪرائڻ سبب شاخ جي حالت زبون حال بڻيل آهي. شاخ جي صفائي ۽ مرمت نه ٿيڻ ڪري پاڻيءَ جي وهڪري دوران صورتحال خراب ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي، جنهن سبب علائقي جا رهواسي سخت ڳڻتيءَ ۾ مبتلا آهن. ڳوٺاڻن موجب، شاخ اوور ٽاپ ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن به وقت گهارو پوڻ جو خطرو موجود هو، پر ڳوٺاڻن بروقت پاڻ ۾ گڏجي ڪوششون ڪيون ۽ شاخ کي امڪاني گهاري کان بچائڻ لاءِ قدم کنيا. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن شاخ جي پڇڙيءَ جي کاتي ۽ مرمت تي فوري ڌيان نه ڏنو ويو ته مستقبل ۾ وڏي نقصان جو خطرو پيدا ٿي سگهي ٿو ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي ڳوٺاڻن آبپاشي کاتي جي لاڳاپيل عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ٻوقاڙ شاخ جو فوري معائنو ڪري، پڇڙيءَ جي کاتي ۽ ضروري مرمت ڪرائي وڃي، جيئن شاخ کي گهاري پوڻ ۽ علائقي کي امڪاني نقصان کان بچائي سگهجي. ڳوٺاڻن اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ترت قدم کنيا وڃن. جيئن ڪنهن وڏي نقصان کان اڳ شاخ جي حالت بهتر بڻائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 11

عزيز ملاح، بلاول ملاح ۽ محمد ايوب ملاح جي زخمي ٿيڻ واري واقعي بعد زخمين ۽ سندن وارثن پاران جوابدارن خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ تي احتجاج ڪيو ويو متاثرن دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اعليٰ پوليس اختيارين کان انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. پريس ڪانفرنس ڪندي عزيز ملاح، بلاول ملاح ۽ محمد ايوب ملاح الزام هنيو ته سندن ڳوٺ ۾ موجود 40 ايڪڙ زرعي زمين تي ڳوٺ جي بااثر ماڻهن محمد رمضان ملاح، سڪندر ملاح، علي حيدر، محمد حسن ملاح، غلام سرور، عاشق ملاح ۽ خالد ملاح پاران قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، سندن چوڻ موجب، زمين تي قبضي جي ڪوشش کان منع ڪرڻ تان ڄاڻايل ماڻهن مٿن لوهي شيخن ۽ ڏنڊن سان حملو ڪري کين سخت زخمي ڪيو. متاثرن موجب واقعي جو ڪيس خداآباد ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي، پر سندن الزام آهي ته پوليس اڃا تائين ڪيس ۾ نامزد ڪنهن به جوابدار کي گرفتار ناهي ڪيو. هنن وڌيڪ الزام لڳايو ته ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ کين موت مار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. جڏهن ته پوليس جي غيرجانبدارانه رويي سبب سندن پريشانيون وڌي ويون آهن. پريس ڪانفرنس ڪندڙن دعويٰ ڪئي ته ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ خداآباد پوليس اڍائي لک رپيا ورتا. پر ڪيس داخل ٿيڻ باوجود ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آئي آهي هنن الزام هنيو ته مخالف ڌر جي چوڻ تي پوليس سندن گهرن تي بار بار اچي کين گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جنهن سبب کين پنهنجي جان ۽ مال بابت سخت خدشا آهن. متاثرن چيو ته جيڪڏهن کين يا سندن خاندان کي ڪو نقصان پهتو ته ان جي ذميواري خداآباد ٿاڻي جي ايس ايڇ او تي هوندي. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو شفاف ۽ غيرجانبدارانه نوٽيس وٺي، ٻن ڪيسن ۾ نامزد جوابدارن کي قانون موجب گرفتار ڪيو وڃي، سندن 40 ايڪڙ زرعي زمين تان قبضي جي ڪوشش روڪرائي وڃي ۽ کين توڙي سندن خاندانن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 12

سول اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. گهر ۾ فوتگيءَ جي خبر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو اڏيرولال ولهيچ ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ ابو بڪر موروجا اسٽاپ پرسان رات دير سان پيش آيل روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان اقبال ولد محمد حنيف متياري سول اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو. تفصيل موجب، رات دير سان پيش آيل روڊ حادثي ۾ نوجوان اقبال زخمي ٿي پيو هو، جنهن کي علاج لاءِ سول اسپتال متياري منتقل ڪيو ويو، جتي ڊاڪٽرن جي ڪوشش باوجود نوجوان زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو نوجوان جي فوت ٿيڻ جي خبر جيئن ئي سندس گهر پهتي ته وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ گهر ڀاتين تي ڏک جا پهاڙ ڪري پيا. نوجوان جي اوچتي فوت ٿيڻ سبب علائقي ۾ پڻ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي. ٻئي طرف، ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد فوتي نوجوان جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. فوتي نوجوان اقبال اڏيرولال پرسان ڳوٺ شيرمحمد نوڙها جو رهواسي هو

بقايا عوامي سوچ 13

ڏٺي جو هٿياربند ڦورو شهر جي مصروف علائقي ۾ واردات ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي وڃن ۽ شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ واري پوليس مبينا طور موبائل گاڏي نه هجڻ جو جواز پيش ڪري ته پوءِ سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت جي ذميواري ڪنهن جي آهي؟ قانون جي حڪمرانيءَ جي دعوائن باوجود جيڪڏهن عام ماڻهو پاڻ کي غيرمحفوظ محسوس ڪن ته ان صورتحال کي ڪنهن به صورت ۾ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. تازو دادو شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ايڪسائيز آفيس پرسان مين روڊ تي ٽن هٿياربند ڦورن دادو پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري، پي ايف يو جي ۽ ايڇ يو جي ضلعي دادو جي صدر گلڻ پنڊ جي ننڍي ڀاءُ رستم علي پنڊ کان هٿيارن جي زور تي نئين ماڊل جي 2026ع واري هونڊا سي ڊي 70 موٽرسائيڪل، پنج هزار رپيا روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واقعي بابت مليل تفصيلن موجب، هٿياربند ڦورو ڏينهن ڏٺي جو واردات ڪري بنا ڪنهن خوف جي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. متاثر ڌر طرفان بروقت پوليس کي اطلاع پڻ ڏنو ويو. پر شڪايت موجب پوليس موبائل گاڏي نه هجڻ جو جواز ڄاڻائيندي نه ڦورن جو پيڇو ڪيو ۽ نه ئي شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن تي فوري ناڪابندي ڪئي وئي. جيڪڏهن اهي تفصيل درست آهن ته پوليس جي هنگامي ردعمل ۽ ڏوهارين جي روڪٿام واري نظام بابت سنجيده جاچ ٿيڻ گهرجي. ڏينهن ڏٺي جو وارداتون، شهرين جو اعتماد ڪير بحال ڪندو؟ دادو جهڙي تاريخي شهر ۾ ڏينهن ڏٺي جو هٿياربندن جو مين روڊ تي واردات ڪرڻ ۽ قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿيڻ عام شهرين لاءِ خوف ۽ ڳڻتيءَ جو سبب بڻجي ٿو ماڻهو گهرن کان ڪم ڪار، واپار، تعليم، علاج ۽ ٻين ضرورتن لاءِ نڪرن ٿا، پر جيڪڏهن رستن تي ئي ڦر جو خطرو محسوس ٿيڻ لڳي ته شهري زندگيءَ جو سڪون متاثر ٿيڻ لازمي آهي. موٽرسائيڪل رڳو سفر جو ذريعو نه، پر ڪيترن ئي پورهيتن، ملازمن ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن جي روزگار ۽ روزمره زندگيءَ جو اهم سهارو آهي. اهڙي ملڪيت هٿيارن جي زور تي کسجي وڃڻ سان متاثر ماڻهو نه رڳو مالي نقصان برداشت ڪري ٿو، پر سندس خاندان به خوف ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿو مٿان وري جيڪڏهن واردات کان پوءِ فوري ۽ اثرائتي ڪارروائي نه ٿيڻ جون شڪايتون سامهون اچن ته عوام جو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي اعتماد وڌيڪ متاثر ٿئي ٿو. پوليس موبائل نه هجڻ جو جواز، آخر ذميواري ڪنهن جي؟ هن واقعي جو سڀ کان اهم پهلو پوليس جي مبينا ردعمل بابت سامهون آيل شڪايت آهي. جيڪڏهن واقعي جي اطلاع ملڻ باوجود موبائل گاڏي نه هجڻ سبب ڦورن جو پيڇو نه ڪيو ويو ۽ رستن جي ناڪابندي به نه ٿي، ته اهو معاملو رڳو هڪ واردات تائين محدود نٿو رهي. پر پوليس جي انتظامي تيارين، وسيلن جي دستيابي ۽ هنگامي ڪارروائيءَ جي طريقيڪار بابت به سوال پيدا ڪري ٿو پوليس جي ذميواري رڳو واقعي کان پوءِ رپورٽ داخل ڪرڻ تائين محدود نه هجڻ گهرجي، پر ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ، ڦر ٿيل ملڪيت واپس ڪرائڻ، ڏوهن جي روڪٿام ۽ شهرين ۾ تحفظ جو احساس پيدا ڪرڻ پڻ ان جي بنيادي فرضن ۾ شامل آهي. جيڪڏهن ڪنهن ٿاڻي وٽ گشت لاءِ مناسب وسيلا موجود نه آهن ته آهن ته لاڳاپيل اعليٰ اختيارين کي ان جو نوٽيس وٺڻ گهرجي. عوام کي اهو ڄاڻڻ جو حق آهي ته پوليس جي ايمرجنسي ردعمل لاءِ ڪهڙا انتظام موجود آهن ۽ اهڙين حالتن ۾ متبادل بندوبست ڇو نه ڪيو ويو. ساڳئي وقت، واقعي جي مڪمل حقيقت سامهون آڻڻ لاءِ پوليس جو موقف وٺڻ ۽ ان جي وضاحت کي به رپورٽ جو حصو بڻائڻ ضروري آهي. جيئن معاملي جا سڀ پاسا واضح ٿي سگهن. صحافين ۾ ڪاوڙ ۽ ڳڻتي، انصاف جو مطالبو دادو پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري گلڻ پنڊ جي ننڍي ڀاءُ کان ڦر واري واقعي تي صحافين ۾ ڳڻتي ۽ ڪاوڙ پکڙجي وئي آهي. صحافي برادريءَ لاءِ هي واقعو رڳو هڪ خاندان جي مالي نقصان جو معاملو نه، پر شهر ۾ امن امان ۽ عام شهرين جي تحفظ سان لاڳاپيل مسئلو پڻ آهي. صحافي معاشري جي مسئلن کي اجاگر ڪن ٿا، مظلومن جو آواز اختيارين تائين پهچائين ٿا ۽ عوامي مسئلن بابت سوال اٿارين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ صحافين جي خاندانن سميت ڪنهن به شهري سان پيش آيل ڏوهاري واقعي کي سنجيدگيءَ سان وٺڻ ۽ قانون موجب ڪارروائي ڪرڻ ادارن جي ذميواري آهي. ڪنهن به ماڻهوءَ جي حيثيت يا عهدي کان هٽي ڪري هر شهري کي برابر تحفظ ۽ انصاف ملڻ گهرجي. ايس ايس پي دادو ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبا شهرين ۽ صحافي برادريءَ طرفان مطالبو ڪيو وڃي ٿو ته ايس ايس پي دادو ۽ لاڳاپيل پوليس اختيارين واقعي جو فوري نوٽيس وٺن. متاثر ڌر جي شڪايت موجب قانوني ڪارروائيءَ کي اڳتي وڌائين. ڦورن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاريءَ لاءِ اثرائتا قدم کڻن ۽ ڦر ٿيل موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم جي واپسيءَ لاءِ ڪوششون تيز ڪن. ان سان گڏ شهر جي حساس هنڌن، مين روڊن ۽ داخلي توڙي خارجي رستن تي پوليس گشت وڌائڻ، هنگامي اطلاع ملڻ تي ترت ڪارروائيءَ جو نظام بهتر بڻائڻ ۽ ٿاڻن کي ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ به قدم کنيا وڃن. جيڪڏهن ڪنهن به سطح تي غفلت ثابت ٿئي ته قانون ۽ ضابطن موجب ذميوارن خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. دادو جي شهرين کي رڳو بيانن ۽ دعوائن جي نه، پر عملي قدمن جي ضرورت آهي. امن امان جي بحاليءَ لاءِ پوليس جي موجودگي، تيز ردعمل، شفاف جاچ ۽ ڏوهارين خلاف بنا فرق جي ڪارروائي لازمي آهي. وقت اچي ويو آهي ته لاڳاپيل اختيارين هن واقعي کي سنجيدگيءَ سان وٺي عوام کي واضح پيغام ڏين ته شهر ۾ ڏوهارين لاءِ ڪا به ڇوٽ نه آهي ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

بقايا عوامي سوچ 14

۾ بشير خان قريشي گروپ جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو آهي ته سنڌ جي ورهاست بابت بيانن خلاف سنڌ جو عوام سياسي مزاحمت ڪري رهيو آهي. سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ٿي رهندي، ڪنهن به صورت ۾ نئون صوبو يا انتظامي يونٽ قبول نه ڪيو ويندو. ڏوڪري پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو ته رياستي ادارن ڪراچي جي سرمائيدارن سان ڪچهري دوران سنڌ کي ڇهن حصن ۾ ورهائڻ بابت ڳالهه ڪئي. جڏهن ته محسن نقوي، فاروق ستار، مصطفيٰ ڪمال ۽ مقبول صديقي جا بيان پڻ سنڌ جي ورهاست بابت خدشن کي وڌائي رهيا آهن. هن چيو ته سنڌ جي سياسي جماعتن ۽ عوام اهڙن بيانن خلاف پنهنجو موقف واضح ڪيو آهي ۽ سنڌ اسيمبلي به متفقه قرارداد ذريعي نئون صوبو يا انتظامي يونٽ قائم ڪرڻ کي رد ڪري چڪي آهي. ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي اعلان ڪيو ته جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي سان لاڳاپيل پارٽين جي اتحاد تحت 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ پرامن سياسي ريلي ڪئي ويندي، جنهن ذريعي حڪمرانن ۽ لاڳاپيل ادارن کي پيغام ڏنو ويندو ته سنڌ هڪ وطن آهي ۽ سنڌي عوام ان جي وحدت برقرار رکڻ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ ۽ پنجاب جي غيرآباد زمينن کي آباد ڪرڻ وارن منصوبن خلاف به سنڌ جي عوام احتجاج ڪيو آهي. جڏهن ته سنڌ جي ورهاست بابت خدشن خلاف گڏيل جدوجهد جاري رکي ويندي. ان موقعي تي پنهل ساريو، عبدالحنان منور شيخ، ثناء ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 15

۽ پيپلز پارٽي ميونسپل ڪارپوريشن ميرپورخاص جي صدر پير عزت شاهه جيلاني جي خصوصي شرڪت سان جامعه نور القرآن جي اهتمام هيٺ هڪ شاندار فڪري ۽ تربيتي نشست منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ مفتي اعظم پاڪستان ۽ صدر تنظيم المدارس اهل سنت پاڪستان علامه پروفيسر مفتي منيب الرحمان خصوصي مهمان ۽ اهم مقرر طور شرڪت ڪئي. نشست جو مرڪزي موضوع ”موجوده دور ۾ مسجدن ۽ ديني مدرسن کي درپيش مسئلا ۽ امت مسلمه جون ذميواريون“ هو. نشست کي خطاب ڪندي مفتي منيب الرحمان چيو ته مسجدون ۽ ديني مدرسا اسلام جا قلعا آهن. جيڪي دين اسلام جي تعليم، تبليغ ۽ اسلامي قدرن جي تحفظ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هن چيو ته جديد دور جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ديني ادارن کي وقت جي گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ ضروري بڻجي ويو آهي. امت مسلمه کي گهرجي ته پنهنجي صفن ۾ اتحاد ۽ اتفاق برقرار رکي ۽ نئين نسل جي ديني، اخلاقي ۽ فڪري تربيت جي ذميواري ڀرپور نموني نڀائي. ان موقعي تي سني علماءَ ڪائونسل جي صدر علامه مولانا اشرف گورماڻي ۽ جامعه نور القرآن جي مهتمم مفتي محمد شريف سعيدي اشرفي خطاب ڪندي چيو ته ديني تعليم سان گڏوگڏ جديد ۽ عصري علمن کي به اهميت ڏني پئي وڃي. هنن چيو ته جامعه نور القرآن ۾ شاگردن کي ڪمپيوٽر جي جديد ٽيڪنالاجيءَ کان واقف ڪرائڻ لاءِ پڻ قدم کنيا پيا وڃن. جيئن شاگرد ديني تعليم سان گڏ جديد علم ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ به مهارت حاصل ڪري سگهن. هنن وڌيڪ چيو ته پاڪستان اسلام جو قلعو آهي ۽ ديني مدرسا ملڪ ۾ دين اسلام جي سربلندي ۽ اسلامي تعليمات جي واڌاري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. فڪري ۽ تربيتي نشست کان اڳ مفتي اعظم پاڪستان مفتي منيب الرحمان، قومي اسيمبلي جي ميمبر پير آفتاب شاهه جيلاني، پيپلز پارٽي ميونسپل ڪارپوريشن ميرپورخاص جي صدر پير عزت شاهه جيلاني ۽ علامه مولانا اشرف گورماڻي جامعه نور القرآن ۾ شاگردن لاءِ قائم ڪيل جديد ڪمپيوٽر ليب جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي شاگردن جي تعليمي ۽ فني صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي اهميت تي پڻ زور ڏنو ويو بعد ۾ مفتي منيب الرحمان خصوصي دعا پڻ گهري. تقريب ۾ ميونسپل ڪارپوريشن ميرپورخاص جي ميئر عبدالرؤف غوري، پير ناصر جان سرهندي، پير مزمل جان سرهندي، چيئرمين حاجي حنيف ميمڻ، چيئرمين دوست محمد خاصخيلي، جيلاني هائوس ميرپورخاص جي نوجوان سياسي ۽ سماجي ٽيم جي ميمبرن ياسر عمراڻي، سردار بابر خاصخيلي، آصف عمراڻي، مير عمر عمراڻي، ضامن علي بلوچ ۽ فخر علي خاصخيلي سميت ميرپورخاص جي نامور عالمن، مشائخن، واپاري اڳواڻن، سياسي ۽ سماجي شخصيتن توڙي جامعه نور القرآن جي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. نشست ۾ ديني تعليم جي اهميت، مسجدن ۽ مدرسن کي درپيش مسئلن، نئين نسل جي فڪري ۽ اخلاقي تربيت ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ ذريعي تعليمي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 16

دادو پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري گلڻ پنڊ جي ڀاءُ رستم علي پنڊ کي يرغمال بڻائي سندس نئين ماڊل جي هونڊا 2026 سي ڊي 70 موٽر سائيڪل، 5 هزار رپيا روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. واقعي جو اطلاع بروقت پوليس کي ڏنو ويو. پر متاثر ڌر جي دعويٰ موجب پوليس موبائل گاڏي نه هجڻ جو جواز ڄاڻائيندي نه ته ڦورن جو پيڇو ڪيو ۽ نه ئي شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن تي ناڪابندي ڪئي، جنهن سبب جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا واقعي کانپوءِ دادو پريس ڪلب جي صحافين ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر پکڙجي وئي آهي، صحافين ۽ شهرين پاران شهر ۾ امن امان جي صورتحال تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو پيو وڃي. ڏينهن ڏٺي جو مصروف روڊ تان هٿياربندن پاران اهڙي واردات پوليس جي ڪارڪردگي ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ بابت ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن. شهرين ۽ صحافين مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ڦورن کي گرفتار ڪري ڦريل موٽر سائيڪل، روڪ رقم ۽ موبائل فون واپس ڪرايا وڃن. جڏهن ته شهر ۾ امن امان بحال ڪرڻ لاءِ پوليس گشت ۽ حفاظتي انتظامن کي اثرائتو بڻايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 17

پنهنجي آفيس ۾ ميرپورخاص جي اين جي اوز سان هڪ تعارفي گڏجاڻي جي صدارت ڪئي. هن اين جي اوز جي ماهوار ڪارڪردگي جو جائزو ورتو. سماجي تنظيمن جي نمائندن گڏجاڻي ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو ته سماجي ڀلائي کاتي ۽ اين جي اوز وچ ۾ رابطي جي کوٽ کي ختم ڪيو ويندو. ان سلسلي ۾ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته اين جي اوز پنهنجي فلاحي سرگرمين جي رپورٽ سماجي ڀلائي کاتي ميرپورخاص آفيس ۾ هر مهيني ۽ هفتيوار بنيادن تي جمع ڪرائينديون. اين جي اوز ۽ سماجي ڀلائي کاتو ترجيحي بنيادن تي سماج جي محروم طبقن جي مسئلن جي نشاندهي ڪندا ۽ لاڳاپيل کاتن ذريعي انهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. ٻارن جي تحفظ بابت آگاهي سيشن منعقد ڪيا ويندا ۽ انساني حقن ۽ بين المذاهب هم آهنگي سان لاڳاپيل مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ بهتر طريقن کي فروغ ڏنو ويندو. گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر، اسسٽنٽ ڊائريڪٽرز، ڊپٽي ڊائريڪٽر آف والنٽيئر افيئرز ۽ ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ اين جي اوز جي نمائندن شرڪت ڪئي. ان کان بعد ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر محمد رفيق جمالي سيني آفيسرن ۽ عملي کي حاضري يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي ۽ پڻ هدايت ڪئي ته تمام سرڪاري خط و ڪتابت سماجي ويلفيئر کاتي جي ڊائريڪٽر آفيس ذريعي ڪئي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 18

پروري عروج تي خبر موجب ضلعي گهوٽڪي جي هيڊ ڪوارٽر ميرپور ماٿيلو شهر ۾ قائم ماءُ ۽ ٻار صحت مرڪز (MCHC) ۾ بظاهر 24 ڪلاڪ زچگي، آپريشن، ٻارن جي صحت، غذائيت، ويڪسينيشن، ليبارٽري ۽ ٻين بيمارين جي مڪمل علاج جون سهولتون موجود هجڻ جون دعوائون ڪيون پيون وڃن، پر حقيقت ۾ ضلعي گهوٽڪي جي غريب عوام انهن بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهي. ذريعن موجب پي پي ايڇ آءِ اسپتال جي ايڊمنسٽريٽر اعظم راهوجو طرفان سوشل ميڊيا تي وڏيون دعوائون ڪيون وڃن ٿيون ته اسپتال ۾ سڀ سهولتون مفت فراهم ڪيون پيون وڃن، پر اسپتال جي اندر جي صورتحال بلڪل ابتڙ آهي. اسپتال ۾ عورتن جا آپريشن ۽ ننڍن ٻارن جو علاج ته ٿي رهيو آهي، پر ايندڙ غريب مريضن کي سرڪاري دوا بدران سادي ڪاغذ جي پرچي تي خانگي ميڊيڪل اسٽور تان دوا ۽ آپريشن جو سامان خريد ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي ٿو. ذريعن کان ڄاڻ ملي آهي ته ايڊمنسٽريٽر اعظم راهوجو جي آفيس جيڪا پي پي ايڇ آءِ اسپتال جي بلڊنگ جي اندر قائم آهي. سڄو ڏينهن بااثر ماڻهن سان ڀريل رهي ٿي، پي پي ايڇ آءِ سينٽر ۾ ڪنهن به مرد جي اندر وڃڻ تي پابندي آهي، ايستائين جو مريضن جا وارث به ٻاهر ڌڪا کائيندا رهن ٿا، پر ايڊمنسٽريٽر صاحب آفيس کي بااثر ماڻهن جي اوطاق بڻائي ڇڏيو ويو آهي، جيڪو غير قانوني ۽ غير اخلاقي عمل آهي. اسپتال ۾ آن لائين سي سي ٽي وي ڪئميرا لڳل آهن، پر انهن جي اعليٰ آفيسر طرفان نگراني نه ٿيڻ ڪري اهي صرف نمائش بڻيل آهن. جيڪڏهن سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ اسپتال جي اندر ايندڙ مردن جي داخلا چيڪ ڪئي وڃي ته سڄو معاملو واضح ٿي ويندو. متاثر مريضن جو چوڻ آهي ته غريب ۽ بي پهچ عورتن کي چيو وڃي ٿو ته آپريشن جو سامان، انجيڪشن ۽ ننڍن ٻارن جون دوائون ٻاهر پرائيويٽ دڪان تان وٺي اچو. جڏهن ته ٻئي پاسي ايڊمنسٽريٽر اعظم راهوجو وٽ ڪنهن بااثر شخص يا وڏيري جي فون ڪال اچي ٿي ته مهانگيون آئرن جون انجيڪشنون ۽ ٻيون قيمتي دوائون بغير ڪنهن مريض ۽ بغير او پي ڊي سلپ جي پارسل ڪري گهر پهچايون وڃن ٿيون. هن بااثر ايڊمنسٽريٽر خلاف اڳ به ڪيترن ئي اخبارن ۽ ادارن ۾ خبرون شايع ٿي چڪيون آهن، پر افسوس جو تاحال ڪنهن به اعليٰ اختيارين نوٽيس نه ورتو آهي. سنڌ حڪومت جي وزيراعليٰ سيد مراد علي شاهه پاران صحت کاتي کي بهتر بڻائڻ جون دعوائون هن وقت صرف دعوائن تائين محدود نظر اچن ٿيون. ضلعي گهوٽڪي جي غريب عوام اڄ به رلاڪي جو شڪار آهي. اسان سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، هاءِ ڪورٽ سنڌ، صدر پاڪستان، وزيراعظم پاڪستان، وزيراعليٰ سنڌ ۽ وزير صحت سنڌ ڊاڪٽر عذرا فضل صاحبه کي پرزور اپيل ٿا ڪريون ته ميرپور ماٿيلو ايم سي ايڇ سينٽر جي ايڊمنسٽريٽر اعظم راهوجو جي مبينا ڪرپشن جي فوري طور تي اڻڌري انڪوائري ڪري، اسپتال جو اسٽاڪ رجسٽر، سادي پرچين تي لکيل دوائن ۽ سي سي ٽي وي فوٽيج کي قبضي ۾ وٺي، غريب عوام کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 19

هر ٿي پيو، لاش ڪڍڻ ۾ ڏکيائيون، انتظاميا کان مدد جي اپيل. ميرپورخاص: منڌڙاٽو ڪئنال ۾ ٻڏي ويل محمد بخش عرف مامو پنهور جو لاش 34 ڪلاڪن بعد بريجي موري وٽ ظاهر ٿي پيو واقعي واري هنڌ وارثن سميت مقامي ماڻهن جو وڏو انگ موجود آهي، جيڪي لاش کي ڪئنال مان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. پر کين ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

بقايا عوامي سوچ 20

گ پڻ جاري رهيو. فري ميڊيڪل ڪئمپ پڻ لڳائي مفت ۾ دوائون ۽ گوريون پڻ فراهم ڪيون ويون. خبر موجب عمرڪوٽ ۾ سنت شري ٻاپو ڪيتارام جي 49 هين ورسي ويهرو روڊ ٻوائز ڪاليج پرسان آشرم تي وڏي ڌوم ڌام سان ملهائي ويئي ورسي موقعي تي سنت شري ٻاپو ڪيتارام آشرم جي گادي نشين ريواچند ڪڏيچا، مختلف شهرن کان آيل ميگهواڙ برادري جي معززين طرفان چادر چاڙهي ويئي ۽ ورسي ۾ مختلف شهرن کان آيل مشهور ڀڳتن سڄي رات ستسنگ ڪري ڀڳتي جاري رکي جڏهن ته ورسي ۾ سنڌ جي مختلف شهرن کان سنت شري ٻاپو ڪيتارام جي شيوڪن جا جٿن جي صورت ۾ قافلا پهتا ۽ لنگر نياز پڻ جاري رهيو ورسي موقعي تي امر ڪامريڊ رگهوير ميگهواڙ يادگار ڪميٽي طرفان پي پي ايڇ آءِ جي سهڪار سان ستين فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي ويئي جتي سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر نندلال ميگهواڙ، هاٿيرام ميگهواڙ ۽ طرفان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندي آيل ماڻهن کي مفت ۾ گوريون دوائون ڏيڻ سميت مختلف ٽيسٽون ڪيون ويون ۽ ايمرجنسي کي منهن ڏيڻ لاءِ ايمبولنس جو پڻ انتظام ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 21

۽ پارٽي اڳواڻن هڪ اهم ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ هيٺين اهم معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي: عوامي مسئلا ۽ ترقياتي ڪم: ضلعي ملير جي عوام کي درپيش بنيادي مسئلن جي حل ۽ ترقياتي منصوبن کي وڌيڪ تيز ڪرڻ تي زور ڏنو ويو 30 سالا ليزنگ جي توسيع: ملير جي علائقن ۾ 30 سالا ليزنگ جي مدت وڌائڻ ۽ مقامي ماڻهن جي مالڪاڻي حقن جي تحفظ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. بنيادي سهولتون: عوام کي پيئڻ جي پاڻي، صحت، تعليم ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فوري فراهمي تي پڻ بحث ٿيو. گڏيل ڪوششون: پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ چونڊيل نمائندن پاران ملير جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ گڏجي اثرائتي انداز ۾ ڪم جاري رکڻ جو عزم ورجايو ويو. ملاقات ۾ شرڪت ڪندڙ راجه عبدالرزاق بلوچ (صدر پي پي پي ضلع ملير ۽ ايم پي اي) محمد ساجد جوکيو ميمبر سنڌ اسيمبلي محمد سليم بلوچ خاص معاون وزيراعليٰ سنڌ عبد الحڪم بلوچ ايم اين اي شهادت اعوان سينيٽر محمد وسف بلوچ ايم پي اي طارق بلوچ چيئرمين گڏاپ ٽائون شريڪ هئا.

بقايا عوامي سوچ 22

ن کان تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي، احتجاج دوران غلام علي رند ميڊيا آڏو پنهنجو موقف بيان ڪندي الزام لڳايو ته تقريبن هڪ سال اڳ هن پنهنجي ڀائٽي مسمات پاڳي جي شادي شير علي ولد وهاب رند سان ڪئي هئي، پر شادي کانپوءِ سندس ڀائٽي جي سهري وهاب رند مبينا طور تي سندس ڀائٽي کي زيادتي جو نشانو بڻايو. جنهن کانپوءِ سندس ڀائٽي سيشن ڪورٽ ۾ طلاق حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي. سندس موجب عدالتي ڪارروائي جي نتيجي ۾ طلاق ٿيڻ کانپوءِ به مخالف ڌر پاران کين ۽ سندس گهر وارن کي هراسان ڪرڻ ۽ سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ڏيڻ جو سلسلو جاري، تفصيل موجب غلام علي رند وڌيڪ الزام لڳايو ته وهاب رند. سندس ڀاءُ حضور بخش رند ۽ سندس زال مسمات شبيران سندس گهر ۾ گهڙي کيس. سندس ڀائٽي ۽ گهر جي ٻين ڀاتين کي مبينا طور تي بدترين تشدد جو نشانو بڻايو.سندس چوڻ هو ته واقعي کان فوري پوءِ هن سائيٽ ايريا ٿاڻي ۾ مذڪوره ماڻهن خلاف ايف آءِ آر به داخل ڪرائي. پر سندس چوڻ موجب ان باوجود نامزد جوابدار آزاد گهمي رهيا آهن ۽ کيس مسلسل سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن.احتجاج ڪندڙ شخص دعويٰ ڪئي ته ڪجهه ڏينهن اڳ وهاب رند جو پٽ شير علي رند وفات ڪري ويو. پرهاڻي وهاب رند ۽ سندس ٻيا گهر وارا مبينا طور تي سائيٽ ايريا ٿاڻي جي پوليس کي پئسا ڏئي سندس موت کي قتل جو رنگ ڏيڻ ۽ ان واقعي ۾ کيس ملوث ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.غلام علي رند پوليس تي الزام لڳائيندي واقعي جي غير جانبداراڻي جاچ جو مطالبو ڪيو ۽ چيو ته هو هڪ غريب ماڻهو آهي ۽ پنهنجي گهر وارن سميت سخت پريشاني ۽ خوف جو شڪار آهي.غلام علي رند چيف جسٽس آف پاڪستان، وزيراعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر رينج ۽ ايس ايس پي سکر سميت ٻين اعليٰ اختيارين کي پرزور اپيل ڪئي ته معاملي جو فوري نوٽيس ورتو وڃي، سمورن الزامن جي شفاف ۽ غير جانبداراڻي جاچ ڪرائي وڃي، جيڪڏهن ڪنهن به شخص پاران قانون جي ڀڃڪڙي ثابت ٿئي ته ان خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کيس ۽ سندس گهر وارن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، هن مطالبو ڪيو ته کيس مبينا طور تي ڪوڙي ڪيس ۾ ملوث ڪرڻ جي ڪوشش جو به نوٽيس ورتو وڃي ته جيئن هو ۽ سندس گهر وارا ڪنهن به ممڪن نقصان کان محفوظ رهي سگهن ۽ کين انصاف ملي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 23

درآمد ۽ شهر ۾ تيزي سان جاري اڏاوتن تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ميئر ڪراچي کان منصوبي بابت تفصيلي بريفنگ ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي. اهڙو مطالبو هڪ مقامي هوٽل ۾ ”ڪراچي ڪلائميٽ ايڪشن پلان ۽ ان تي عملدرآمد جا مسئلا“ جي عنوان سان ٿيل مڪالمي دوران ڪيو ويو پروگرام جو اهتمام ماحولياتي تبديلي ۽ توانائي جي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ مقامي ٿنڪ ٽينڪ دي نالج فورم پاران ڪيو ويو، جنهن ۾ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن، ٽائونز ۽ يونين ڪائونسلن جي چيئرمينن ۽ ڪائونسلرن شرڪت ڪئي. مڪالمي ۾ شرڪت ڪندڙن چيو ته ڪراچي جي ماحولياتي هدفن ۽ شهر ۾ تيزي سان ٿيندڙ اڏاوتن وچ ۾ واضح فرق موجود آهي. رهائشي ۽ تجارتي منصوبن لاءِ وڏي پيماني تي ڪنڪريٽ جو استعمال جاري آهي. جڏهن ته سائي علائقن، زرعي زمينن، ساموندي علائقن ۽ مينگرووز جي تحفظ تي گهربل ڌيان نه ڏنو پيو وڃي. اڪثر بلدياتي نمائندن اعتراف ڪيو ته کين ڪراچي ڪلائميٽ ايڪشن پلان بابت مڪمل ڄاڻ ئي ناهي ۽ نه ئي کين ان جي تياري ۽ عملدرآمد جي عمل ۾ مناسب نموني شامل ڪيو ويو آهي. هنن چيو ته جيڪڏهن مقامي چونڊيل نمائندن کي منصوبي بابت ئي ڄاڻ نه هوندي ته هو پنهنجي علائقن ۾ ماحولياتي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتو ڪردار ڪيئن ادا ڪري سگهندا. دي نالج فورم جي ڊائريڪٽر زينيا شوڪت چيو ته ڪراچي ڪلائميٽ ايڪشن پلان جو بنيادي مقصد شهر جي ماحولياتي ڪارروائين کي پيرس معاهدي سان هم آهنگ ڪرڻ. گرين هائوس گئسن جي اخراج ۾ گهٽتائي آڻڻ ۽ شهر کي موسمياتي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ وڌيڪ مضبوط بڻائڻ آهي.هن چيو ته منصوبي تي عملدرآمد لاءِ مقامي سطح تي چونڊيل نمائندن ۽ ڪميونٽيز جي شموليت ضروري آهي. ڪراچي ڪلائميٽ ايڪشن پلان هن وقت ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن وٽ آهي. تنهن ڪري ضروري آهي ته چونڊيل نمائندن کي ان جي هدفن، ترجيحن ۽ عملدرآمد جي طريقيڪار کان آگاهه ڪيو وڃي. توانائي جي ماهر باسل اينڊريوز ٻڌايو ته ڪراچي ۾ في ماڻهو گرين هائوس گئسن جو اخراج 2022ع ۾ 2.1 ٽن ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي برابر هو. هن چيو ته شهر جي 67 سيڪڙو کان وڌيڪ اخراج جو تعلق صنعتي، رهائشي، توانائي ۽ تجارتي شعبن سميت مستقل ذريعن سان آهي. هن چيو ته سمنڊ جي سطح ۾ تبديلي سبب ڪراچي کي ساموندي خطرن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. جڏهن ته ابراهيم حيدري، ڊفينس ۽ ڪياماڙي جهڙا علائقا خاص طور متاثر ٿي سگهن ٿا. شهر ۾ بي قاعده برساتن سان گڏ ڏڪار جو خطرو پڻ موجود آهي. جڏهن ته موسمياتي آفتن کان شهرين کي محفوظ رکڻ لاءِ قدم ناڪافي آهن. باسل اينڊريوز چيو ته شديد گرمي دوران بجلي جي مسلسل لوڊشيڊنگ شهرين جي مسئلن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ٿي. ڪراچي ۾ شمسي توانائي جو استعمال وڌڻ سان ماڻهن کي بجلي جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ مدد ملي رهي آهي. پر بلند عمارتن ۽ عمودي اڏاوتن سبب هر شهري کي شمسي توانائي تائين هڪجهڙي رسائي حاصل ناهي. هن چيو ته ڪراچي ڪلائميٽ ايڪشن پلان ۾ گهرن جي ڇتين تي شمسي توانائي جا نظام وڌائڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي. جنهن سان بجلي جي نظام تي دٻاءُ گهٽائي سگهجي ٿو عمارتن ۾ توانائي بچائڻ جي اصولن تي عمل ۽ شمسي توانائي جي استعمال سان آلودگي ۽ بجلي جي شعبي مان ٿيندڙ اخراج ۾ پڻ گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي. ماحولياتي ماليات جي ماهر سعديه صديقي چيو ته گرمي جي شديد لهر ۽ شهري ٻوڏ جهڙين هنگامي حالتن ۾ بلدياتي ڪائونسلر عوام لاءِ سڀ کان پهرين مدد فراهم ڪندڙ نمائندا هوندا آهن. تنهن ڪري کين مناسب وسيلا ۽ تربيت فراهم ڪرڻ ضروري آهي. هن ٻڌايو ته ڪراچي ۾ گرمي جي هڪ سئو کان وڌيڪ خطرناڪ هنڌن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. لياري، صدر ۽ گلشن جهڙن علائقن ۾ شديد برسات دوران نيڪال جو ناقص نظام شهرين جي مسئلن ۾ اضافو ڪري ٿو هن چيو ته ڪراچي ڪلائميٽ ايڪشن پلان تحقيق جي بنياد تي تيار ڪيو ويو آهي. پر ان جي ڪاميابي جو دارومدار ان تي عملدرآمد تي آهي. اربن ريسورس سينٽر جي زاهد فاروق چيو ته گهٽ آمدني وارن علائقن ۾ رهندڙ شهري موسمياتي خطرن کان وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. ننڍن گهرن ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهن جي رهڻ سبب شديد گرمي ۽ ٻين موسمياتي خطرن دوران سندن مشڪلاتون وڌي وڃن ٿيون. ماحولياتي ماهر عافيا سلام چيو ته موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ لاءِ مالي وسيلن سان گڏ عوامي روين ۾ تبديلي پڻ ضروري آهي. هن چيو ته شهري ٻوڏ رڳو موسمياتي تبديلي جو نتيجو ناهي، پر بلدياتي نظام جون خاميون پڻ ان جو اهم سبب آهن. ابراهيم حيدري جي يونين ڪائونسل چيئرمين چيو ته ساموندي علائقن ۾ وڏن رهائشي منصوبن سبب مهاڻن جي برادري متاثر ٿي رهي آهي. نسلن کان ساموندي علائقن ۾ رهندڙ ۽ مڇي مارڻ واري خاندانن کي نئين اڏاوتن سبب پنهنجن علائقن کان پري ٿيڻ تي مجبور ٿيڻو پئجي رهيو آهي. ملير جي هڪ ڪائونسلر چيو ته ملير پنهنجي وسيع سائي علائقن سبب مختلف ماحول لاءِ مشهور هو. پر هاڻي سبز علائقا تيزي سان گهٽجي رهيا آهن. گڏاپ ٽائون ۾ زرعي سرگرمين ۾ گهٽتائي سبب مقامي ماڻهن جي روزگار ۽ معاش کي پڻ نقصان پهچي رهيو آهي. شرڪت ڪندڙن ڪراچي ۾ پاڻي جي غير مساوي ورڇ تي پڻ سوال اٿاريا. هنن چيو ته ڪجهه علائقن جا رهواسي ٽينڪرن ذريعي پاڻي حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن. جڏهن ته ٻين علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي نسبتاً بهتر آهي. بلدياتي نمائندن شهر ۾ غيرمنصوبه بند عمودي ۽ افقي اڏاوتن تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته صوبائي حڪومت ۽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي پاران اڏاوتن جي اجازت ڏيڻ سان ساموندي علائقن، مينگرووز، زرعي زمينن ۽ مقامي آبادي کي نقصان پهچي رهيو آهي. هنن چيو ته ملڪيتن ۽ تعميراتي منصوبن بابت مقامي ڪائونسلرن سان صلاح مشورو نٿو ڪيو وڃي. آبادي کي گرمي، ٻوڏ، بجلي ۽ پاڻي جي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ته چونڊيل نمائندا اثرائتي مدد نٿا ڪري سگهن. ڇاڪاڻ ته کين منصوبابندي ۽ زمين جي استعمال ۾ تبديلين بابت فيصلن ۾ شامل ئي نٿو ڪيو وڃي. شرڪت ڪندڙن ڪراچي جي عوامي پارڪن ۾ تجارتي سرگرمين، وڻن جي واڍي ۽ عوامي هنڌن کي ڪنڪريٽ ۾ تبديل ڪرڻ تي پڻ ڳڻتي ظاهر ڪئي ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۽ ڪنٽونمينٽ بورڊن کان مطالبو ڪيو ته پارڪن ۽ سائي علائقن جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي. عورتن ۽ اقليتي ڪائونسلرن چيو ته کين پنهنجون ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ مناسب معاوضو پڻ نٿو ملي. سندن چوڻ هو ته مالي وسيلن ۽ انتظامي اختيارن جي کوٽ سبب مقامي حڪومتون پنهنجي علائقن جا مسئلا حل ڪرڻ کان لاچار آهن. اجلاس جي شرڪت ڪندڙن اتفاق ڪيو ته ڪراچي ڪلائميٽ ايڪشن پلان رڳو دستاويز بڻجي نه رهڻ گهرجي. منصوبي لاءِ واضح ذميواريون، مناسب مالي وسيلا، ادارن وچ ۾ رابطي ۽ باقاعده نگراني جو نظام قائم ڪرڻ ضروري آهي. شرڪت ڪندڙن مطالبو ڪيو ته ميئر ڪراچي کين ڪراچي ڪلائميٽ ايڪشن پلان تي تفصيلي بريفنگ ڏئي ۽ ان تي عملدرآمد، بجيٽ ۽ مقامي ڪائونسلرن جي ڪردار بابت واضح معلومات فراهم ڪري. جيئن ڪراچي کي موسمياتي خطرن کان محفوظ بڻائڻ لاءِ عملي قدم شروع ڪري سگهجن.

بقايا عوامي سوچ 24

تگر، وڏيرو پيرل تگر، شاهنواز تگر ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته ميندي جي ڪارخانيدارن ۽ واپارين جو آبادگارن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ آهي 6 هزار روپيا مڻ واري ميندي هاڻي 1500 روپيا مڻ خريد ڪري پنجن کان ڏهه ڪلو ڪٽوتي ڪري آبادگارن جو معاشي قتل عام ڪري رهيا آهن جنهنڪري اسانجا آبادگارن مجبورن ميندي جي فصلن کي باهيون ڏئي ساڙڻ تي مجبور آهيون هنن وڌيڪ چيو ته اسان اڳ به احتجاج ڪيو هئوسين کان پوءِ واپارين هڪ هٽي قائم ڪري گهٽ ريٽ تي ميندي خريد ڪري رهيا آهن هنن ڊي سي نوشهروفيروز چونڊيل نمائيندن ۽ وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور ميندي جو اگهه وڌائي ڪارخانيدارن ۽ واپارين خلاف ڪاروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رهندو.

بقايا عوامي سوچ 25

ن. شاگردن، شاگرديائين ۽ سندن والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب دوران ته ماهي ٽيسٽ ۾ نمايان پوزيشنون حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ شيلڊون ۽ ميڊلز ورهايا ويا. جڏهن ته شاهين ڪمپيوٽر سينٽر مان ڪمپيوٽر جا مختلف ڪورس مڪمل ڪندڙ شاگردن کي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا. ان موقعي تي شاهين ڪمپيوٽر سينٽر جي شاگردن خطاب ڪندي چيو ته اسان پرنسپال غلام قادر آريسر ۽ استاد موهن لال جا انتهائي ٿورائتا آهيون. جن جي ڏينهن رات محنت ۽ جاکوڙ سان پٿورو شهر ۽ ڀرپاسي جي علائقن جي نوجوانن، خاص طور تي نياڻين لاءِ ڪمپيوٽر جي تعليم حاصل ڪرڻ جو بهترين موقعو فراهم ٿيو آهي. هنن چيو ته شاهين ڪمپيوٽر سينٽر مان ڪمپيوٽر جا مختلف ڪورس مڪمل ڪندڙ ڪيترائي نوجوان اڄ مختلف سرڪاري ۽ خانگي ادارن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته ڪيترن ئي نوجوانن مختلف شهرن ۾ فوٽوشاپ، ڊائون لوڊنگ ۽ ٻين ڪمپيوٽر سان لاڳاپيل خدمتن جا دڪان قائم ڪري پنهنجو روزگار پڻ شروع ڪيو آهي. اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ڪمپيوٽر جي تعليم نوجوانن لاءِ روزگار جا نوان دروازا کولي ٿي. هنن پٿورو شهر ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ رهندڙ والدين کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي ٻارن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ سان گڏ ڪمپيوٽر جي تعليم پڻ ضرور ڏيارين، ڇو ته موجوده جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ ڪمپيوٽر جي ڄاڻ ۽ مهارت هر شعبي ۾ اهم حيثيت رکي ٿي. ڪمپيوٽر جو ڪورس صرف تعليم نه، پر هڪ ڪارائتو هنر ۽ روزگار حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو پڻ آهي. تقريب جي پڄاڻيءَ تي ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته نوجوانن کي جديد تعليم ۽ فني مهارتن سان آراسته ڪرڻ لاءِ اهڙيون ڪوششون جاري رکڻ گهرجن. جيئن هو پنهنجي مستقبل کي روشن بڻائي سگهن ۽ پنهنجي خاندان توڙي سماج جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن. تعليم ئي ترقيءَ جي ڪنجي آهي؛ اچو ته پنهنجي ٻارن کي تعليم ۽ جديد هنر سان آراسته ڪري سندن مستقبل روشن بڻايون.

بقايا عوامي سوچ 26

ٽيڪل برآمد ڪري اصل مالڪ حوالي تفصيل موجب : ٿاڻي جي حد مان ڪامران علي سمون کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل عادلپور پوليس ڪارروائي ڪندي برآمد ڪري ورتي. پوليس موجب عادلپور ٿاڻي جي حد مان چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد اصل مالڪ ڪامران علي سمون جي حوالي ڪئي وئي. موٽرسائيڪل واپس ملڻ تي اصل مالڪ پاران خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 27

هائوس ضلعي ڄامشورو جي انچارج ۽ ماهر نفسيات سيده قرت العين شاهه پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته ذهني صحت رڳو هڪ طبي اصطلاح نه، پر انساني وقار، بهتر زندگي ۽ ذهني توازن جو بنيادي حصو آهي. ذهني صحت جو خيال رکڻ هر انسان لاءِ ضروري آهي ۽ معاشري ۾ ان حوالي سان شعور اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته موجوده دور ۾ ذهني دٻاءُ، پريشاني، احساس ڪمتري ۽ اڪيلائي جهڙا مسئلا معاشري کي متاثر ڪري رهيا آهن. اهي مسئلا رڳو عورتن تائين محدود ناهن. پر ٻار ۽ نوجوان به خاموش ذهني اذيت جو شڪار آهن. تعليمي دٻاءُ، گهريلو اڻبڻت، معاشي تنگدستي ۽ سوشل ميڊيا جي منفي استعمال سبب نوجوان نسل ۾ مايوسي ۽ تعليم کان بيزاري وڌي رهي آهي. جڏهن ته ڪجهه ماڻهو شديد ذهني تڪليف سبب خودڪشي جهڙو انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. سد قرالعين شاهه چيو ته اهڙين حالتن ۾ نفسياتي ڪائونسلنگ اميد جي روشني ثابت ٿي سگهي ٿي. همدرديءَ سان ڪيل ڳالهه ٻولهه ۽ ڪنهن پريشان حال شخص جي ڳالهه ڌيان سان ٻڌڻ سندس ذهني حالت بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو وومين ڪمپليننٽ سيل ۽ سيف هائوس پڻ انهيءَ مقصد تحت ڪم ڪري رهيا آهن. جتي متاثر عورتن کي اعتماد ۽ رازداريءَ واري محفوظ ماحول ۾ پنهنجو موقف بيان ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي ٿو هن وڌيڪ ٻڌايو ته سيف هائوس ۾ عورتن کي 72 ڪلاڪن تائين رهائش دوران پرامن ۽ باوقار ماحول فراهم ڪيو ويندو آهي. جيئن اهي ذهني سڪون حاصل ڪري سگهن. شديد ذهني دٻاءُ جو شڪار عورتن جي خاص ڪائونسلنگ ڪئي ويندي آهي ۽ ضرورت مطابق کين دارالامان ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن ڏانهن موڪليو ويندو آهي. جيئن سندن بحالي ۽ معمول واري زندگيءَ ڏانهن واپسيءَ ۾ مدد ملي سگهي. ان کان علاوه تعليم ڇڏي ڏيندڙ نياڻين جي حوصلا افزائي ڪري کين ٻيهر تعليم سان ڳنڍڻ جون ڪوششون پڻ ڪيون وينديون آهن. سد قرالعين شاهه چيو ته هن سال عالمي ذهني صحت جي ڏهاڙي جو پيغام ”زندگيءَ جي تجربن سان جڙيل آوازن کي ٻڌڻ“ اسان کي اهو احساس ڏياري ٿو ته ڪنهن جي تڪليف کي ڌيان سان ٻڌڻ به سندس مدد ۽ بحاليءَ ڏانهن هڪ اهم قدم آهي. ذهني بيماريءَ کي سماجي داغ نه سمجهڻ گهرجي. پر متاثر ماڻهن سان همدردي، عزت ۽ سهڪار وارو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي. هن عوام کي اپيل ڪئي ته پنهنجي آس پاس موجود پريشان حال ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌن. کين اڪيلو نه ڇڏين ۽ ضرورت پوڻ تي ماهر نفسيات کان مدد وٺڻ جي ترغيب ڏين. جيئن هڪ صحتمند، پُرامن ۽ همدرد معاشرو جوڙي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 28

خاصخيلي ڊانهيندي چيو ته منهنجي پٽ عبدالقدوس ۽ سندس مامن سڪندر، هادي بخش، رفيق خاصخيلي منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي منهنجي پٽ مامن جي چرچ تي اچي مون خلاف ڀائرن ۽ ڀائٽن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن هن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ مذڪوره ماڻهن هٿيارن کڻي مون کي مارڻ آيا ملڪيت جي ڪري پٽ ۽ سندن ماما جن جا ويري بڻجي ويا آهن جڏهن ته مون سڀني پٽن کي پنهنجي پنهنجي حصي جي ملڪيت لکي ڏني آهي جنهن باوجود مون کي تنگ ڪيو پيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته پٽ منشيات جو ڪاروبار ڪرڻ سان گڏ غلط ماڻهن جي صحبت ۾ رهي مون پيءُ خلاف ٿي ويو آهي بار بار احتجاج ڪرڻ باوجود به پوليس ڪک پيچي ڀيٽو ناهي ڪيو مجبور ٿي ٻيهر احتجاج ڪري رهيو آهيان هن آئي جي سنڌ. ڊي آئي جي حيدرآباد. ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته نافرمان پٽ ۽ سندس مامن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 29

يڪل ڪيمپ ۽ تنظيم جي ميڊيڪل شعبي سان لاڳاپيل ماهر ڊاڪٽرن ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. ڪيمپ ۾ مريضن جي معائني لاءِ مختلف ڊاڪٽر چيمبرز (OPDs)، فيلڊ ليبارٽري پوائنٽ ۽ مفت ڊسپينسري قائم ڪئي وئي هئي. ڪيمپ دوران 2,750 کان وڌيڪ مردن، عورتن ۽ ٻارن جو مفت طبي معائنو ڪيو ويو. جڏهن ته مريضن کي مفت دوائون پڻ فراهم ڪيون ويون. ان کان علاوه مليريا، هيپاٽائيٽس ’بي‘ ۽ ’سي‘ جا مفت ٽيسٽ ڪيا ويا ۽ مليريا جي مريضن کي ايمرجنسي اينٽي مليريل دوائون ڏنيون ويون. هيءَ ڪيمپ انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاڪستان جي ميڊيڪل شعبي سان وابسطہ ڊاڪٽر ممتاز قريشي جي انٿڪ محنتن ۽ ڪوشش سان منعقد ڪئي وئي، ڪيمپ ۾ ڊاڪٽر امتياز حسين پنهور، ڊاڪٽر ممتاز قريشي، ڊاڪٽر حاصل مستوئي، ڊاڪٽر رياض احمد چنجٽي، ڊاڪٽر علي حسن قمبراڻي، قربان علي ڪپري ۽ عمار حسين پنهور پنهنجيون طبي خدمتون سرانجام ڏنيون. جڏهن ته والينٽيئرز جاويد قريشي، شهباز قريشي ۽ شفقت سومرو انتظامي فرائض پوري احسن طريقي سان نڀايا. ان موقعي تي تنظيم جي اڳواڻن ۽ ڊاڪٽرن عزم جو اظهار ڪندي چيو ته انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاڪستان ميڊيڪل شعبو انسانيت جي فلاح ۽ بهبود لاءِ پنهنجي محبوب رهبر سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري جي ڏنل هدايتن ۽ جذبي تحت هميشه سرگرمِ عمل رهندو.

بقايا عوامي سوچ 30

منعقد ڪئي ويندي. پوسٽر موجب محفل جو اهتمام دعوتِ اسلامي طرفان ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ ناليوارا نعت خوان علامه فيضان مدني عطاري ۽ سليم عطاري شرڪت ڪري بارگاهِ رسالت ۾ نعتن جي صورت ۾ عقيدت جا گل پيش ڪندا. اعلان ڪيل پروگرام موجب محفل نمازِ عشاءَ کان پوءِ شروع ٿيندي. پروگرام جو هنڌ فيضانِ بخاري مسجد ڄاڻايو ويو آهي. جڏهن ته بخاريَ فورس ڪوٽ غلام محمد جي غلام محمد کي ميزبان طور ڄاڻايو ويو آهي. محفلِ نعت جي موقعي تي عاشقانِ رسول کي شرڪت جي دعوت ڏني وئي آهي. اهڙيون ديني محفلون عشقِ رسول ، اسلامي تعليمات ۽ ديني شعور کي هٿي ڏيڻ جو ذريعو بڻجن ٿيون.

بقايا عوامي سوچ 31

جو قرآن پاڪ تي هٿ رکي ويڊيو بيان، منشيات جي ڪاروبار کان لاتعلقي جو اظهار، اعليٰ اختيارين کان انصاف جي اپيل ڄامشورو جي رهواسين اسد علي مگسي منشيات فروشن جي فهرست ۾ نالا شامل ٿيڻ واري معاملي تي قرآن پاڪ تي هٿ رکي ويڊيو بيان جاري ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ۾ منشيات جي ڪاروبار سان لاتعلقي جو اظهار ڪندي اعليٰ پوليس اختيارين ۽ لاڳاپيل ادارن کان انصاف جي اپيل ڪئي آهي. ويڊيو بيان ۾ اسد علي مگسي جو چوڻ هو ته ماضي ۾ کيس هڪ نامعلوم ڪيس ۾ نامزد ڪيو ويو هو، پر سندس چوڻ موجب هو ان ڪيس مان بري ٿي چڪو آهي. هن چيو ته موجوده صورتحال سبب کيس مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، تنهنڪري سندس معاملي جي غيرجانبداراڻي جاچ ڪرائي وڃي. اسد دعويٰ ڪئي ته پوليس ڪيترائي ڀيرا سندن گهرن تي ڇاپا هنيا آهن. پر سندن بقول ڪنهن به ڇاپي دوران منشيات هٿ نه آئي. هن چيو ته جيڪڏهن سندن خلاف ڪا شڪايت يا ثبوت موجود آهي ته ان جي قانون موجب جاچ ڪرائي وڃي. اسد علي مگسي اعليٰ پوليس اختيارين ۽ لاڳاپيل ادارن کي اپيل ڪئي آهي ته سندن موقف ٻڌو وڃي، معامل جي شفاف ۽ غيرجانبداراڻي جاچ ڪرائي وڃي ۽ حقيقتن جي روشنيءَ ۾ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 32

فراهم ڪرڻ ۽ مظلومن جي داد رسي ڪرڻ هر جج جي بنيادي ذميواري آهي. هن چيو ته بدين ۾ پنهنجي 8 مهينن واري مختصر عرصي دوران ڏينهن رات محنت ڪري پنهنجا فرض بهتر نموني ادا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي ۽ پنهنجي ڪارڪردگيءَ تي مطمئنفراهمي عدالتي نظام جو بنيادي مقصد آهي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عبدالقدوس ميمڻ وڌيڪ چيو ته بدين ۾ 8 مهينن جي عرصي دوران عدالتي سهولتن ۽ ترقياتي ڪمن جي حوالي سان گڏيل ڪوشش سان اهم ڪم ڪرايا ويا آهن. جن جا نتيجا سڀني جي سامهون آهن. هن چيو ته پنهنجي ساٿي ججن ۽ عدالتي عملي جي گڏيل محنت ۽ سهڪار سان بدين جي عدالتن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بڻائڻ ۽ انهن کي سنڌ جي نمايان عدالتن جي صف ۾ آڻڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون ويون هن چيو ته بدين ۾ رهائش ۽ خدمتن دوران کيس جيڪو عزت، احترام، محبت ۽ سهڪار مليو، تنهن کي هو زندگيءَ ڀر وساري نه سگهندو. هن پنهنجي ساٿي ججن ۽ عدالتي عملي جي سهڪار کي ساراهيندي چيو ته گڏيل محنت سان عدالتي ذميوارين جي ادائيگي ۽ عوام کي انصاف فراهم ڪرڻ جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو تقريب جي پڄاڻيءَ تي عدالتي عملي طرفان ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين عبدالقدوس ميمڻ کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ، سنڌي ٽوپي ۽ لونگي جا تحفا پيش ڪيا ويا ۽ سندس خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 33

ڪري چوري ٿيڻ جو واقعو پيش آيو آهي. ذريعن موجب، ٻڪري چوري ٿيڻ سبب پورهيت فيض محمد خاصخيلي کي مالي نقصان پهتو آهي. جيڪو پنهنجي محنت سان روزي ڪمائي پنهنجي خاندان جو پيٽ پالي ٿو واقعي بابت وڌيڪ تفصيل سامهون اچڻا آهن. آخر غريب محنت ڪش پورهيت ڪيتري عرصي تائين پنهنجي محنت جي ڪمائي ۽ قيمتي اثاثن کان محروم ٿيندا رهندا؟ لاڳاپيل اختيارين کي گهرجي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي، چوري ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ قدم کڻن ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائين.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

حاجي سيف الله ميمڻ جي ياد ۾ عظيم الشان محفلِ حمد و نعت گڏريل رات ٽائون ڪميٽي هال چوهڙجمالي ۾ منعقد

جنهن ۾ ناميارن عالمن، ثناءَ خوانن ۽ عاشقانِ رسول صہ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مقررن پنهنجي خطابن ۾ حمد و نعت جي اهميت، سيرتِ طيبه ۽ سنتِ نبوي صہ تي عمل ڪرڻ جي ضرورت تي روشني وڌي

اهڙيون روح پرور محفلون نوجوان نسل ۾ ديني شعور ۽ محبتِ رسول صہ کي وڌائڻ جو اهم ذريعو آهن

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) نوجوان فورم جمعيت علماءِ اسلام چوهڙجمالي پاران مرحوم حاجي سيف الله ميمڻ جي ياد ۾ عظيم الشان محفلِ حمد و نعت گڏريل رات ٽائون ڪميٽي هال چوهڙجمالي ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ نامياران/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

بدين ۾ لائيو اسٽاڪ کاتي جي فيلڊ عملي ۾ 13 موٽر سائيڪلون ورهايون ويون

2026ع جي مون سون سيزن دوران خدمتون سرانجام ڏيندڙ آفيسرن ۽ عملي ۾ تعريفي شيلڊون پڻ ورهايون ويون

بهترين خدمتون سرانجام ڏيندڙ آفيسرن ۽ عملي ۾ تعريفي شيلڊون ورهائڻ جي تقريب جيم خانه بدين ۾ منعقد ڪئي وئي

ڀهراڙي وارن علائقن ۾ مالوند ماڻهن کي جانورن جي علاج ۽ صحت بابت سهولتون سندن ويجهو فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

بدين (رپورٽ رجب راهمون) لائيو اسٽاڪ ۽ اينيمل هسبينڊري کاتي بدين پاران ڀهراڙي وارن علائقن ۾ جانورن جي صحت جون سهولتون يونين ڪائونسل جي سطح تائين پهچائڻ واري منصوبي "لائيو اسٽاڪ موٽر سائيڪل اينيمل هيلٿ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين عبدالقدوس ميمڻ جي بدلي جي موقعي تي الوداعي تقريب

مظلومن کي انصاف فراهم ڪرڻ ججن جي پهرين ترجيح هجڻ گهرجي: عبدالقدوس ميمڻ

سنڌي ٽوپي ۽ لونگي جا تحفا پيش ڪيا ويا ۽ سندس خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

بدين (. رجب راهمون) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين عبدالقدوس ميمڻ جي بدلي جي موقعي تي سيشن ڪورٽ بدين جي هال ۾ اسٽاف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

حاجي عبدالڪريم شورو پاران عمري جي سعادت ماڻڻ بعد 50 کان وڌيڪ ساٿي جي مان ۾ آجياڻو

عمري جي سعادت ماڻيندڙن کي مبارڪون ڏيئي سندن شاندار استقبال ڪري سندن عزت افزائي ڪئي وئي

شرڪت ڪندڙن پاران عمري جي سعادت ماڻي ايندڙ حاجي عبدالڪريم شورو ۽ ٻين کي نوٽن توڙي گلن جا هار پهرائي سندن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو

حج ۽ عمري جي ادائيگي سان انسان ۾ صبر، برداشت، ڀائيچاري، محبت ۽ انسانيت جي خدمت جو جذبو پيدا ٿئي ٿو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) عشر زڪوات ڪميٽي ضلعي ٺٽي جي چيئرمين مولوي حاجي عبدالڪريم شورو پاران تازو عمري جي سعادت ماڻڻ بعد ساٿس گڏ عمري جي سعادت ماڻيندڙ سندس ٻين 50 کان وڌيڪ ساٿي رفيقن کي پاڻ وٽ گ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

بدين ۾ ڊسٽرڪٽ پوليو ايراڊيڪيشن ڪميٽي جو اجلاس، 3 لک 91 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارايا ويندا

قومي مهم جي انتظامن، مائيڪرو پلان ۽ مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن جي ذميوارين جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

اجلاس ۾ چيئرمين ضلعي ڪائونسل جام علي اصغر هاليپوٽو، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون ڪاشف رضا منگي ۽ مختلف کاتن جي لاڳاپيل آفيسرن شرڪت

پوليو مهم دوران ضلعي ڪائونسل طرفان روينيو ۽ صحت کاتي سان مڪمل سهڪار جاري رکيو ويندو

بدين (.رجب راهمون) ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد جي صدارت هيٺ ڪميٽي روم ۾ ڊسٽرڪٽ پوليو ايراڊيڪيشن ڪميٽي جو اجلاس منعقد ٿيو. جنهن ۾ 2 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو کان بچاءَ واري قومي مهم جي انتظامن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

بدين: ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد پوليو کان بچاءَ واري قومي مهم جي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهي آهي ان موقعي تي چيئرمين ضلع ڪائونسل جام علي اصغر هاليپوٽو پڻ موجود آهي

جهمپير ويجهو ٺٽي جي ڪوهستاني ڳوٺ موسيٰ خان جاکرو ۾ اوچتو باهه

باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ پورهيت الهجڙيو جاکرو جو گهر ۽ گهر ۾ رکيل هنڌ، بسترا، سولر پليٽون، هڪ بندوق لائسنس واري ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو

جنهن ڪري باهه متاثر الهجڙيو جاکرو کي وڏو نقصان پهتو آهي، جيڪو هن وقت کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل اهي

جنهن جي اڃان تائين ڪنهن به سار ناهي لڌي، باهه متاثر پورهيت الهجڙيو جاکرو وس وارن کان مالي سهائتا جي اپيل

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) جهمپير ويجهو ٺٽي جي ڪوهستاني ڳوٺ موسيٰ خان جاکرو ۾ اوچتو باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ پورهيت الهجڙيو جاکرو جو گهر ۽ گهر ۾ رکيل هنڌ، بسترا، سولر پليٽون، هڪ بندوق لائسنس واري ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

گڏيل قومن جي صنعتي ترقيءَ واري اداري (UNIDO) پاران سرڪاري ۽ خانگي شعبي جي ڀائيوارن سان هڪ ڏينهن جو اهم اجلاس منعقد

اسنيڪ هيڊ مڇيءَ جي فارمنگ کي هٿي وٺرائڻ ۽ تربيتي مواد جي اثرائتي فراهميءَ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ڊاڪٽر ڪوڪو ڪوڪارڪن، سنڌ جي لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز کاتي ۽ BBHRDB جو ٽيڪنيڪل عملو پڻ شامل هو

اسد جميل سمون، سميع الله گندرو، منير بيجورو، توفيق سومرو، عادل امجد، آصف رشيد ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) يورپي يونين جي سهڪار سان هلندڙ PAIDAR منصوبي تحت گڏيل قومن جي صنعتي ترقيءَ واري اداري (UNIDO) پاران سرڪاري ۽ خانگي شعبي جي ڀائيوارن سان هڪ ڏينهن جو اهم اجلاس منعقد ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

Funded by the European Union
Development & Delivery Mechanism of
Aquaculture Extension Service Packages
with SL&FD Officers

ٺٽي ۾ بيضن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

هر گهر ۾ ديسي ڪڪڙيون پالڻ ۽ ٻارن جي غذائيت لاءِ بيضن جو استعمال وڌائڻ تي زور ڀريو

پولٽري پروڊڪشن کاتي ٺٽي پاران 9 آڪٽوبر تي بيضن جو عالمي ڏينهن (ورلڊ ايگ ڊي) ملهايو ويو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ بيضن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو. هر گهر ۾ ديسي ڪڪڙيون پالڻ ۽ ٻارن جي غذائيت لاءِ بيضن جو استعمال وڌائڻ تي زور ڀريو پولٽري پروڊڪشن کاتي ٺٽي پاران 9 آڪٽوبر تي بيضن جو عالمي ڏينهن (ورلڊ ايگ ڊي) ملهايو ويو. جنهن جو مقصد عوام ۾ بيضن جي غذائي اهميت بابت آگاهي پيدا ڪرڻ، ٻارن ۾ پروٽين جي کوٽ ختم ڪرڻ ۽ گ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ٺٽو پوليس جون ڪامياب ڪارروايون

ڪچي شراب جي ڀٽي ڊاهي پٽ، جوا جي اڏن تي ڇاپا 7 منشيات فروش، 7 گٽڪا فروش ۽ 3 سٽيبازن سميت 17 جوابدار گرفتار

10 ليٽر ۽ 136 ٿيلها ڪچي شراب، گٽڪا ماوا جون 900 پڙيون، آڪڙا جا 10 دٻا ۽ 2,000 رپيا روڪ رقم هٿ

ٺٽو: ڊ ر (رپورٽ واحدشورو) ٺٽو پوليس جون ڪامياب ڪارروايون. ڪچي شراب جي ڀٽي ڊاهي پٽ، جوا جي اڏن تي ڇاپا 7 منشيات فروشن، 7 گٽڪا فروشن ۽ 3 سٽيبازن سميت 17 جوابدار گرفتار 10 ليٽر ۽ 136 ٿيلها ڪچ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

عمرڪوٽ ۾ سنت شري ٻاپو ڪيتارام جي 49 هين ورسي ڌام ڌوم سان ملهائي وئي

سڄي رات ستسنگ پڻ جاري رهيو، فري ميڊيڪل ڪئمپ پڻ لڳائي مفت ۾ دوائون ۽ گوربون پڻ فراهم ڪيون ويون

عمرڪوٽ (بيوروچيف سومارسميجو) عمرڪوٽ ۾ سنت شري ٻاپو ڪيتارام جي 49 هين ورسي ڌام ڌوم سان ملهائي وئي، سڄي رات ستسن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

منڌائو ڪئنال ۾ ٻڏي ويل محمد بخش عرف مامو پنهور جو لاش 34 ڪلاڪن بعد ٻريجي موري وٽ ظاهر

لاش ڪڍڻ ۾ ڏکيائيون، انتظاميا کان مدد جي اپيل

جيڪي لاش کي ڪئنال مان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، پر ڪين ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) منڌائو ڪئنال ۾ ٻڏي ويل محمد بخش عرف مامو پنهور جو لاش 34 ڪلاڪن بعد ٻريجي موري وٽ ظا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ميرپور ماٿيلو جي پي پي ايڇ آءِ ايم سي ايڇ سينٽر ۾ غريب مريض رلندا

ايڊمنسٽريٽر اعظم راهوجو جي مبينا ڪرپشن ۽ اقربا پروري عروج تي

سادي پرچين تي لکيل دوائن ۽ سي سي ٽي وي فوٽيج کي قبضي ۾ وٺي، غريب عوام کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو جي پي پي ايڇ آءِ ايم سي ايڇ سينٽر ۾ غريب مريض رلندا. ايڊمنسٽريٽر اعظم راهوجو جي مبينا ڪرپشن ۽ اقربا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ڊائريڪٽر سماجي ڀلائي پنهنجي آفيس ۾ ميرپورخاص جي اين جي اوز سان هڪ تعارفي گڏجاڻي

هن اين جي اوز جي ماهوار ڪارڪردگي جو جائزو ورتو. سماجي تنظيمن جي نمائندن گڏجاڻي ۾ ڀرپور شرڪت

سماجي ڀلائي کاتي ۽ اين جي اوز جي وچ ۾ رابطي جي کوٽ کي ختم ڪيو ويندو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) صوبائي سيڪريٽري سماجي ڀلائي کاتي جي هدايتن تي، ڊائريڪٽر سماجي ڀلائي محمد رفيق جمالي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

دادو ۾ بدامني چوٽ چڙهيل

ڏينهن ڏٺي جو پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري جي ڀاءُ کان موٽر سائيڪل، روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر

بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ايڪسائيز آفيس ڀرسان هٿياربندن جي واردات

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ايڪسائيز آفيس ڀرسان مين روڊ تي ٽن هٿياربندن ڏينهن ڏٺي جو هٿيارن جي زور تي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

مسجدون ۽ ديني مدرسا اسلام جا قلعا آهن: مفتي منيب الرحمان

جديد دور جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ انهن ادارن کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ ضروري آهي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر پير آفتاب شاهه جيلاني/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

سنڌ جي ورهاست قبول ناهي، 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ ريلي ڪڍنداسين: ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي

سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي، ڪنهن به صورت ۾ نئون صوبو يا انتظامي يونٽ قبول نه ڪيو ويندو

رياستي ادارن ڪراچي جي سرمائيدارن سان ڪچهري دوران سنڌ کي ڇهن حصن ۾ ورهائڻ بابت ڳالهه ڪئي هئي

ڏوڪري(رپورٽر) سنڌ جي ورهاست قبول ناهي، 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ ريلي ڪڍنداسين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي. تفصيل موجب ڏوڪري ۾ جسق/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

DOKRI PRESS CLUB
ڏوڪري پريس ڪلب تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو

دادو ۾ بدامنيءَ جو راڄ، قانون ڪٿي آهي؟

ڏينهن ڏٺي جو هٿياربند ڦورو پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري جي ڀاءُ کان موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦري ويا

پوليس جي ڪارڪردگيءَ تي سواليا نشان، اطلاع باوجود ڦورن جو پيڇو نه ٿيڻ تي شهرين ۽ صحافين ۾ ڳڻتيءَ جي لهر

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر ۾ وڌندڙ بدامنيءَ ۽ ڦرجي وارداتن هڪ ڀيرو ڀيهر شهرين جي تحفظ بابت سنگين سوال اٿاري ڇڏيا آهن. ڏينهن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

وليج ابوبڪر مورو جا اسٽاپ ڀرسان روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان اقبال ولد محمد حنيف مٽياري سول اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت

روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان اقبال ولد محمد حنيف مٽياري سول اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو

نوجوان اقبال زخمي ٿي پيو هو جنهن کي علاج لاءِ سول اسپتال مٽياري منتقل ڪيو ويو

اڏيرولال (رپورٽ، ثاقب نور ساهووال) اڏيرولال وليج ابو بڪر مورو جا اسٽاپ ڀرسان روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان اقبال ولد محمد حنيف مٽياري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

دادو: زمين تي قبضي جي ڪوشش، ٽن ڄڻن کي زخمي ڪرڻ ۽ ڌمڪين جا الزام، جوابدار گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

خداآباد پوليس جوابدارن جي ڊر ۾ ٻڌل آهي، ڪيس داخل ٿيڻ باوجود ڪا گرفتاري ناهي ٿي: زخمين ۽ وارثن جي دانهن

40 ايڪڙ زرعي زمين تان قبضي جي ڪوشش روڪرائي وڃي ۽ ڪين توڙي سندن خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) خداآباد جي ڳوٺ گل محمد واريا سو ۾ 40 ايڪڙ زرعي زمين جي تڪرار تان هٿياربندن جي مبينا حملي ۾ ٽن ڄڻن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

اڏيرولعل لڳ بوقاڙ شاخ اوور ٽاپ، گهاري جو انديشو

ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت شاخ کي گهاري کان بچائي ورتو

آبپاشي کاتي کان فوري مرمت ۽ کاتي ڪرائڻ جو مطالبو

اڏيرولال (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) اڏيرولعل لڳ بوقاڙ شاخ اوور ٽاپ، گهاري جو انديشو. ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت شاخ کي گهاري کان بچائيءَ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

صدر آصف علي زرداري سان ملير جي چونڊيل نمائندن جي ملاقات

ضلعي ملير جي عوام کي درپيش بنيادي مسئلن جي حل ۽ ترقياتي منصوبن کي وڌيڪ تيز ڪرڻ تي زور ڏنو ويو

ملير جي علائقن ۾ 30 سالا ليزنگ جي مدت وڌائڻ ۽ مقامي ماڻهن جي مالڪاڻي حقن جي تحفظ بابت ڳالهه ٻولهه

پيپلزپارٽي جي قيادت ۽ چونڊيل نمائندن پاران ملير جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ گڏجي اثرائتي انداز ۾ ڪم جاري رکڻ جو عزم

ملير (رپورٽر) صدر مملڪت آصف علي زرداري سان ملير جي چونڊيل نمائندن جي اهم ملاقات. اسلام آباد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ صدرِ مملڪت آصف علي زرداري سان ضلعي ملير جي چونڊيل ايم اين ايز، ايم پي اي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21



ملير: صدر آصف علي زرداري سان ملير جي چونڊيل نمائندن جي ملاقات ڪندي

سکر پاڪولا چوڪ جي رهواسي رند بلوچ قوم سان تعلق رکندڙ غلام علي رند پنهنجي باٿر متن مائٽن خلاف احتجاج

تقريبن هڪ سال اڳ هن پنهنجي نياڻي مسمات پاڳي جي شادي شير علي ولد وهاب رند سان ڪئي هئي

پر شادي ڪانپوءِ سندس نياڻي جي سهري وهاب رند مبينا طور تي سندس نياڻي کي زيادتي جو نشانو بڻايو

جنهن ڪانپوءِ سندس نياڻي سيشن ڪورٽ ۾ طلاق حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي

سکر (رپورٽر)سکر پاڪولا چوڪ جي رهواسي رند بلوچ قوم سان تعلق رکندڙ غلام علي رند پنهنجي باٿر متن مائٽن جي مبينا ظلم، تشدد ۽ سنگين نتيجن جي ڌمڪين خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي اعليٰ اختياري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ڪراچي ڪلائيميٽ ايڪشن پلان تي سست رفتاري سبب ڳڻتي جو اظهار

"ڪراچي ڪلائيميٽ ايڪشن پلان ۽ ان تي عملدرآمد جا مسئلا" جي عنوان سان ٿيل مڪالمي دوران ڪيو ويو

منصوبي لاءِ واضح ذميواريون، مناسب مالي وسيلا، ادارن وچ ۾ رابطي ۽ باقاعده نگراني جو نظام قائم ڪرڻ ضروري آهي

ڪراچي (رپورٽر) بلدياتي نمائندن شهر جي ماحولياتي تحفظ لاءِ تيار ڪيل ڪراچي ڪلائيميٽ ايڪشن پلان تي سست رفتاري سان عمل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ناروشاهه ۾ مينڊي جي آبادگارن پاران واپارين ۽ ڪارخانيدارن خلاف احتجاج

مينڊي جي ڪارخانيدارن ۽ واپارين جو آبادگارن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ آهي: شريف ڏهراج

1500 روپيا مڻ خريد ڪري پنجن کان ڏهه ڪلو ڪٽوتي ڪري آبادگارن جو معاشي قتل عام ڪري رهيا آهن

فوري طور مينڊي جو اگهه وڌائي ڪارخانيدارن ۽ واپارين خلاف ڪاروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه ۾ مينڊي جا آبادگار سراپا احتجاج بڻيل هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي مينڊي جي واپارين ۽ ڪارخانيدارن خلاف نعريبازي ڪندي پريس ڪلب آڏو آبادگارن شريف ڏهراج، بخشل ڏهراج، حاڪم ٻاٽ، بخشل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

پٿورو جي شاهين ڪمپيوٽر سينٽر ۾ ٽيسٽ جي نتيجن جي تقريب

تقريب دوران ٽه ماهي ٽيسٽ ۾ نمايان پوزيشنون حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ شيلڊون ۽ ميڊلز ورهايا ويا

شاهين ڪمپيوٽر سينٽر مان ڪمپيوٽر جا مختلف ڪورس مڪمل ڪندڙ شاگردن کي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا

نوجوانن کي جديد تعليم ۽ فني مهارتن سان آراسته ڪرڻ لاءِ اهڙيون ڪوششون جاري رکڻ گهرجن

پٿورو (رپورٽر) پٿورو ۾ قائم شاهين ڪمپيوٽر سينٽر ۾ شاگردن کان ورتل ٽه ماهي ٽيسٽ جي نتيجن جي حوالي سان هڪ مختصر ۽ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جي شروعات تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي. تقريب ۾ استاد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

پٿورو جي شاهين ڪمپيوٽر سينٽر ۾ ٽيسٽ جي نتيجن جي تقريب جو ڏيک

عادلپور پوليس جي ڪارروائي، ڦرتيل موٽرسائيڪل برآمد

عادلپور (رپورٽر) ڪجهه ڏينهن اڳ عادلپور عادلپور پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، ڦرتيل موٽرسا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ذهني صحت جو خيال رکڻ هر انسان لاءِ ضروري آهي: سيده قرت العين شاهه

ڄامشورو (رپورٽر) عالمي ذهني صحت جي ڏهاڙي جي موقعي تي وومين ڪمپلينٽ سيل ۽ سيف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ٽنڊوالهيار جو رهواسي امام بخش خاصخيلي نافرمان پٽ ۽ سالن جي ڏاڍائين خلاف انصاف لاءِ احتجاج

منهنجي پٽ عبدالقدوس ۽ سندس مامن سڪندر. هادي بخش. رفيق خاصخيلي منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي

منهنجي پٽ مامن جي چُرچ تي اچي مون خلاف ڀائرن ۽ ڀائٽن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن

ڪجهه ڏينهن اڳ مذڪوره ماڻهون هٿيارن ڪٺي مون کي مارڻ آيا ملڪيت جي ڪري پٽ ۽ سندن مامن جا ويري بڻجي ويا آهن

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ گل محمد خاصخيلي جو رهواسي امام بخش خاصخيلي نافرمان پٽ ۽ سالن جي ڏاڍائين خلاف انصاف لاءِ پريس ڪلب پهچي ويو ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڳوٺاڻي امام بخش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

سيوهڻ ۾ انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاران ميڊيڪل ڪيمپ جو انعقاد

ميڊيڪل شعبي سان لاڳاپيل ماهر ڊاڪٽرن ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون

ڪيمپ دوران 2,750 کان وڌيڪ مردن، عورتن ۽ ٻارن جو مفت طبي معائنو ڪيو ويو

والينٽيئرز جاويد قريشي، شهباز قريشي ۽ شفقت سومرو انتظامي فرائض پوري احسن طريقي سان نڀايا

سيوهڻ (پريس رليز) : انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر پاڪستان جي ميڊيڪل شعبيِ پاران، عرشيه ٽراما اينڊ جنرل اسپتال حيدرآباد جي سهڪار سان، سيوهڻ ۾ هڪ روزه مفت ميڊيڪل ڪيمپ جو انعقاد ڪيو ويو. مفت ميڊ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

سيوهڻ ۾ انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر پاران ميڊيڪل ڪيمپ جو انعقاد ڪيو ويو

ڪوٽ غلام محمد ۾ 11 آڪٽوبر تي محفلِ نعت شريف منعقد ٿيندي

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد ۾ 11 آڪٽوبر، آچر جي ڏينهن محفلِ نعت شريف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

ڄامشورو: منشيات فروشن جي فهرست ۾ نامزد اسد علي مگسي پاران لاتعلقي ظاهر

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو: منشيات فروشن جي فهرست ۾ نالا شامل ٿيڻ تي اسد علي مگسي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين جي بدلي جي موقعي تي الوداعي تقريب

مظلومن کي انصاف فراهم ڪرڻ ججن جي پهرين ترجيح هجڻ گهرجي: عبدالقدوس ميمڻ

گڏيل ڪوششن سان اهم ڪم ڪرايا ويا آهن، جن جا نتيجا سيني جي سامهون آهن

بدين (رپورٽ ڊ ر) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين عبدالقدوس ميمڻ جي بدلي جي موقعي تي سيشن ڪورٽ بدين جي هال ۾ اسٽاف طرفان الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب کي خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عبدالقدوس ميمڻ چيو ته مقررين ۽ بدليون سرڪاري ملازمت جو حصو آهن. جڏهن ته پنهنجي فرضن جي ادائيگي دوران عوام کي انصاف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

ڪوٽ غلام محمد: رڪشو هلائيندڙ پورهيت جي ٻڪري چوري

ٻڪري چوري ٿيڻ سبب پورهيت فيض محمد خاصخيلي کي مالي نقصان پهتو

نوٽيس وٺي، چوري ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن: مطالبو

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) نيو سٽي هائوسنگ اسڪيم مان رڪشو هلائيندڙ پورهيت فيض محمد خاصخيلي جي ٻڪري چوري، نيو سٽي هائوسنگ اسڪيم مان رڪشو هلائي گذر سفر ڪندڙ غريب پورهيت فيض محمد خاصخيلي جي ٻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33